
سوجهرو
سينگاريندڙ:
بيدل مسرور
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
نصير مرزا
لياقت رضوي
پارس عباسي
مبارڪ لاشاري
ساجد سومرو
انور شيخ
رزاق سهتو
شوڪت لوهار
منظور ڪلهوڙو
حسيب ڪانهيو
ڊاڪٽر مشتاق ڦل
ساٿي محبوب
اداسي جڪراڻي
اصغر باغي
مصطفيٰ انڙ
نصرين الطاف
ذوالفقار گاڏهي
امين چانڊيو
مختيار سهتو
سعيد ميمڻ
تاج بلوچ ۽ پيا.
ادل سومرو نمبر
سالگره مبارڪ
173

سال:15. شمارو:172. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# تڇ مي پليز...

تخليقي عمل ۾ سمورا گهاڙيتا، فنڪار جي وجدان جي اثر هيٺ ظاهر ٿين ٿا. فنڪار جي اهڙي اظهار ڪي، صفات بدران ذات جي حوالي سان، فنڪار سميت سموري سماج ۽ انسانيت جو اظهار چيو ويجي ٿو.

جڏهن تخليق آڏو آئي ته هڪ اهڙو شخص به پيدا ٿيو جنهن اهڙي اظهار جو تجزيو ڪندي چيو، 'لکٽيءَ جي چنڊچاڻ جو مقصد، ان کي بيهر لکڻ جي برابر آهي.' هن جو خيال آهي ته ليکڪ، جذبن جي شدت مان لفظن ۽ رنگن جي تصوير ٺاهيندو آهي. جڏهن ته هو (نقاد) لفظن، رنگن، آوازن ۽ تصويرن جي معرفت ان ليک کي Re-write ڪندو آهي.

تنقيد جي اهڙي لاڙي لاءِ نقاد وٽ اهو دليل آهي ته گذريل ٽِن صدين ۾ فن جي مري وڃڻ يا ان جي ڪراڙي ٿي وڃڻ جا اعلان ٿيا. تنهن ڪري اهڙين لکٽين جي مهذب معاشرن ۾ Adjustment جو سوال ڏاڍو ڳنڀير ۽ اهم آهي.

بلاشڪ نقاد کي پنهنجي منصب جي سچائيءَ پرکڻ جو حق آهي، پر تخليقي عامل اهڙي پرک کي قبول نٿو ڪري. هن جو خيال آهي،

"سچائي جي حاصلات ۽ پرک جو ذريعو عقل ناهي. آرٽ جي تخليق وجدان مان ٿئي ٿي، عقل مان نه. آرٽ جو جوهر، تخليق جي قوت آهي. جيڪا تخليق کي عقل ۽ تاريخ کان ڌار ڪري ٿي. فنڪار جڏهن خيالن جي ڪائنات مان نڪري به ڏون چار ۽ ان جي نتيجن جي دنيا ۾ پير پائيندو آهي تڏهن آرٽ ختم ٿي ويندي آهي. وجدان، شين کي هيڪڙائي ۾ ڏسڻ جو نالو آهي. وجدان شين جي اصل حقيقت تائين پهچڻ جو نالو آهي. عقل جو لاڳاپو فقط عملي دنيا سان آهي."

جڏهن ته، وجدان جمالياتي سچائي تائين پهچڻ جو نالو آهي. احساس جي شدت، آرٽ جي اهڃاڻي انداز کي سولو ڪري پيش ڪندي آهي. فنڪارانه وجدان Lyrical (سريلو/ غنائي) هوندو آهي.

اهڙا فنڪار ته ٽيڪنيڪ کي به ابلاغ Communication جو هڪ ذريعو سمجهن ٿا. هنن جو خيال آهي ته جن وٽ فن جي کوٽ آهي، اهي ئي ٽيڪنيڪ تي زور ڏين ٿا. هنن جو خيال آهي ته سندن مصرعي مصرعي ۾ اڻ ڳڻيون ڪيفيتون، رنگ ۽ آواز موجود آهن. جن مان خوبصورت پيڪر جڙن ٿا. هو آرٽ کي مختلف گهاڙيتن ۽ تصورات جي صورت ۾ نه. پر ان کي فنڪاراڻي شخصيتن ۽ انهن جي لامحدود ڪيفيتن طور تسليم ڪن ٿا ۽ فن جو بنياد فنڪار جي شخصيت کي مڃين ٿا. هو تخليقي بنياد لاءِ اخلاقي شعور تي به زور ڏين ٿا. پر چون ٿا ته اخلاقي شعور ڪنهن کي فنڪار بڻائڻ لاءِ ڪافي ناهي. ان لاءِ شاعراڻي ٻڌيماني' جو هجڻ ضروري آهي، باقي شيون ٻارڻ جو ڪم ڏين ٿيون.

شاعريءَ جو ڪو مقصد نه هوندو آهي، ڪو سنيهو ڪو پيغام، نه نه. شاعري اهڙو ڪرٽو آهي، جيڪا پنهنجي روشنيءَ جو پاڻ ئي ڪارڻ آهي ۽ اونداهيءَ ۾ لڪيل شين کي ظاهر ڪندي آهي. مفڪر هجي، سياستدان هجي يا نقاد، وٽن تخيل جو ذخيرو موجود هوندو آهي. سياسي شاعري، شاعري ناهي. شاعري جو لاڳاپو تخيل سان آهي، پر نج شاعريءَ جو تصور پوکپائي آهي. ائين جيئن ڪو سمجهي، 'گل، زمين ۽ ڏنڊڻ ڪانسواءِ به ڦٽي سگهي ٿو.'

**تاج بلوچ**

# سنڌي ٻولي قومي ٻولي

# وچور

**نقطئہ نظر:**

| | |
|---|---|
| شيخ اياز- منفرد قلمڪار (آخري) | ڊاڪٽر الانا |
| محبت جو شاعر... | زيد پيرزادو |



**ادل سومرو نمبر:**

| | |
|---|---|
| پروفائيل.... | ادارو |
| بيت ۾ نوان تجربا... | تاج بلوچ |
| ڌرتيءَ جو شاعر... | بيدل مسرور |
| هر صنف جو شاعر... | ڊاڪٽر رسول ميمڻ |
| جي خواب هجان ها... | نصير مرزا |
| پوپٽن جون چاهتون... | پارس عباسي |
| حسن آڏو هار آهي... | لياقت رضوي |
| عهد جو عڪاس شاعر... | مبارڪ لاشاري |
| شاعريءَ ۾ ڏاهپ... | ساجد سومرو |
| تماشو درد ٿو بڻجي... | ادل سومرو |

**ڪهاڻي:**

| | |
|---|---|
| شرافت جو چولو... | رزاق سهتو |
| ٻه وڏيون ڪهاڻيون... | انور شيخ |
| دانشور... | شوڪت لوهار |
| او جهڙُ ٻَيَڙ... | منظور ڪلهوڙو |
| انڌ... | حيسب ڪانهيو |

**دوها:**
سعيد ميمڻ.

**وائيون:**
ساٽي محبوب ۽ اصغر باغي

**نظم / نثري نظم:**
ڊاڪٽر مشتاق ڦل ۽ مختيار سهتو.

**غزل:**
ذوالفقار گاڏهي، مصطفيٰ انڙ، اداسي جکراڻي، شير هاليپوٽو، امين چانديو، بيتاب ناپر، فراخ جانوري ۽ نسرين الطاف.

**جي مارن مونڊي موڪليا:**
رضا لانگاهه، عنايت لغاري ۽ سعيد ميمڻ.

**آفيس ايڊريس:**
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.
فون: 021_34019264_5

**خريداريءَ جا اگهه:**
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

**مئنيجنگ ايڊيٽر:** فراز بلوچ
**ايڊيٽر:** تاج بلوچ
**آرٽ ايڊيٽر:** حامد ڪبيري

OFF: 0333_2013648
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail: tajbaloch2505@yahoo.com

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



# شيخ اياز
## هڪ منفرد قلمڪار



ڊاڪٽر غلام علي الانا

**17**

(الف) مون ڪي هت اهو بحث ڪرڻو نه آهي ته شيخ اياز ڪميونسٽ هو يا نه، پر هو اشتراڪيت واري نظرئي جو قائل ضرور هو. هن سلسلي ۾، گرامي صاحب وڏو بحث ڪيو آهي. هن ڪتاب جي صفحي 40 تي، خود شيخ صاحب جي حوالي سان لکيو ويو آهي ته:

”مان ڪميونسٽ ناهيان، جيتوڻيڪ اُجا تائين مون کي اشتراڪيت جو تسلي بخش نعم البدل ڪنهن به فلسفي ۾ نه مليو آهي. مون کي هر ظلم و تشدد کان نفرت آهي. منهنجي نظر ۾ جيڪو به زندگيءَ جو فلسفو يا نظام، انسان ۽ خصوصاً اديب ۽ فنڪار کان فڪر ۽ عمل جي آزادي کسي، اهو نفرت خيز آهي. مون ڪنهن به انسان جي حرف کي حرف آخر تسليم نه ڪيو آهي، پوءِ اهو ڪارل مارڪس جو هجي. ٻئي ڪنهن پيغمبر جو. هر انسان جو بنيادي حق آهي، ته پنهنجي لاءِ بي انتها آزاديءَ سان پنهنجو فلسفه حيات ڳولهي.“

آءٌ اسلامي فلسفي جي سلسلي ۾ بلڪل ’ٻڙي‘ آهيان، پر هڪ مسلمان هجڻ جي حيثيت ۾ ايتري ڄاڻ ضرور رکان ٿو، ته پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندن وصي حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي سيرت پاڪ مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم ۽ سندن وصي، انسانذات جي آزاديءَ جا مبلغ هئا. حضرت علي ڪرم الله وجهه جو ’نهج بلاغ‘ شروع کان آخر تائين اهڙي درس سان ڀريو پيو آهي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم به ته اهوئي سيکاريو ته هر انسان جو بنيادي حق، سندن لاءِ آزادي آهي. شيخ صاحب جن جو به پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي مبارڪ زندگيءَ تي وڏو مطالعو هو، جيئن سندن تقريرن مان ظاهر آهي.

(ب) اهو بلڪل صحيح آهي ته شيخ اياز، پنهنجيءَ ذات ۾ هڪ وڏو ادارو هو. هن بين الاقوامي فلسفن، ادبي نظرين ۽ فڪر کي پڙهيو هو، جيئن مون اڳ ۾ عرض ڪيو آهي. شيخ صاحب جا مٿي بيان ڪيل ويچار، سندس پوئين دور واريءَ زندگيءَ جا نه آهن. ٻنهي محققن به صفحي 40 تي قبول ڪيو آهي، ته ”شيخ اياز، پنهنجي حياتيءَ جي آخري حصي جي ڪجهه سالن جي عرصي ۾، تاريخ، فطرت، ادب ۽ زندگيءَ بابت ڪجهه اهڙا ويچار پيش ڪيا آهن، جيڪي فڪري لحاظ کان غير منطقي به آهن.“

عجيب ڳالهه ته اها آهي جو جڏهن شيخ صاحب جا ويچار يا زندگيءَ بابت هن پنهنجا ويچار، نظريا ۽ خيال بدلايا، تڏهن محققن کي شيخ صاحب جي اهڙيءَ تبديليءَ واري ڳالهه ڪانه وڻي، ۽ محققن صفحي 40 تي اهو فرمايو ته:

”شيخ صاحب ڪجهه اهڙا ويچار پيش ڪيا آهن، جيڪي فڪري لحاظ کان غير منطقي آهن.“

خير!.... اختلاف رکڻ جو حق هر هڪ ماڻهوءَ کي آهي، پر هنن ٻنهي صاحبن کي اهو اختيار ڪنهن ڏنو ته لکن ته:

”شيخ اياز جي ويچارن ۾ تبديلي ۽ تغير فڪري لحاظ کان غير منطقي آهن.“

اهي ٻئي صاحب صفحي 40 تي هيئن ٿا فرمائين:

”جيتوڻيڪ فطرت، زندگي ۽ اُن نسبت سان ويچارن ۾ تبديلي ۽ تغير هڪ فطرتي لقاءُ آهي، ۽ اُن حوالي سان اياز جي سوچ ۽ فڪر ۾ انهن تبديلين کي ڪنهن حد تائين Justify ڪري سگهجي ٿو، پر ڳالهه رڳو تبديليءَ جي ناهي. ڳالهه اُن تبديليءَ جي جوهر جي آهي. جو اها تبديلي، اياز جي فڪر ۽ سوچ کي اجا وڌيڪ منطقي، گنڀير ۽ فطرت جي سائنسي حقيقتن سان نهڪندڙ آهي، ته پوءِ ٺيڪ آهي، نه ته ٻيءَ صورت ۾ اُن جي چنڊڇاڻ ٿيڻ گهرجي.“

(ت) مون اياز جو ڪتاب ’اُٺي اور الله سين‘ پڙهيو نه آهي، پر اهو ته محققن به قبوليو آهي ته اياز جي سوچ ۽ فڪر ۾ سندس زندگيءَ جي آخري حصي ۾ تبديلي آئي هئي، جيڪا ڳالهه محققن کي نه ٿي وڻي، ڇاڪاڻ ته هنن اهو چاهيو ٿي ته اياز پنهنجي آخري زندگيءَ ۾ به اهڙائي شعر ڏهرائي، جهڙا هن اوائلي زندگيءَ ۾ چيا هئا. اهڙي هڪ شعر جي مصرع آهي:

اڄو اڄو!

نچو نچو!

نچي ڪيو سجود ڪام ديو جو، اڄو اڄو!

جيڪڏهن اياز شروعاتي زندگيءَ کان وٺي، مرڻ گهڙيءَ تائين اهائي ڪام ديو واري مضمون واري شاعري ڪندو رهي ها، ته اياز جي شاعريءَ ۾ قوم پرستيءَ ۽ ترقي پسنديءَ وارو رجحان هرگز پيدا نه ٿي سگهي ها، جنهن جا حوالا هن ڪتاب ۾ صفحي 36 تي پيش ڪيا ويا آهن.

**18**

(الف) شيخ اياز جهڙو وڏوان ۽ گهڻو مطالعو رکندڙ شخص، پنهنجن ڪتابن ۾ يا ته ڪن ڪتابن جا نالا غلط لکي ويو آهي يا ته وري ڪن ڪتابن جي مصنفن جا نالا ڪانئس غلط لکجي ويا آهن. مثال طور ’رهنماءِ شاعري‘ ڪتاب جي مصنف جو نالو ’ساهيوال جيل واري ڊائريءَ ۾‘ ’محمود خادم‘ ڄاڻايو اٿس. محقق صاحبن کي يا ته درست نالي لکڻ جي همت ڪانه ٿي آهي يا ته چشم پوشيءَ کان ڪم ورتو اٿن. ايم - اي جا شاگرد به ڄاڻن ٿا ته ’رهنماءِ شاعري‘ ڪتاب جو مصنف ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل هو ۽ نه ڪ حاجي محمود خادم. سنڌي شعبي جي استادن ۽ هن ڪتاب جي محققن، صفحي 64 ۽ 65 تي، شيخ صاحب جا لفظ، جيئن جو تيئن نقل ڪيا آهن، ۽ پنهنجي ڪا به راءِ ڪانه ڏني اٿن. مثلاً شيخ صاحب فرمايو آهي:

”منهنجي سنڌ جي نئين نسل جي شاعرن لاءِ اها هدايت آهي ته هو فارسي بحر ۽ وزن جو مطالعو ضرور ڪن. ائين برابر آهي ته فارسي هاڻي اسان جي تعليمي نصاب ۾ زبردستي مسلط نه ٿي ڪئي وڃي، ۽ ٿورا ماڻهو پارسي ڄاڻن ٿا، پر گهٽ ۾ گهٽ اردوءَ جي ذريعي اسان جي شاعرن لاءِ لازمي آهي ته هو فن عروض جو غور سان مطالعو ڪن. مون ته ٻئي درجي ۾ اُن موضوع تي ڀيرين محمود خادم جو ڪتاب رهنماءِ شاعري پڙهيو هو ۽ مون کي بحر وزن جي مشق به چار سال ڪرڻي پيئي هئي.“

منهنجي خيال ۾ ساهيوال جيل واري ڊائري لکڻ وقت شيخ صاحب کان ’رهنماءِ شاعري‘ ڪتاب جي مصنف جو صحيح نالو وسري ويو هو. دراصل شيخ صاحب هن دعوا ڪرڻ ۾ پاڻ ڦڏايو آهي. ’رهنماءِ شاعري‘ ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1936ع ۾ ڇپجي ڇپيو هو، اُن زماني ۾ شيخ صاحب جي عمر 13 سالهئي، ۽ هو يقيناً ٻيو درجو پڙهندو هوندو. ايتريءَ عمر ۾ هن علم عروض کي سمجهيو هوندو، اهو فيصلو آءٌ عبدالقيوم ”صائب“ تي ڇڏيان ٿو، جيڪو هن علم ۾ ڄاڻ رکي ٿو.

(ب) هن ئي سلسلي ۾ ڪتابن ۽ مصنفن جي غلط

نالن جي باري ۾ شيخ صاحب جي ڪتابن ۾ داخل ٿي وڃڻ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر جوٽيجو، پنهنجي مذڪوره ڪتاب جي پيش لفظ ۾، شيخ صاحب طرفان اسڪالرن تي ڪيل تنقيد جو جواب ڏيندي لکيو آهي ته:

”حوالا نه ونڻ ۽ ڪتاب نه ڏسڻ سبب غلطيون ٿين ٿيون. اُن جو شيخ اياز جي هن ئي ڪتاب ۾ مثال موجود آهي.“

ڪتابن جي غلط نالن جي سلسلي ۾، ساڳئي صفحي 14 تي ڊاڪٽر جوٽيجو لکي ٿو:

”شيخ صاحب جهڙو سڄاڻ مفڪر ڪٿي ڪٿي سنڌي ڪتابن ۽ اُنهن جي مصنفن جا نالا غلط لکي ويو آهي.“

ڊاڪٽر جوٽيجو، اهڙو حوالو ڏيندي، مذڪوره ڪتاب جي پيش لفظ جي صفحي 15 تي لکي ٿو:

”هو منگهارام اوجها جي ڪتاب جو نالو صفحي 25 تي پراڻو پارڪر صحيح طور لکي ٿو ۽ صفحي 239 تي پئرا ۾ اُن جو ليکڪ رائچند کي ڄاڻائي ٿو، ته ٻئي پئرا ۾ ڪتاب جو نالو تاريخ پارڪر ڄاڻائي ٿو.

”ائين خداداد خان جي ڪتاب ’لُب تاريخ سنڌ‘ کي عبدالحي خان جو لکيل ڄاڻائي ٿو. مسعودي کي وري ڏسڻ ۽ ڪتاب اڳيان رکڻ سان غلطي نه ٿئي ها.“

(ت) اهڙيءَ طرح جوٽيجو صاحب پنهنجي ساڳئي ڪتاب ”شيخ اياز هڪ مطالعو ۾“ اياز جي ڪتاب ’چنڊ ڳليون‘ جي صفحي 69 ۽ 70 جي حوالي سان لکي ٿو:

”بقول اياز، اڪثر اوندهه ۾ لکڻ ڪري ڪن ڳالهين ۾ غلطيون به ڪري ويو آهي. هو لکي ٿو:

’مون ڪشف المحجوب جي مصنف جي درگاه تي دعا گهري، هن کان پڇيو: ’تون جو شڪر گنج آهين، منهنجو منهن مٺو ڪڏهن ڪرائيندين؟ اجا ته اهو زهر سان ڀريو پيو آهي.“

جوٽيجو صاحب، شيخ صاحب جي غلطي درست ڪندي، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 147 تي لکي ٿو:

”حقيقت ۾ شڪر گنج حضرت بابا فريد پاڪ پتڻ واري جو لقب آهي ۽ نه حضرت علي هجويري داتا لاهوري مصنف ڪشف المحجوب جو.“

درحقيقت بابا فريد جو لقب ’گنج شڪر‘ آهي ۽ نه ڪ شڪر گنج.

(ٿ) شيخ اياز جهڙي سنڌي زبان جي قداور شاعر، پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي پهاڪن جو استعمال به صحيح نه ڪيو آهي. اسان جا محقق صاحب ان سلسلي ۾ خاموش آهن، پر ڊاڪٽر جوٽيجي پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 115 تي، شيخ صاحب جي اهڙيءَ ڪمزوريءَ جي به نشاندهي ڪئي آهي. جوٽيجو صاحب لکي ٿو:

”ڪن پهاڪن کي اُبتو به ڪيو اٿس. اڪثر پهاڪا ڪٿي ڪٿي بي اثر به نظر ايندا آهن. اياز ڪن کي پنهنجا مقولا به بنائي ڇڏيو - مثلاً:

**- هر ڪو ڪاسائي پنهنجي پاءِ ٽنگبو.**

(اصل پهاڪو آهي: هر ڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي)

**- ٻڪيو مٺو ڪنهي نه ڏائي جو مٺو وڃي.**

(اصل: جيسين ڏائو پيٽ ڪنهي، تيسين ٻڪئي جو ساهه وڃي)

**- رتو راس ٿئي ته واهه نه ته ڀڳي سان ئي پيرڻ ايا ٽپ آهي.**

(اصل: جاسين راتو راس نه ٿئي، تاسين ڀڳي سان ئي پير)

**- ڳاڙهن گهوٽن جا مڙهه مقامن ۾ ته نه هوندا آهن!**

(اصل: ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾)

**- سوٽي به ساڻ نه هجي، گڏهه به گوهي نه ڪري**

(اصل: سوٽي هجي ساڻ، ته گڏهه گوهي نه ڪري)

## 19

(الف) نثر نويسيءَ واري باب ۾ صفحي 117 ۽ 118 تي، شيخ صاحب جي ڪهاڻين جي مجموعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اُن کان پوءِ صفحي 119 تي، سندس خطن تي مشتمل ڪتابن ۽ پوءِ سندس آتم ڪهاڻين، جيل جي ڊائرين، سندس تقريرن ۽ صفحي 132 کان سندس سفرنامن جو ذڪر آهي. ڪهاڻين واري حصي ۾ صرف ڪهاڻين يا اُنهن جي مجموعن جا عنوان ڏيڻ سان، محققن، پڙهندڙن کي اياز جي ڪهاڻين بابت ڇا ٻڌايو آهي؟ هنن ائين به ڪو نه لکيو آهي، ته اياز جي ڪهاڻين جا موضوع ڪهڙا آهن؟ سندس ڪردار ڪير آهن؟ سندس ڪهاڻين ۾ طرز تحرير ۽ حسن بيانيءَ جي لحاظ کان ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون آهن؟ سندس ڪردارنگاري ڪيئن آهي؟ سندس اُسلوب بيان ڪهڙين ڪهڙين خوبين سان ڀريل آهي؟ منظرنگاري، ماحول جي نقاشي ۽ حقيقت نگاريءَ جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون سندس ڪهاڻين ۾ شامل آهن؟ اهڙيءَ طرح افسانه نويسيءَ لاءِ تنقيد جا جيڪي اصول آهن، اُنهن کي سامهون رکي، شيخ صاحب جي ڪهاڻيءَ جي باري ۾ راءِ ڏيڻ جي ضرورت هئي. شيخ صاحب جي ڪهاڻين کي پرکڻ کپندو هو. اُنهن جي خوبين ۽ خامين کي نروار ڪرڻ کپندو هو. باقي صرف ائين لکي ڇڏڻ ته فلاڻي ڪهاڻي، فلاڻي سال ۾، فلاڻي رسالي ۾ ڇپي يا فلاڻو مجموعو فلاڻي سال ۾، فلاڻي اداري ڇپايو واري مواد کي تحقيق نه، پر لائبريري سائنس جي شعبي جي شاگردن لاءِ ڪئٽالاگنگ لاءِ معلوماتي مواد چئبو.

## 20

(الف) شيخ صاحب جي نثر نويسيءَ وارن مثالن ۾ محققن ٻن ڳالهين تي خاص زور ڏنو آهي. اُنهن مان هڪ ڳالهه آهي شيخ صاحب طرفان ’پاڻ پڏائڻ‘ ۽ ٻي ڳالهه آهي شيخ صاحب جا معاشقا. هن باب ۾ اُن ڳالهه تي به زور ڏنو ويو آهي ته شيخ صاحب جي ڪتابن جا مهاڳ ڪهڙين ڪهڙين خواتين لکيا. پنهنجن معاشقن جو ذڪر شيخ صاحب ته ٻڍاپڻ واريءَ عمر ۾ ’لذتِ نفس‘ خاطر ڪيو، پر لڳي ٿو ته محققن به اُن مان خوب حِظ ورتو آهي، ورنه اَهڙن جملن لکڻ کان پرهيز ڪرڻ کپندي هئي، ڇاڪاڻ ته هيءُ ڪتاب سنڌي شعبي جي پبليڪيشن طور شايع ڪيو ويو آهي. شيخ صاحب بيشڪ ڪن خواتين سان اکيون اڙايون هيون. اهڙين ڳالهين جو ذڪر يورپ ۽ آمريڪي ادب ۾ عيب نه آهي، پر اسان جو سماج، خاص ڪري سنڌي سماج، اهڙي ذڪر کي اُگهاڙپ ٿو سمجهي ۽ اجازت نه ٿو ڏئي.

(ب) آءٌ نٿو چاهيان ته شيخ صاحب وارن معاشقن کي دُهرايان يا محققن واري جنسي لذت خاطر شيخ صاحب جا لکيل لفظ دُهرايان. انهن جملن کي دُهرائڻ سان هنن شيخ صاحب جي عظمت کي اوچو نه ڪيو آهي، پر يونيورسٽيءَ جهڙي عظيم تعليمي اداري جي انهيءَ اعليٰ منصب تي پهچڻ واري شخص لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اصول ۽ پابنديون آهن، اُنهن تي عمل ڪرڻو آهي.

(ت) هن ڪتاب ۾ صفحي 71 تي رومانيت جي ذڪر جي حوالي سان ڏنل ڪلام ۾، رومانيت جو ذڪر گهٽ ۽ جنسيات جو ذڪر وڌيڪ آهي. اهڙو مضمون، سندس غزلن ۾ وڌيڪ آهي. اهڙن غزلن جو ذڪر محققن صفحي 71 تي ڪيو آهي.

هن سلسلي ۾ هري درياني دلگير، ”سهڻي اياز نمبر 2“ ۾، صفحي 36 تي اياز لاءِ هيئن ٿو لکي:

”اياز ٻيو ڇا به آهي يا ناهي، پر هو عاشق مزاج ضرور آهي ۽ پنهنجي عشق جو اظهار بيباڪيءَ سان ٿو ڪري، اِنڪري سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي بار چڪلن (وئشا آلين) ۽ رنڊين (وئشائن) جو ذڪر اچي ٿو، يعني هو پنهنجي پريتما جي چوليءَ جا ٻيڙا کولي پيار جون رانديون ٿو رمي:

**تنهنجيءَ چوليءَ جا پرين، کولي مون ٻيڙا،**
**صدين او سيڙا، لاٿم تنهنجا ڪن ۾.**

(ٿ) مون عرض ڪيو آهي ته شيخ صاحب جي نثري حصي ۾ پاڻ پڏائڻ واريون ڳالهيون به آهن. مثال طور هن ڪتاب ۾، صفحي 148 تي، شيخ صاحب جا لکيل هي جملا پڙهو:

”هڪ ڀيري تاشقند جي سفر دوران مان، قدسيه بانو (اهو نالو شيخ صاحب غلط لکيو آهي. محترمه جو نالو آهي بانو قدسيه)، خاطر غزنوي، گل رخسار، ارينا، ٻئي نوجوان ۽ خوبصورت هيون، ۽ گائيڊ هيون، ۽ هڪ ٻي خاتون جا تاشقند ۾ رائيٽرس گلڊ پاران ڏنل دعوت تي اسان سان گڏ هئي، اسين هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ مدعو هئاسون. گلڊ جي سيڪريٽريءَ جو تخلص ’مومن‘ هو. هن اسان کي پنهنجي رباعيات جي ٽي چار انچ ڊگهي ڇپيل چوپڙي تحفي طور ڏني، جنهن ۾ اٽڪل چاليهارو صفحا هئا، جا اجا تائين مون وٽ مومن جي دستخط سان موجود آهي. مان چوپڙي ڏسي حيران ٿي ويس. اهڙيون چوپڙيون ته مان ٻئي درجي سنڌيءَ ۾ پڙهيون هيون.

(ج) اهڙيءَ طرح دُبئيءَ واري سفر جو ذڪر ڪندي، ’ڪلا پرڪاش‘ جي واتان چيل لفظ، هن ڪتاب جي صفحي 153 تي دُهرايا ويا آهن:

”دُبئيءَ ۾ اياز سنڌي اديبن کي خطاب ڪندي چيو ته:

’مان ايتري آجيان لاءِ اوهان جو ٿورائتو آهيان. اوهان دُبئيءَ ۾ ننڍي سنڌ آهيو ۽ سنڌ منهنجي وجود جو حصو آهي. منهنجو جسم آهي، جنهن جا عضوا وڍجي، ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويا آهن، اُنڪري ئي مون پاڻ کي منصور وانگر محسوس ڪيو آهي ۽ منهنجي شاعري آخري دم تائين اِناالحق جو آواز ٿي رهي آهي.“

(ح) شيخ صاحب جي معاشقن واري مضمون جو هڪ مثال هن ڪتاب ۾ صفحي 136 تي، سيدو شريف جي سفر جي بيان ۾ ملاحظ ڪريو:

”ڪالهه سيدو شريف پهتاسين. سوات هوٽل جي ڪمري ۾ سامان رکي، ڪپڙا بدلائي، ٻاهر نڪتاسين ته شام ٿي وئي هئي. ميران کي ڪاسني ساڙهي پيئي هئي. مون هوٽل جي لان مان هڪ ڪرمچي گل ڇني هن جي چوٽيءَ ۾ اٽڪايو، ۽ هن کي چيو ته هل ته بازار مان ڪجهه خريداري ڪريون. مون کي ياد آيو ته ٿيون ڏينهن

پنديءَ کان پشاور ايندي، جڏهن گاڏي اٽڪ پل تان لنگهي ته ميران پنهنجن وارن مان گل ڪڍي سنڌوءَ ۾ وڌا. ۽ ريل جي دريءَ مان ڪيتريءَ دير تائين، اٽڪ جي پهاڙن ڏانهن ڏسندي رهي، جتان سنڌو وهي رهي هئي. جڏهن سنڌو نظر کان هٽي وئي، تڏهن مون ڏانهن منهن ڪري چيائين، ته هتي سنڌو ڪهڙي نه خاموش آهي.“

(خ) سوات جي سفر واري هن ذڪر ۾، شيخ صاحب ”ميران“ هڪ فرضي نالو ڪم آندو آهي، پر ٻين سفرن ۾ زائفائن جا اصلي نالا لکيا اٿس. ميران جو اصلي نالو لکي ها ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اُها خاتونڪافي خوار ٿئي ها، ڇاڪاڻ ته اُن خاتون کي اڳواٽ پنڊي موڪليو هئائين ۽ پاڻ سندس پٺيان ويو هو.

انهن ڳالهين لکڻ مان نثر جي ڪهڙي خصوصيت نمايان ٿئي ٿي، جنهن لاءِ محققن فخر ڪيو آهي. اهڙي انداز کي سفرنامو چئبو يا آپ بيتي؟

(د) اوير پاڪستان واري سفر جي بيان ۾ افسانوي ۽ رومانيت وارو انداز وڌيڪ آهي. اُن مان شيخ صاحب جو جنسيات ۽ رومانيت وارو انداز وڌيڪ آهي. ان مان شيخ صاحب ته يقيناً جنسي لذت ورتي هوندي، پر هن ڪتاب ۾ اُنهن جملن کي دُهرائڻ سان، سنڌي نثر جي ڪهڙي خدمت ٿي آهي، اُن لاءِ محقق صاحب جواب ڏين. هيٺ ڏنل پئراگراف ۾ به شيخ صاحب پاڻ کي پڌايو آهي. مثال طور صفحي 138 تي ڏنل هي پئراگراف پڙهو:

”مون اونهي آڪاش ۾ ڪَتيءَ ڏانهن ڏسي ڪر موڙيا ۽ مَنَ ۾ چيو: هيءَ گهڙي امر آهي. هيءَ گهڙي وري نه ايندي، مگر مرندي ڪڏهن به نه! هيءَ گهڙي مان آهيان. مان امر آهيان. آدجڳاد کان آهيان. هيءَ گهڙي ساريءَ سرشٽيءَ جي سونهن آهي ۽ اُن سونهن جو منهنجي مَنَ ۾ واسو آهي. هيءَ گهڙي ڪوي ٽئگور جو گيت آهي. هيءَ گهڙي شاهه لطيف جو بيت آهي. هيءَ گهڙي ابد آهي، ازل آهي. منهنجو ۽ خدا جو وجود آهي. لازوال آهي، آڪاش مان ڪَتي مُرڪي رهي هئي. مون اُن کي اک هڻي چيو ته ڏاڍي شرير آهين، تو ڪيئن سمجهيو ته مان ڇا ٿو سوچيان؟“

اهو سڄو پئراگراف هڪ شاعر جي سوچ ۽ لکڻ جو افسانوي انداز آهي، نه ته پنهنجي امر هجڻ جي دعوا ته نبين ۽ امامن سڳورن به ڪڏهن ڪانه ڪئي آهي. آدجڳاد کان موجود هجڻ جي دعوا ڪير ڪري سگهي ٿو؟ خدا جو وجود بيشڪ لازوال آهي، پر هڪ انسان جو وجود لازوال ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اها فقط هڪ شاعرانه مستي آهي.

بهرحال ڳالهه پئي هلي مشرقي پاڪستان جي سفر جي ۽ سندربن ڏانهن لانچ ۾ وڃڻ جي. هن سفر ۾ شيخ صاحب سان رابرٽ نالي هڪ انگريز، رينو بنگالڻ ۽ رقيه پنجابڻ شامل آهن. انهيءَ سفر جو ذڪر هن ڪتاب ۾ صفحي 139 تي ڪيو ويو آهي. هن صفحي تي اياز ۽ رينوءَ جي پاڻ ۾ گفتگو کان سواءِ، ٻڌاپڻ ۾ جنسي لذت وٺڻ خاطر، شيخ صاحب، رابرٽ ۽ رقيه جو ذڪر ڪندي جيڪي لفظ لکيا آهن، آءٌ اُهي هت دُهرائڻ نٿو چاهيان. البت رينو ۽ سندس باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو اٿن، سو ملاحظ ڪريو:

”رينو ڪيبن جي دري کولي، ڊيڪ تي چڙهي رهي هئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ مان به ڊيڪ تي وڃي ويٺس. چوڌاري گهور انڌارو هو، ۽ ٻن جي سانت... اسين ڪيتريءَ دير اُتي خاموش ويٺا هئاسين....

ڊيڪ تي تيز ۽ سرد هوا ٿي لڳي. آسمان تي جُهڙ هو ۽ ڪوئي ستارو نظر نٿي آيو. منهنجي نظر اُفق در اُفق اونده ۾ گم ٿي وئي ۽ مون فقط هن جي وارن تي هٿ ڦيريو ۽ هن ڪوئي جواب نه ڏنو. مون کي ائين محسوس ٿيو ته اها ڀيانڪ رات سدائين رهندي، پرهه ڪڏهن به نه ايندي، ڪڏهن به نه!“

(س) اهڙيءَ طرح گيتاراج جو ذڪر ۽ روس واري سفر ۾ ارينا لاءِ صفحي 147 تي جيڪي ڪجهه لکيل آهي، سو آءٌ دُهرائڻ نٿو چاهيان، ڇاڪاڻ ته وري مون تي اهو الزام لڳندو ته مون به هن عمر ۾ جنسي لذت وٺڻ لاءِ اهي جملا دُهرايا آهن. ارينا کي شيخ صاحب پنهنجو ڪتاب ’ڪتين ڪر موڙيا‘ منسوب ڪيو آهي.

(ش) صفحي 151 تي شيخ صاحب جي انگلئنڊ واري اُن سفر جي باري ۾ لکيو ويو آهي، جيڪو هن 1989ع ۾ ڪيو هو، ۽ پاڻ علاج سانگي لنڊن ويو هو. ڊاڪٽر هدايت پريم به اُنهن ئي ڏينهن ۾ لنڊن پڙهڻ لاءِ ويل هو ۽ احترام خاطر شيخ صاحب سان ملڻ ويو هو. اُن سفر جي سلسلي ۾، شيخ صاحب جا لکيل لفظ، صفحي 151 تي نقل ڪيا ويا آهن، جيڪي آءٌ هوبهو اُتاري پيش ڪريان ٿو:

”اسان ٽيڪسيءَ ۾ ڪرامويل هاسپيٽل پهتاسون، جتي به ماڻهو انتظار ڪري رهيا هئا. هڪ ماڻهو منهنجو پراڻو دوست مگسي هو، جو هيٿرو ايئرپورٽ تي پنهنجيءَ ڪار ۾ اسان کي وٺڻ آيو هو ۽ ٻيو هو سنڌ يونيورسٽيءَ جو ليڪچرار هدايت پريم، جو اديب به هو ۽ جنهن جي انگلئنڊ ۾ تعليم لاءِ مون سفارش ڪئي هئي.“

هن پئراگراف ۾ پوئين ڏيڍ سٽ لکڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ شيخ صاحب يونيورسٽيءَ مان 1980ع ۾ رخصت ٿيو هو ۽ هدايت صاحب 1988ع ۾ لنڊن ويو هو. اهو زمانو مظهر صديقي صاحب جي پهرئين دور وارو هو. مظهر صاحب جي زماني ۾ ٻيا به ڪافي ساٿي ٻاهرين ملڪن ۾ اعليٰ تعليم لاءِ موڪليا ويا هئا. پر جيڪڏهن شيخ صاحب ئي ڪٿي هن جي لاءِ سفارش ڪئي هئي، ته به انهن لفظن لکڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

## 21

(الف) صفحي 107 تي ڏنل عنوان به ڏاڍو عجيب ٿو لڳي. اهو عنوان آهي: ”شيخ اياز جي، شاهه جي رسالي جو اردو ترجمو. اهو ڇا ٿو ظاهر ڪري. دراصل اهو عنوان هجڻ کپي ها: ”شيخ اياز طرفان، شاهه جي رسالي جو ڪيل اردو ترجمو“ يا شاهه جي رسالي جو شيخ اياز طرفان ڪيل اردو ترجمو. هن باب تي لکڻ لاءِ به ڪافي صفحا لڳندا، ڇو جو شاهه جي رسالي جي سنڌي نثر ۾ ترجمي ڪرائڻ جو مقصد اهو هو، ته اُن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪجهه سينئر اُستادن جو، شيخ صاحب جي نظرئي تي اعتراض هو، پر سيد حسام الدين شاهه راشديءَ جي ڪري، ترجمي جو ڪم شيخ صاحب کي ڏنو ويو. ڪافي نقادن ترجمي تي به تنقيدون ڪيون هيون.

## 22

شيخ صاحب جي مدفن جي باري ۾ محققن طرفان صفحي 20 ۽ 21 تي پنهنجي يڪ طرفي راءِ ڏيئي، غلط فهمي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر انورفگار هَڪڙي جو رايو آهي ته شيخ صاحب پنهنجي آتم ڪٿا، ’ڪٿي ته پڄبو ٿڪ مسافر‘ ۾ شڪارپور ۾ الف شاهه شهيد جي قبرستان ۾ ابدي آرامي ٿيڻ لاءِ لکيو هو. پر هڪڙي صاحب، ساڳئي صفحي هيٺ ڏنل هي جملا لکي سيني کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. لکي ٿو:

”شيخ اياز جي مرتيي کان پوءِ سندس پٽن جي غيرموجودگيءَ جو فائدو وٺندي، سندس دوستن محمد ابراهيم جويي، غلام رباني آگري، تاج جويي ۽ نصير مرزا، اياز جي وصيت کي نظرانداز ڪري، پنهنجي مرضي هلائي، ڪيس پٽ شاهه تي، ڪراڙ جي ڪپ تي، سندس تدفين جو اهتمام ڪيو، جتي 29 ڊسمبر تي ڪيس دفنايو ويو.“

هن راءِ ۾، هڪڙي صاحب کهڙو نه ٻاراڻو بيان ڏنو آهي. ڇا شيخ صاحب جا فرزند، سندس نياڻيون ۽ سندس بيگم سڀ، جنازي کي ڇڏي، ڪيڏانهن هليا ويا هئا، جو اهو وجهه وٺي شيخ صاحب جي دوستن اهو فيصلو ڪيو هو.

## 23

مون کي اها به حيراني آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي پروفيسرن کي ’ويدانت‘ لفظ صحيح لکڻ نٿو اچي. هنن هر هنڌ ’ويدانت‘ لفظ کي ’ويدانيت‘ جي صورتخطيءَ ۾ لکيو آهي. حيراني اِن ڳالهه تي اٿم، ته ساميءَ جي شهر جو رهاڪو ڊاڪٽر هَڪڙو، ’ويدانت‘ لفظ جي صورتخطيءَ کان به اڻواقف آهي! گويا هن ساميءَ کي به پڙهيو نه آهي، ۽ جي پڙهيو اٿس ته ساميءَ جي فلسفي جي خبر ڪانه اٿس.

## 24

نقادن طرفان آخري باب ٽڙ تڪڙ ۾ لکيو ويو آهي. هن باب ۾ شيخ صاحب جا لکيل لفظ ۽ جملا دُهرايا ويا آهن، ۽ ڪٿي به حسن بياني، عبارت آرائي ۽ اُسلوب بيان جون ڪهڙيون خوبيون شيخ صاحب جي نثر نويسيءَ ۾ نظر اچن ٿيون، اُنهن جي باري ۾ ڪجهه به لکيل نه آهي.

25- ڪتاب ۾ ٻوليءَ جون ڪچايون ۽ بيهڪ جي نشانين تي ڪوبه ڌيان ڏنل ڪونهي. منهنجي خيال ۾، پريس ۾ موڪلڻ کان اڳ، هن ڪتاب جو مواد ڊاڪٽر قاضي خادم کي نظر مان ڪڍڻ کپندو هو، ڇاڪاڻ ته هيءُ ڪتاب سنڌي شعبي جي هڪ پروجيڪٽ جي حيثيت ۾ شايع ڪيو ويو آهي. جيئن ته هن ڪتاب جو سڄو مواد ڊاڪٽر هڪڙي جي Ph.D. واري مقالي جو چربو آهي، انهيءَ ڪري مسودي کي جيئن جو تيئن شايع ڪرڻ نه کپندو هو.

آءٌ هن مواد کي غير معياري مواد چوان ٿو، جنهن لاءِ يونيورسٽي انتظاميا کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ته جيئن آئنده يڪطرفي راءِ وارو مواد سنڌ يونيورسٽيءَ جي اشاعت طور شايع نه ٿي سگهي. ■



# بيت ۾ نون تجربن جو شاعر...

تاج بلوچ



جنهن لکڻي جو تخليقي ۽ جمالياتي افق وسيع هوندو آهي، اها لکڻي ئي ايندڙ پيڙهين تائين نشانبر ٿي بيهندي آهي.

آئون قياسي ادب جي حوالي سان بحث ڪندي، ڀٽائيءَ جو ڪڏهن بہ حوالو نہ ڏيندو آهيان. ڇاڪاڻ تہ گهاڙيٽي خواهہ متن ۽ متن جي ٻولي جي پويان لطيف سرڪار جو جيڪو تجربو آهي، اهو نہ سندس همعصر عهد ۾ ڪنهن کي نصيب نہ ٿيو. ۽ نہ ئي ٽن صدين بعد ڪو شاعر ان جي پيرن جي پٽي ڪي ڇهي سگهيو آهي. گهڻن ماڻهن مٿا هنيا بيت لکندي بيت جي گهاڙيٽي جي مشاقيءَ جو مظاهرو ڪيو. ڊڪشن ۾ ڀٽائي جي لفظيات ۽ محاورن جي چتين هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ائين ڇئجي تہ ڪنهن بيت جي صنف ۾ ڌار ۽ نرالو ٿي نانءُ ڪڍيو هجي يا ادب جي تخليقي ۽ جمالياتي اپ تي چمڪندڙ ستارو تہ ڇڏيو پر هڪ ننڍڙي تروري جهڙو ڪو عڪس بہ اپاري نہ سگهيو هوندو. ڪپار ۾ ڪيتريون ئي ڪتيون بي مقصد هونديون پر ڪو وهائو تارو نہ اپري سگهيو.

ها پر لاڙ پٽ، ٿري (هند جو ملير وارو علائقو) ٽڪڙ يا اتر جي رموٽ ايرياز ۾ بيت ضرور تخليق ٿيو آهي. پر ان تي ڀٽائيءَ جو اثر ڏاڍو نمايان آهي. نتيجي ۾ ڪو بہ بيت نگار ڀٽائي جي steel barriers (لوهي جهنگلي) کي اڪري ناهي سگهيو. البتہ ائين بہ ناهي تہ بيت جي صنف تي لکيو نہ پيو وڃي. لکيو وڃي ٿو پر اها رمز، اها نزاڪت ۽ اهو تخليقي جمال ۽ تجربو ڪنهن بہ صورت ۾ نظر ناهي آيو.

باقي

**ستارن جي سيج تي سٿس ساري رات**
**مٿان ٿي پرڀات، چمندي ڪنهن چنڊ کي**
**ڇئي سگهندين چنڊ، توڏي مان چوٿو تڪيان**
**ڏيئي سگهندين چنڊ، مونکي پار پرينءَ جا**
**يا هيءَ سٽ،**
**ڇئو تون ڪنهنجي ڪاڻ رلان پيو راتڙيون**

هڪ نئين تقليدي احساس يا تتبع ڏانهن ضرور اشارو ڪري ٿي. پر گهرائي ۾ وڃڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ ڪنهن سيڪڙاٽ ڪمپوزر ڪنهن عظيم موسيقار جو ٽريڪ چورايو هجي!!

اسان وٽ بيت جي قياسي شاعري جي تخليقي ۽ جمالياتي اُپ تي ڀٽائيءَ کا وٿي ئي نہ ڇڏي آهي جو ڪو پير ڏري سگهي. جذبن جي اظهار يا ان صنف جي ٻي ڪنهن گهاڙيٽي ۾ ڪو ڪنهن کي لکڻ کان روڪي سگهي ٿو؟ بنهہ نہ. هر فرد کي انساني حقن جي آڌار تي هر طرح جو حق حاصل آهي. پر اهڙو تقليدي عمل ايليٽ جي لفظن موجب، اهڙي شاعري آهي جنهن جا پڙهندڙ اڳ ئي عادي آهن. ان ۾ ڪا نواڻ ناهي.

منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ اهي شاعر جيڪي بيت جي شاعري کي فقط رومانس يا واقعاتي سطح تائين محدود رکن ٿا. يا هجو توڙي طنز طور اها صنف ڪتب آڻين ٿا. ڪين ڀٽائي جي هم گير ۽ ڪائناتي تصورات جو ادراڪ ڪرڻ گهرجي شاعري ڪنهن بہ صورت ۾ مخصوص محدودات ۾ قيد نہ ٿو ڪري سگهجي. هر دور کي پنهنجو مزاج ۽ پس منظر هوندو آهي. جڏهن مزاج نين شين جو ادراڪ حاصل ڪندو ۽ متن ۽ هيئت جي اعتبار کان پراڻين شين کي نيون شيون ريپليس ڪنديون تڏهن لفظيات ۽ ردم پڻ نئون ايندو ۽ اهائي نئين شاعري هوندي ۽ ترت ميٽا ماڻڻ لاءِ پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪندي ۽ هڪ نئين ۽ بهتر عادت لاءِ ميدان هموار ڪندي.

شاعر جو تجربو اجتماع جو تجربو هئڻ گهرجي. زندگي جي سمورين ڏسائن ۽ پهلوئن جو تجربو جنهن ۾ داخلي ۽ خارجي پهلوئن کي پنهنجو پنهنجو حصو پتي هئڻ گهرجي. سائنسدان جي ذات ۾ جيڪا ڪائنات آهي اها بيحد قيمتي آهي پر ان جي ابتڙ شاعر جي اندر جي ذات خارجي حقيقتن کان وڌيڪ اهم آهي. جيڪا شاعر جي جذبن ۽ احساسن کي نواڻ ۽ نرالپ بخشي ٿي. ۽ نقادن سٺو شاعر ان کي چيو آهي جيڪو ٻنهي ڪامپونينٽس جا عڪس جهٽي اعتدال ۽ توازن سان داخلي ۽ خارجي تجربن کي نئون رنگ ۽ آهنگ بخشي ٿو.

سقراط چيو، ”سچائي انساني نفس ۾ هميشہ موجود رهي آهي. ’دائي‘ ٻار ڄڻائڻ لاءِ آخري مدد ناهي هوندي هوءَ رڳو ٻار کي ’باطن‘ مان ’ظاهر‘ ۾ آڻڻ ۾ واهر ڪندي آهي.“ تخليقڪار بہ دائيءَ جيان شديد اوسيئڙي سان شين کي ’باطن‘ مان ’ظاهر‘ ۾ آڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙي فطرت جي ڳجهن کي پڌرو ڪري ٿو.

آرٽ جي تشڪيل بابت آئون سقراط جي انهن لفظن کي ريشيپ ڪندي چوندو آهيان، ”ٻولي اڻگهڙيل پٿر آهي، جنهن جي اندر ۾ هڪ خوبصورت مورتي سمايل جنهن کي شاعر پنهنجي عرفاني ادراڪ سان ٽڪي ٿاهي سونهن جو هڪ اڻملهو شاهڪار ٺاهي پيش ڪري ٿو.“

طويل عرصي کان واضع ۽ ڄاتل سڃاتل سببن جي ڪري، سنڌي شاعري زوال پذير ٿيندي پئي وڃي. معاشي وسيلن تي ’ناٽيوادي‘ جي هڪ پاسائين يلغار ۽ والار انساني وجود جي هاڪاري جذبن ۽ امنگن کي چيپاٽي ڇڏيو آهي. مٿان کان لاعلمي جي عروج، تخليقي ورثي سان واڳبندي کي ڇني ڇڏيو آهي. ۽ هڪ فيشن طور متشاعرن جا انبوهہ پيدا ٿي پيا آهن. جنهنڪري هڪجهڙائي رکندڙ ڊڪشن ۽ گهاڙيٽن شاعريءَ تان عام پڙهندڙ جو ارواح ئي کٽائي ڇڏيو آهي.

80 ۽ 90 جي ڏهاڪي کان پوءِ واري پيڙهي نہ ڪو تہ نئون ادب پڙهيو آهي نہ ئي وري ڪلاسيڪي يا اساسي ادب پڙهڻ تہ پري ڏٺو بہ ناهي. اهوئي سبب آهي جو سطحي انداز واري تڪبندي تي ناز ڪرڻ جو دور شروع ٿيو آهي.

اسانجي سنڌي اخبارن جي ٻولي ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ هاڻي ڪي قدر بهتر ٿي رهي آهي البتہ سنڌي ٽي وي چئنلز ٻوليءَ جو ’اچو‘ منهن ڪري ڇڏيو آهي. هو اڃا تائين ڪمرشل ٻولي ناهن جوڙي سگهيا ۽ هوبهو ڌارين ٻولين تان لفظ کڻي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٿنبي رهيا آهن.

ادل سومرو اسانجو همعصر ڪلاڪار آهي. هو ڊگهي عرصي کان تخليقي عمل سان سلهاڙيل هئڻ سان گڏ هڪ اخبار لاءِ ڪرنٽ افيئرس جي حوالي سان ’قطعي‘ يا روايتي چار سٽي بدران بيت لکڻ جي روايت



دهليءَ ۾ هند جي وزيراعظم ڊاڪٽر من موهن سنگهہ سان وزيراعظم هائوس ۾ هڪ دعوت ۾ تاج بلوچ، ادل سومرو ۽ ٻيا. (سيپٽمبر 2005ع)



# ڌرتيءَ جو شاعر...



**بيدل مسرور بدوي**

چوندا آهن ته نالي جو چاليهون حصو اثر شخصيت تي به ٿيندو آهي، پر ادل جي نالي جو اثر خود ادل تي ٻٽو يعني اسي سيڪڙو پيل آهي، جو هڪ ته سندس نالو عبدالڪريم آهي، يعني نهايت ٻاجهاري الله جل شانهٗ جو ٻانهو، مٿان وري عبدالڪريم منجهان مختصر ٿي ادل ٿي پيو، پر چڱو ٿيو جو عبدل نه ٿيو، ۽ ادل ٿي ويو، ۽ انهيءَ ادل جي لفظ سبب ان سان هڪ طرف پائپيءَ واري بي اختياري پيدا ٿي ٿئي ته ٻئي طرف ان لفظ جي اثر سببان پاڻ هُرتو هڪ عجب ويجهڙائپ جو احساس نروار ٿيڻ لڳي ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو ساڻس ملڻ کان اڳ ۾ ئي هن منهنجي دل ۾ پنهنجي هڪ نويڪلي جاءِ والاري ورتي هئي، وري جو سندس شاعري ٻڌم ته سندس ان خصلت هيڪاندو هيڪڙائيءَ جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو. منهنجي ملاقات هن شخص سان تڏهن ٿي هئي جڏهن هو پاڻ به اڃان ننڍو نيٺو هو. عمر جي حساب سان مون کان اٺ سال ننڍو آهي، پر شاعريءَ واري ڳڻ ۾ مون کان گهٽو وڏو آهي. مون جوانيءَ واري عرصي کان سندس بس هڪڙو ئي ڪلام (سپنا وسري ويندا آهن، وسري ياد نه ايندا آهن) ڳاتو پئي، سو به پياري نصير مرزا جي جهيٽي ۽ لطيف سرن ۾ ٻڌو هيم ته ڏاڍو وڻيو هو. سندس اهو غزل ظهير وارثي ۽ انجم آرا به ڳايو آهي، پر جيڪو سُرور نصير مرزا جي ڳائڻ ۾ آهي، اهو مون ۾ مفقود آهي. ان کان علاوه سندس هڪڙو غزل:

**زندگي ايڏي ڪڙي.**
**زهر آ هر ڪا گهڙي،**

مون ڪوئيٽا جي سرديءَ واريءَ موسم ۾ سيءَ ۾ ڏڪندي ڪمپوز ڪيو هو، تن ڏينهن ۾ ئي جڏهن اياز گاد منهنجي آواز ۾ آڊيو ڪيسٽ ”Emotions“ تيار پئي ڪئي ته ان ۾ رڪارڊ ڪرڻ لاءِ چونڊيو هو، پر ڪيسٽ جي گانن جي ڊيوريشن جو مسئلو پيدا ٿيو ته ڪيسٽ جي آخر ۾ جيڪا جاءِ بچي ان ۾ ادل جي ان غزل جي ٽرئڪ جو شروعاتي حصو ”Introduction Music“ لڳايو سين، سمجهيم پئي ته ادل کي خبر پوندي ته ڪيس ڏک ضرور ٿيندو پر اها به پڪ هئي ته ادل دل جو وڏو آهي، گهٽيون ڳالهيون ڪلي ڪلي سهي ويندو آهي، پر مون کي بهرحال ان ڳالهه جو احساس ضرور رهيو اهي ڇاڪاڻ ته اتفاق سان مون سندس اهو غزل ٻئي ڪنهن هنڌ به نه ڳايو آهي، شايد ان جو سبب اهو به آهي ته هن غزل جا قافيا: ڪڙي، گهڙي، اڙي، لڙي، چڙي، سڙي ڳائڻ ۾ نوان نوان آهن ۽ انهن جي ادائگيءَ لاءِ مون کي هن غزل جي ڏن ستن ماترن جي ڏيڍئي (مغلائي تال) ۾ ترتيب ڏيڻي پئي هئي، جنهن ڪانپوءِ ئي وچي اهي ”ڙي ڙي“ وارا لفظ نرم پئي ٿيا. ادل جهڙي پياري ماڻهوءَ جي نهايت معصوم شاعريءَ کي گهٽ ڳائڻ جو

احساس خاص طور تي جڏهن محفل ۾ ادل به موجود هوندو آهي ۽ مان گهڻا ڪلام اياز گل جا ڳائيندو آهيان ته پاڻ کي هن جو قرضائي محسوس ڪندو آهيان. پر هاڻي جڏهن ٻيا نوجوان شاعر به پنهنجي گيتن ڳائڻ جي فرمائش ڪن ٿا تڏهن ادل جو به هڪڙو گيت:

**ڪنهن شام جو، درد پريو**
**ڪو گيت ٻڌو هوندءِ**
**مون کي ياد ڪيو هوندءِ**
**بنا فرمائش جي ڪمپوز ڪيو اٿم.**

شروعاتي دور ۾ جڏهن مان ٽي ويءَ تي لڳس ته 1976ع ڌاري ادل جو پهريون گيت مرحوم فيروز گل جي موسيقيءَ ۾ منظور سخيراڻيءَ ۽ نگهت اڪبر جي آواز ۾ (ڊوئيٽ جي انداز ۾) مون ئي ڳارايو هو:

**اسان جا ٻول، ٻه ٽي او ڊول،**
**ٻڌي پوءِ چانگي چڙهه تون،**

ائين ته سندس بيشمار گيت ۽ غزل ٽي ويءَ تان نشر ٿيا آهن پر مون کي سندس هڪڙو غزل:

**مان ڳائڻ ٿو چاهيان، ٻڌائڻ ٿو چاهيان**
**ته مان تنهنجو آهيان، ٻئي ڪنهن جو ناهيان،**

ڏاڍو وڻندو آهي، ايترو جو سٺ منٽن واري آڊيو ڪيسٽ ۾ ٻنهي پاسن کان اهو ڪلام پريل آهي ۽ جڏهن من مست هوندو آهي ته اهو غزل ٻڌندو آهيان. هاڻي اهو غزل ساڳئيءَ ڌن ۾ ضامن علي به ڳايو آهي، پر جيڪو لطف الله سائينءَ محمد يوسف جي آواز ۾ رکيو هو سو ضامن عليءَ ۾ محال آهي. انهن کان علاوه ادل جا ڳارايل ڪجهه ڪلام هن ريت آهن:

- اسان کي او سهڻا وساري نه ڇڏجو: انور بلوچ.
- مور نه رهبو دور: نگهت سليم.
- خالي يادن ۾ ڇا رکيو آهي: مهر سيمي.
- بهارن اچڻ جا هي آهن بهانا: رزاق جميل.

هونئن ته سندس ڳايل گيتن غزلن جي هڪ وڏي فهرست آهي ۽ انهن کي ڳايو به نهايت ناليوارن فنڪارن آهي، ۽ منهنجي خواهش آهي هاڻي هر شاعر جي ادبي پورهي واري ليک ۾ سندس انهن گيتن جي فهرست کي به شامل ٿيڻ گهرجي، جن کي مختلف فنڪارن ڳايو هجي، في الحال منهنجي ان خواهش تي ڪجهه شاعرن کي مٺيان لڳندي پر جڏهن انهن کي ان نئين روايت جي سٺائيءَ جو احساس ٿيندو ته انشاءَالله اهي به پنهنجي ڳايل يا ڳارايل ڪلامن جي فهرست پنهنجي ڪلياتن ۾ شامل ڪندا.

اصل ۾ ڪنهن به ڪلام ۾ جڏهن ساز ۽ آواز رلمل ٿين ٿا ته ان ڪلام جو مفهوم به وڌيڪ چٽو ۽ احساسن کي هڪدم ڇهي وڃڻ جهڙو ٿي پوي ٿو، ان خيال کان انهن ڳايل ڪلامن جي ان انتخاب کي الڳ به شايع ٿيڻ گهرجي ۽ ان سان گڏ انهن جون سي ڊيون به هجڻ گهرجن ته جيئن ٻين ڳائڻن کي به سندس ڪلامن ڳائڻ ۾ آساني ٿئي. اهڙي صلاح مون شيخ اياز جي ڳايل ڪلامن لاءِ شيخ اياز فائونڊيشن کي به ڏني هئي، جنهن جي اهميت کي محسوس ڪندي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ان انتخاب کي شايع ڪرائڻ جي حامي به ڀري هئي پر شايد شيخ اياز صاحب لاءِ ٺاهيل اداري وٽ ايترا فنڊ نه هئا، بهرحال ادل جي ان چونڊ ڳايل ڪلامن مان پڙهندڙن کي بخوبي اندازو ٿي ويندو ته ادل جي تخليقي شاعريءَ ۾ جذبن کي ڇهڻ سان گڏ دلي تفريح جو عنصر به ڪيتري نه وافر مقدار ۾ موجود آهي.

مون کي ياد آهي ته ٽي ويءَ تان جڏهن انهن جديد سوچ رکندڙن نوجوان شاعرن جا ڪلام نشر ٿيڻ شروع ٿيا هئا ته ناليوارن جهونن ۽ مشهور رجعت پسند شاعرن جو بڪيڙو به شدت اختيار ڪري ويو هو، حالانڪ گيت ته انهن جا به ڳارائبا هئا، ۽ شروع کان مشاعرن ۾ به اهي ئي شرڪت ڪندا هئا، مگر هنن کان اهو برداشت نه ٿيندو



ادل سومرو، بيدل مسرور سان سندس آستاني ۾.



هو تہ ادل سومري ۽ اياز گل جھڙن ان وقت ننڍي عمر جي شاعرن کي ٽي وي تان ايٽري پروجيڪشن ملي. غير سنڌي آفيسرن جي ڪلڪل تي تہ اسان انھن کي مختيار ملڪ جو مثال ڏيندا ھئاسين تہ سنڌيءَ ۾ اسان وٽ تہ تيرھن سالن جي عمر وارو (ان وقت) بہ باقاعدي شاعر موجود آھي، پر سنڌ جي نام ڪنين رجعت پسند سنڌي آفيسرن ۽ اخبار جي ايڊيٽرن کي اھا ڳالھ ناگوار لڳندي ھئي.

ھر ڪو ڄاڻي ٿو تہ شاعر جي خيال جي پرواز لامحدود ٿيندي آھي، جيڪا سدائين نوح جي ٻيڙي جيان غم ۽ خوشيءَ جي سمورين ڪيفيتن ۽ احساسن کي ڪٽي تيز تر زميني توڙي آسماني طوفان ۽ ٻوڏ جي باوجود ڪنھن سداحيات جزيري جي تلاش ۾ پئي لڏندي لمندي، ترندي اڳتي وڌندي ويندي آھي.

ادل جي شاعري بہ جيتري قدر مون کي سمجھ ۾ آئي آھي تہ ان ۾ ادل جا ڪجھ احساس ماضيءَ جي يادن تي سينگاريل آھن، ڪجھ خيال ھلندڙ دور سان واڳيل آھن تہ سندس ڪجھ مستقبل لاءِ ڪي شاعراڻا سپنا اڻيل آھن. جن گڏجي ادل جي شاعريءَ کي شناخت جو ھڪ علحدو رنگ عطا ڪيو آھي.

شيخ اياز، ادل جي شعري مجموعي ’سمنڊ جاڳي ٿو‘ جي مھاڳ ۾ اٿندي ئي ائين لکي ڇڏيو آھي، ”ادل سومرو نئين ٽھيءَ جو اھو شاعر آھي، جنھن فارسي ۽ اردو شاعريءَ کي لت ھڻي، شعري روايت جا سمورا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آھن ۽ پنھنجو ترنم، پنھنجي اندر جي آواز مان اپاريو آھي.“

مان شيخ اياز جي ان جملي سان بلڪل بہ سھمت نہ آھيان تہ ادل فارسي يا اردو شاعريءَ کي لت ھڻي ڪڍي آھي، شيخ اياز اسان جو وڏو شاعر ضرور ھو پر ھو پنھنجي دور جي ٻين شاعرن کي تمام گھٽ پڙھندو ھو، جي پڙھندو بہ ھو تہ انھن جي متعلق ڪو معياري يا سنجيدو جملو چوڻ بجاءِ، لاٽي لڳائي ڇئي ڇڏيندو ھو تہ فلاڻي وٽ تہ رڳو ھڪ ئي سٽ سٺي آھي، فلاڻي جي ھڪ سٽ تي ”ديوان گل“ قربان ڪري ڇڏيان يا فلاڻو منھنجي آواز جو پڙاڏو آھي.

جيسيتائين فارسي يا اردو شاعريءَ يا دنيا جي ڪنھن بہ ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ شاعريءَ جي روايت جو معاملو آھي تہ سنڌيءَ جو ڪو بہ شاعر انھن عصري روايتن جي فڪر، لھجي يا لغت کان پاڻ بچائي نہ سگھيو آھي ۽ نہ ئي بچائي ٿو سگھي، ڇاڪاڻ تہ ھر شاعر ھڪ انساني (ظاھري، شعوري) ۽ ھڪ روحاني (باطني، تخيلاتي ۽ تخليقي) محور ۾ ھوندو آھي، جتي ان جو محبوب بہ موجود ھوندو آھي تہ رقيب بہ، دوست بہ ھوندا آھن تہ دشمن بہ، ۽ جن جون ادائون، وفائون، جفائون ئي شاعر جي احساس جو سرمايو ھونديون آھن، شاعر جي ان ظاھري ۽ باطني ڪائنات ۾ انساني عشق محبت، وطن پرستي يا خدا پرستي ھر شاعر جو موضوع رھيو آھي، ان حوالي سان سچ، سونھن ۽ خوشبو يا پيار جي پرچار وقت سندس قلم ڪاغذ تي جھڪي اھڙا نظارا، اشارا، ڪنايا عڪس بند ڪندو آھي جو پڙھندڙن کي حيران ڪري ڇڏيندو آھي، ساڳيءَ ريت ڏاڍ ۽ انياءَ جي خلاف سندس قلم ۾ وڄ جو پاڻي پرجي ويندو آھي.

ان حوالي سان ادل جي سموري شاعري پنھنجي تاريخي روايتن سلھاڙيل ۽ جديد دور جي درد سان ٽمٽار آھي:

- اوھان جون ادائون اڃا ياد آھن، سي نرمل نگاھون اڃا ياد آھن.
- درد جو آواز ھو اٽڪي پيو، ھڪ دکي بيمار راڳيءَ جي نڙيءَ ۾.

ھن جي لڳ ڀڳ سموري شاعري با وزن ھئڻ سبب بہ فارسي وزن بحر جي روايتن سان سلھاڙيل آھي، ڪيترن غزلن ۽ واين ۾ ھن نوان بحر بہ استعمال ڪيا آھن، جن مان روايتن کي لت ھڻڻ ثابت نہ ٿو ٿئي. مون کي اڃان تائين اھا ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي آھي تہ آخر شاعريءَ جي ان تاريخي فن، سگھاري تخليقي پرواز جي انحراف کي سنئو ۽ جديد ڇو نہ ٿو سمجھيو وڃي، حالانڪ صحيح نموني سان ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وڃي تہ خبر پوندي تہ گھڻن شاعرن کي اھا بہ خبر نہ آھي تہ شعر ڇو لکبو آھي! ”ڪيئن لکبو آھي؟“

شاعري پنھنجي معراج تي ڪڏھن ٿي رسي؟ ڪيئن ٿي رسي؟ ذاتي پسند ناپسند کي تنقيد سمجھي ھر ڪو پنھنجا خطاب جھلي وينو آھي، جڏھن تہ منزل تمام گھٽي پري آھي. پنھنجي نامعقوليءَ ۽ ڪاھليءَ سبب، شاعريءَ جي فن، گرامر يا گھاڙيٽن جي علم حاصل ڪرڻ يا سمجھڻ کي اھميت نہ ٿي ڏني وڃي! ۽ ان کي جديديت سڏيو ٿو وڃي!

خود شيخ اياز جي انقلابي توڙي قومي شاعريءَ تي اردو ۽ فارسي شاعرن جو اثر آھي، پر اھا ڪا غلط يا خراب ڳالھ نہ آھي. عصري حالتن ساڳين ھجڻ سبب شاعر دنيا جي ڪنھن بہ ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ شاعريءَ جو اثر قبول ڪري سگھي ٿو، ۽ ساڳيءَ ريت ادل تي خود شيخ اياز ۽ پنھنجي دور جي ٻين شاعرن جي شاعريءَ جو بہ اثر نظر اچي ٿو:

”**شيخ اياز:** نيٺ تہ ڍھندي ڪيسين رھندي دوکي جي ديوار.

**ادل:** نيٺ تہ ڍھندو ھي دستور، ڪو بہ نہ رھندو ڪنھنجو داس.

**شيخ اياز:** ڪونج ڪرڪي پئي ڪا اتر پار جي.

**ادل:** ڪائي ڪونج تنھا اڏاڻي نہ آھي.

**شيخ اياز:** ٽڙ ۾ کھڙا ٽاڪ ٽڪن جا

**ادل:** کھڙي ڪارڻ ٽيا ھن ڏکيا ھي ڏوٽي، ٽڙ جا ٽاڪ پڇن ٿا.

**شيخ اياز:** ڪائي ارھي اک نہ ھوندي لڙڪ نہ ڪو لاڙيندو، اھڙو ڏينھن بہ ايندو.

**ادل:** مايوسين کي موت بہ ايندو، آخر اھڙو ڏينھن بہ ٿيندو.

**شيخ اياز:** سنڌڙيءَ کي سيباءِ اياز، منھنجو گيڙو ويس غزل.

**ادل:** ويس گيڙوءَ ۾ ھتي آھي غزل، سنڌ ۾ سونھين نہ چوغو فارسي.“

سنڌ ۾ گيڙو رنگ جو ڪلام شاہ، سچل ۽ ساميءَ سان وابستا آھي پر خاص گيڙو رنگ غزل سچل سائينءَ کان ھليو آھي، ڇاڪاڻ تہ شاعريءَ ۾ سچل سائين کان اڳ سنڌي غزل جو ٻيو ڪو بہ وڏو شاعر ڪو نہ ٿو ملي، جنھن چيو آھي تہ:

**عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي،**
**عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي.**

(سناسي، خود تصوف جي معنوي رنگ لاءِ استعمال ٿيو آھي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل لغت مطابق ”سناسي“ جنڊيءَ تي ڪڍيل ”گل“ جو قسم آھي ۽ ٻيو تہ اھو ’ڇٽي‘ جو ھڪ قسم آھي، جيڪو ٽلھو ۽ ڳاڙھي داٽي وارو ٿيندو آھي، ان کان علاوہ عباسي رنگ بہ، خيري جي گل جھڙو ھلڪي ڳاڙھي رنگ جو ٿئي ٿو ھاڻي تہ ان ۾ پيلاڻ جو بہ پيوند ڪيو ويو آھي).

**الطاف عباسي:** موت جھڙي ماٽ آ، سپ گھٽيون آھن سڃيون، رونقون ڪاڏي ويون.

**ادل:** ھيڪلائپ جو اداس ٻيٽ، ڏي نہ آٿت، موت جھڙي ماٽ.

ادل بس ھڪ جملي ۾ ئي منھنجي ڳالھ جي تائيد ڪري ڇڏي آھي تہ:

**ڪڏھن ڪائي مصرع پراڻي نہ آھي.**
**ختم ٿي وڃي سا ڪھاڻي نہ آھي.**
**ڪٿي پيار جي ڪا پڄاڻي نہ آھي.**

پنھنجي واڪاڻ ۾ ڪنھن بہ شاعر کي نہ ٿو ڄڻائي تہ ھو ٻين جي شاعريءَ يا شاعريءَ جي فن کي ريٽي ڇڏي، جيسيتائين شيخ اياز جي روايتن سان بغاوت ڪرڻ وارو جملو آھي تہ اھو سندس ئي ڪيل شاعريءَ سان بہ نہ ٿو ٺھڪي، ڇاڪاڻ تہ شيخ اياز جي سموري شاعريءَ جو وزن، لھجو، اسلوب توڙي موضوع، فارسي ۽ اڙدو شاعريءَ جي روايتن جي گھاٽي مان نڪتل رس آھي، جنھن ۾ سندس لفظ، تشبيھون ۽ استعارا وقت، حالتن، مطالعي ۽ سندس مشاھدي سبب جدت واري عڪسبندي ڪندي نظر اچن ٿا، پر پوءِ بہ سندس سموري شاعريءَ جي طرز نئين يا جديد نہ آھي. البت ھاڻوڪي دور ۾ ھلندڙ روشن خيالي، قومي جذبن، يا سماجي ۽ معاشي حالتن تي ذميداريءَ سان ڪيل شاعريءَ جي حوالي سان شيخ اياز تمام گھڻن موضوعن ۽ گھاڙيٽن تي شاعري ڪئي آھي، جنھن سبب سندس نالو ھن دور جي جديد شاعرن ۾ سڀني کان مٿانھون آھي.

شاعري ھر دور ۾ جديد ھوندي آھي، شاہ لطيف شاعري ڪئي تہ اھا جديد ھئي ۽ ان کان پوءِ وري جڏھن سچل سائينءَ جي شاعري ميدان تي آئي تہ اھا سنڌ لاءِ جديد انداز ۽ طرز ڪٺي نمودار ٿي، جنھن ڪانپوءِ جي صوفياڻي شاعري انھن ٻنھي شاعرن جي اثر ھيٺ ٿي رھي آھي، ڇاڪاڻ تہ انھن ۾ جدت جون مڪمل ترين خاصيتون موجود آھن، ۽ جيڪڏھن شاعريءَ ۾ جدت ۽ تخليق جو عنصر نہ ھوندو تہ اھا شاعري رڳو ڪتابن جي صفحن تائين ئي محدود رھجي ويندي آھي، ۽ ائين ٿيو بہ آھي، خود سنڌيءَ جي نھايت بينظير شاعرن جو ڪلام رڳو ڪتابن تائين محدود آھي، جنھن جو ڪنھن مقالي ۾ ڪو ادبي حوالو بہ ملڻ مشڪل آھي پر انھن جي ڀيٽ ۾ شاہ سائين ۽ سچل سائينءَ جي شاعريءَ کي تاحيات دوام حاصل آھي.

ادل جي غزلن، واين، گيتن، بيتن يا نظمن ۾ بہ عصري روايتن جون نزاڪتون نظر اچن ٿيون، ھن جدت جي ٽڏاڻ ۽ ٽڪاڻ بہ قبولي آھي تہ روايت پسنديءَ ۾ ماضيءَ جي يادن ۾ ڏڪويل دل جي زخمن ۽ عذابن کي ھن بہ محبوب جي سوغات چيو آھي، زندگيءَ کي مختصر چيو آھي، ۽ ان مختصر زندگيءَ کي بنا ھمسفر جي ڏکيو چيو آھي، عشق کي آتش فشان سڏيو آھي، يا برڪا رت، نينھن ندي، نيڻ، گل، امن، اميري غريبي، الفت، ڪلفت،



لهرون، ڪتاب، خواب، رستا، سونهن، سينگار، ديوي، مندر يا اهڙن ٻين اسمن ۽ فعلن تي روايتن جي اثر هيٺ لکيو آهي، ۽ منهنجي خيال ۾ ته اها شاعر جي وسيع مطالعي ۽ وسعت نظري جي نشاني آهي.

۽ يقينن ادل، پنهنجي وڏي مرتبي واري شاعر جي ان جملي جو مانُ رکڻ لاءِ صبر کان ئي ڪم ورتو آهي، البت ادل جو ڪمال اهو آهي ته سالن جا سال شيخ اياز جي لاتعداد شاعري اتارڻ جي باوجود مٿس، شيخ اياز جي لهجي جو ڪو گهڻو يا وڏو اثر نه ٿيو آهي، انهن سمورين ڳالهين سان گڏو گڏ ادل جي شاعريءَ جو لهجو ۽ اسلوب به کيس پنهنجي دور جي ٻين ڪيترن شاعرن کان منفرد بڻائي ٿو، انفراديت جي زمري ۾ هن جي اها ڪوشش شعوري نظر ٿي اچي:

- غزل ٿو لکين ۽ پرائي زمين، نئين ڳول پنهنجي تون ڪائي زمين.
- شرابن ۾ وهنتل اوهان جا غزل هن، مٿيءَ هاٺيون آهن اسان جون هي وايون.

ادل پنهنجي شخصيت ۾ جيترو سنجيدو ۽ بردبار آهي اوترو ئي شاعريءَ جي سلسلي ۾ به سنجيدو ۽ باوزن طبيعت جو شاعر آهي، هن جي هر ڪڇندڙ نگاهه تي، منظوم عڪس جڙندا ويندا آهن، هر قدم تي شعرن جي سنگهر جڙندي ويندي آهي، اڪيلو هجي يا دوستن سان .... شاعري ساڻس هوا وانگر گڏ گڏ پئي گهلندي آهي. ظاهر ۾ ٻانهن لوڏي پيو هلندو پر اصل ۾ حالتن ۽ ماڻهن تي سندس نظر ڏاڍي فڪري ۽ گهري هوندي آهي:

- ڪو به چهرو ڪين ٿو پنهنجو لڳي....
- سونهن جي هڪ ساوٽيءَ موهي ڇڏيو....
- توسان ڪيئن ملان، ڪرفيو آهي شهر ۾...
- محبوبن جا ڍنگ بدلجي ويا آهن...
- فائيو اسٽار هوٽل ۾، هرڪا پاسي حور...
- هڪڙي پل جو ميلو آهي....
- پينو ستل آ، پرسان ان جي ڪشتي ۾ سڪا جاڳن ٿا...
- دوستيءَ ڪي روشني سمجهيو اسان...
- سپئي دوست پنهنجا سنجيده ٿي ويا...
- جهومن ٿا سنگ هوا ۾....
- يادون چمڪن ٿيون اجا دل جي شيشي ۾...
- اسان پنهنجو ورثو نه سانڍي سگهيا سين....
- گوليون ۽ ڏاڙيل، ڳٽتي ساري ڳوٺ ۾...
- هي ڌرتيءَ جي ٻولي وساري نه ڇڏجان....
- آزاديءَ جا ننڊ ۾ سپنا ٿا سڏڪن...
- مون جيڪي گيت چيا، سپ تنهنجي نانءِ ڪيا.

ادل جي انهن بي اختيار سٽن مان منظر يا جذبا اهڙيءَ ريت اظهاريل آهن، جن مان ڪٿي هو پاڻ سان مخاطب آهي ته ڪٿي هو ٻين سان مخاطب آهي، تخاطب جو اهو انداز ادل وٽ جهجهو آهي:

منهنجي اکين ۾ پاٽي ڪونهي، سپنا وسري ويندا آهن، هر ڪنهن ڪي هت آهي دوست، لوڪ آڏو پل نه مون ڪي سار تون، سرهاڻ جي دشمن ڪي آڇين ٿو گلدستا، زندگي ايڏي ڪڙي، جي مان خواب هجان، اندر ۾ اسان جي سوين ڪربلائون....

ادل جي شاعريءَ ۾ انسان دوستي، وطني قومي جذبا، اخلاقي نصيحتون، سماجي ذميدارين جي نشاندهيءَ بابت گهڻو مواد آهي:

- ڇا لئه ڳوٺ ڇڏي ويو آهين، شهر ۾ ڪهڙا پنهنجائپ.
- شهر پنهنجي ۾ هئي جا زندگي، ڪنهن اسان کان سا کسي آ زندگي.
- هي ڌرتيءَ جي ٻولي وساري نه ڇڏجان....
- آزاديءَ جا ننڊ ۾ سپنا ٿا سڏڪن...
- محبوبن جا ڍنگ بدلجي ويا آهن، سچل تنهنجي هاڻ گهڙولي ڦٽڪي ٿي.
- مان ته تنهنجي پيار ۾ ويڙهيو پيو آن، ڇڻ ته ڪنهن هٻڪار ۾ ويڙهي پيو آن.
- درد جو آواز هو اٽڪي پيو، هڪ دکي بيمار راڳيءَ جي نڙيءَ ۾.

مون سنڌي شاعريءَ ۾ خوابن/ سپنن جو تمام گهڻو ذڪر ڏٺو آهي، جن ۾ خاص طور خوابن ڪي اميدن آزوئن، امنگن جي تعمير ۽ انهن پيچ ڊاهه جي علامت ڪري پيش ڪيو ويو آهي، ادل وٽ به ڪجهه خواب اهڙا آهن:

- خوابن جا مهمان رات رهن ٿا هڪڙي.
- بادل برساتيون، هاٺي پسجن خواب ۾.
- اڪيون روز ڏسن، سپنا ساوڻ مينهن جا.
- ننڊ اسان وٽ اچ، سپنا ڪٽي سونهن جا.

پر جڏهن هو چوي ٿو ته سپنا وسري ويندا آهن، وسري ياد نه ايندا آهن ته حيرت جا دوار کلي ٿا پون ته ادل جي اها سٽ ڪيتري نه ڪمال جي سِٽ آهي، ڇاڪاڻ ته ماڻهو پنهنجي جوانيءَ ۾ ته عاشقيءَ جي برج تي چڙهيل هوندو آهي پر جڏهن جهونو ٿيندو آهي ته اها جوانيءَ جي مستي به نڪري ويندي اٿس ته سپنا به وسري ويندا اٿس:

- هاٺي سپنن ۾ ڇا رکيو آهي، تنهنجي نيٽن ۾ ڇا رکيو آهي،
- ڪنهن سمي ساهن ۾ هڪڙي سانوري هوندي هئي،
- خواب ها پاڳل سپئي، دل چري هوندي هئي.

ٻيو ته اها انسان جي پوڙهي ٿي وڃڻ سبب ذهن جي تقاضا به اها هوندي آهي ته ماڻهو رڳو اهي ڳالهيون ياد رکندو آهي، جيڪي سندس جيءَ ڪي جوان رکنديون آهن، سچل سائينءَ چواٽيءَ ته ”عشق ٻڍا نه ٿيوي، توڙي هو وي چٽي ڏاڙهي“.

بس اهو عشق ئي شاعر جو به سهارو ۽ سرمايو ٿئي ٿو. اها ساڳي صورت ادل وٽ به آهي جو چوي ٿو ته:

خواب نگر ۾ پري پري کان اٽپورا ارمان، هٽ هوا ۾ لهرائن ٿا.

خوابن متعلق ادل جي اها سٽ بلڪل انوکي آهي، جا کيس پنهنجي همعصرن ۾ منفرد بنائي ٿي ڇاڪاڻ ته سنڌي توڙي اڙدو شاعريءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اهڙي مصرع منهنجي نظر مان نه گذري آهي،

خوابن جي وسري وڃڻ ۽ انهن جي وري ياد نه اچڻ واري جو تعلق خوابن جي نفسيات سان به گهرو بڻجي ٿو، جنهن ڪي فرائيڊ پنهنجي ڪتاب ”انٽرپريٽيشن آف ڊريمس“ جي هڪ باب ۾ ان ڳالهه تي تفصيل سان ٻڌايو آهي ته جاڳڻ ڪانپوءِ سپنا وسري ڇو ويندا آهن؟

”استرومپيل“ جو مثال ڏيندي لکي ٿو ته: پهرين ڳالهه ته اها آهي ته اهي سمورا سبب جيڪي جاڳ واري حالت ۾ ويساري جي اڳواٽي ڪن ٿا، ساڳيا اهي ئي خوابن جي لاءِ عملي صورت جا حامل ٿين ٿا. اسان جڏهن جاڳيل هوندا آهيون ته اڻ ڳٽيا احساس ۽ ادراڪ پريون ڳالهيون سدائين وساري به ويهندا آهيون، ڇاڪاڻ ته اسان ان معاملي ۾ ڪافي ڪمزور آهيون يا ڇاڪاڻ ته انهن سان دماغي جوش جذبو اپاريندڙ معاملا، پنهنجي غربت، سادگيءَ يا مروت جي ڪري به هڪ خاص انداز سان وابستا هوندا آهن......

**پنهنجا خواب فقيرن جهڙا، ڇتيون ڇتيون ويس،**
**دردن جي ڪوهيڙي ۾ آ ڌنڌلو سارو ديس.**

پر انهن سوچن مان ئي ڪيترا معاملا خوابي مظهر جو روپ ڌارڻ ڪندا آهن، پر اهي به وسري ويل ئي هوندا آهن، ان ڪري يادگيرين ۾ اهي ڪمزور هوندا آهن، جڏهن ته نهايت مضبوط نظري خاڪا، يادن جي پسگردائيءَ ڪي گهيرو ڪري بيهندا آهن. پر شدت جو عنصر بهرحال، تعين ڪرڻ جي صورت ۾ ايترو پاڻ پرو نه هوندو آهي جو سپني جي سٽاءَ ڪي ياد ڪري سگهي.

ادل ان ڪي جمنا جي ٻهاريءَ واري ڪر ڪر ۽ رستي تان اڏامندڙ دز ڪي ساڃاهي هڪ زبردست منظر جوڙيو آهي:

**ٻهاري رستن تي ڦيري ٿي جمنا،**
**انهيءَ جا سپنا، ڌنڌلا ٿي ويا ڌوڙ ۾.**

جهڙيءَ ريت سپنا، نئين ڏينهن جي ٿاٿر کان اڳ ۾ رستو مٿي ويندا آهن، ائين جيئن سج اڀرڻ کان اڳ ۾ ستارن جو آب تاب جهڪو ٿي ويندو آهي، تيئن ويچاري جمنا جا سپنا به ٻهاري ڏيندي وکري وڃن ٿا، پوءِ ادل ڪي جنهن ڳالهه جو احساس ستائي ٿو، ان جو ذڪر هو ڪجهه هن ريت ڪري ٿو:

**هو بتيلا پنهنجا ڪاهي ويا هليا،**
**خواب تن جا ٻيٽ تي رهجي ويا.**

ادل پل ان ڳالهه کان شعوري طور واقف نه هجي پر شاعراڻي تخيلاتي استغراق سبب ڪيتريون ۽ نهايت پياريون سٽون بهرحال شاعرن جي ذهن تان لهي به ونديون آهن:

**خواب اسان جا رستي ۾ ڪيئن ٽڪجي پيا،**
**راهوڪيءَ ۾ فاضل راهو سوچي ٿو.**

وطن جي مستقبل جو سپنو هر سنڌي قوم پرست شاعر وٽ هڪ اميد جي علامت جيان آهي، پر موجوده وقت ۽ حالتن جي رخ سبب سنڌس من جي هڪ ڪنڊ ۾ اڻ لکي مايوسيءَ جو احساس به نظر ايندو آهي، ادل به ان احساس ۾ وڪوڙيل نظر اچي ٿو:

**اسان اڄايل قافلي جا مسافر آهيون،**
**اسان جي اکين جا**
**سپئي ڪوه سڪي ويا آهن**
**۽ رڃ ۾ پاڳل هوا جي**
**ڇير جي آواز کانسواءِ**
**ڏور تائين،**
**ڪا صدا به ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي**
**نيري آسمان تي ڀورا بادل**
**بي وفا محبوب وانگر**
**پري کان ڏسندا ڪلندا**
**اڄان به پري هليا وڃن ٿا**
**پوءِ به اسان مايوسيءَ جي چادر ناهي پاتي**
**جاڳيل اکين جي خوابن ۾ آبشارن جا آواز اچن ٿا**
**۽ اسان جي روشن اميدن جي خوشبو**
**اسان کان اڳ ۾ ئي**
**منزل تائين پهچي وڃي ٿي.**

۽ اها به هڪ تاريخي حقيقت آهي ته شاعر جنهن سونهن پري سماج جو نقشو جوڙيندو آهي يا ان جو تصور رکندو



- وقت وڏو هڻ ڪڻ، ڏوٿين ڪي ڏنگي ويو
- ٻوليءَ تي ٻاجهه ڪر توں،
- ٿاريليءَ جو جندڀ اڃان ترسي اَن لئہ.
- قاضي ڪُڏيا ڪالهہ، سچ ڪري سنگسار، ساڳيو آ ونهوار، اڄ بہ سچوءَ ديس ۾.
- عوامي آواز تي بندش، مسڪينن جي مڙهہ لئہ ڪوئي، ڪانڌي ٻٽجڻ ڪونہ ايندو آ،
- منهنجي ديس جا اڳواڻ، پرڏيهي مهمانن سان شڪار ڪري، پنهنجي نعرن سان گڏ ستا پيا آهن، اخبارن ۾ انهن جا بيان جاڳي رهيا آهن، انهن ئي رتوچاڻ راتين جون ڳالهيون،
- سياست ڪان وٺي ادب تائين، ٻہ نمبري ئي اڳتي هوندا آهن.

## ادل جي شاعريءَ ۾ تشبيهون ۽ استعارا:

شاعريءَ جي سونهن جو عنصر اصل ۾ تز تشبيهن ۽ استعارن جي آرستگيءَ تي ٻڌل هوندو آهي ۽ ادل جي شاعريءَ ۾ تما سهٽيون تشبيهون ۽ نهايت ٺهڪندڙ استعارا موجود آهن ۽ اهي تعداد ۾ بہ تمام گهڻا آهن:

پر ڪٿي ڪٿي تشبيهہ ڏيندي ڪمي بہ رهجي وئي اٿس.

## ادل جي شاعريءَ ۾ تجنيس جي سونهن:

سڌڪي تي ساٿو، سڄ ٻڏي ويو سمنڊ ۾. سنگ نہ منهنجا ساڙ، هي جي نسريا پوڪ ۾.

مند نہ ڪائي موت جي، پڙ جو موت پلو، گوري تنهنجا گج تي، سورن جا سيباَ، امن پکيءَ جا ڪنپ اڃا پي ڪوهيل آهن، هجومن ۾ هيڪلو، سارنگ سان سهڪاري، پرينءَ جي پڪين ڪي، ڏرتيءَ جا ڏاڙيل ٿا جاڳن، ماٺهو ماٺهو موت جي مورت، سک جا سارا پينگا پاڻ، سونهن سان سهڪار ڪر، وڇوڙي جي وڻ مان، سوچ ڪي سرهاڻ ڪر. پونءَ تي آهن پال، ڏرتي ڏوم ڏمال، سنڌوءَ جا سنيها، هي پيڙين جون ٻوليون.

## ادل تي تصوف جو اثر:

- نينهن ڪيو سارو نروار، گونگن ڪالهہ اشارن ۾.
- محبت ئي مسجود اسان جو، ڏيهہ ڏکن جو ڏوري، دلبر تنهنجو در، نرمل نرمل نينهن اسان جو،
- هستيءَ ڪي پستيءَ ۾ آٽي، عشق پاتي دستار.



ادل سومرو ۽ مرحوم منير نيازي سان

- دوئيءَ واريون دليون ڏوئي، مير ڪري ٿو دور،
- بيدل ڪي بيدل ٿو ڳائي، محبت ۾ مسرور.
- عشق بنا انسان اڌورو، ڌرم ڪرم ۾ ڇو ٿو الجهي، اڄڪلهہ جو انسان.
- ڏاڍگا ڌوئي ڌرم جا، سچل صاف ڪيا، هر پاسي ٿيو سوجهرو.

## ادل جي شاعريءَ ۾ دعائون:

- سنڌ تنهنجي سونهن شل قائم رهي (دائم رهي).
- منهنجي سپنن ۾ سمايل سنڌ آ،
- ڪين منهنجي خواب جو ڪو گهر ٻهي.

## ادل جي شاعري ۽ سندس هم عصر:

**ادل:** مان ڳائڻ بہ چاهيان، نہ ڳائي سگهان.
**امداد حسيني:** مان ڳائڻ بہ جي چاهيان تہ ڳائي نہ سگهان.
**ادل:** ”مهمانن ڪي ڇڏ تہ بابو گهر ۾ ڪونهي“.
**امداد حسيني:** وڃون گهر تي تہ چوندا ٻَهَر آهي.

## جديد معاشري تي تنقيد:

- علم وارن جي ادبي ميڙن ۾، مسخرن جون صدارتون آهن.
- موهن جي دڙي جو مها پروهت، ثقافت کاتي ۾ پنجين گريڊ جو ملازم آهي،
- هن ڪي پاتل اجرڪ منهنجي ڏاڏي ڇريو هو.

## تخلص جو استعمال:

جديد شاعريءَ جي هڪ جدت جا مون ڪي نظر آئي آهي اها هيءَ آهي تہ اسان جي جديد دور جي شاعرن پنهنجو نالو يا تخلص شاعريءَ ۾ اجايو ٽنبڻ وارو ڪم گهٽ ڪيو آهي، ان حوالي سان ادل بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ تخلص ڪي گهٽ استعمال ڪيو آهي، پر ڪٿي ڪٿي هن پنهنجي ذات ’سومرو‘ ڪي تخاطب طور ڪتب آندو آهي:

- توں هوائن جي پٺيان پيو ٿو ڊڪين،
  سومرا تنهنجو سفر ڪٿندو ڪٿي!
- سومرا هي توڪي ڇا آ ٿي ويو،
  هر اکر تنهنجو خطا آ ٿي ويو.
- نانءَ تنهنجي سان رهيو منسوب آ،
  سومري ٻئي جو سڏايو ڪونہ هو.
- توں بہ هاڻي سومرا سوچڻ ڇڏي ڏي،
  ڇانهن ۾ دانشوري ٻوڙڻ ڇڏي ڏي.

بهرحال اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ادل جا جذبا اڃا جوان آهن، هو جيتري شدت سان پنهنجي جذبن ڪي اظهاري ٿو، ان لاءَ هن ڪيريون لهٽيون:

- عڪس اکين ۾ سونهن جا آهن، خواب نگر ۾ رهندو آهيان.
- جاڳرتا جي واٽ تي منهنجي گيتن جو پنڌ نہ شال ڪٿي.
- اڃان سمنڊ پوڙهو ٿيو ڪين آهي،
- ڪنارن ڪي مرڪي ٻڌائن ٿيون ڇوليون. ■



ادل سومرو هڪ گڏجاڻي ۾ ناز سهتو، ريحانہ چنڙ ۽ رخسانہ پريت سان.



انفرادي Perception آهي.

**درد جون دل تي چٽيل ڳالهيون پڙهي،**
**ڪير ڪڪورن تي لکيل ڳالهيون پڙهي،**
**حالتن ڪان هو لنوائي گهر ۾ بس،**
**ٿو ڪتابن ۾ ڇپيل ڳالهيون پڙهي.**

فرد، جيڪو معاشري جي چوديواري ۾ رسن سان ٻڌل آهي ۽ رسا جيڪي هن جي رڳن سان جڙيل آهن. رسا جيڪي وجود جي پاڙن جيان زماني ۾ ڪتل آهن. اهي وقت سان ڇڄن ٿا. فطرت جو اهڙو عمل خودبخود آهي. فرد جي چاهڻ يا نه چاهڻ ڪي ڪا اهميت نه آهي. اسين تخم جي حد تائين Precoded ۽ Preplanned آهيون. وقت جي ڪلهن تي ويٺل فرد يرغمال ٿيل آهي. جڏهن رسا ڇڄن ٿا ته هو اڪيلائين ۾ آزاد ٿي دنيا مان روانو ٿي وڃي ٿو. ادل اهڙي ڪيفيت کي چٽيو آهي. جيڪڏهن معاشي حالتون اجازت ڏين ته اڪيلائيءَ ۾ ڪتاب پڙهڻ، شراب پيئڻ کان وڏي عياشي آهي.

**اسان ڪان لنوائي، هليو ٿو وڃي،**
**هو رستو مٽائي، هليو ٿو وڃي،**
**نه ترسي ڳالهائي عجب دوست آهي،**
**رڳو هٿ ملائي، هليو ٿو وڃي.**

ادل سومري، دوست جي بي رخيءَ کي سٺن لفظن ۾ چٽيو آهي. شاعريءَ جي ارتقا سونهن جي ساراهه سان شروع ٿي هئي ۽ پڪ سان ان جي بي رخيءَ تي ختم ٿيٽي آهي. اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شاعري اها سگهه آهي جيڪا ارتقا کان وڌيڪ اثر انداز ٿئي ٿي. شاعري پٿر دل محبوب کي پاڻي ڪري سگهي ٿي. دوست جي بي رخيءَ کي نئون رخ ڏئي سگهي ٿي.

**سڏڪن سان سحري ڪئي، ڳوڙهن سان افطار،**
**روئندا ڏسي يار، رمضان به روئي پيو.**

ادل سومري جي ان بيت ۾ درد سمايل آهي. غلام فريد جو ڪلام آهي:

**ڏکان دي روٽي.**
**سوران دا سالن.**
**آهان دا ٻالڻ ٻال ني.**
**آيل ڙي مين ڪنون آ ڪان،**
**درد وڇوڙي دا حال ني.**

پر ادل جو بيت منفرد آهي. سڏڪن جي سحري ۽ ڳوڙهن جي افطاري. بي وسي، غربت ۽ ڏک جي اظهار جو نئون انداز آهي. ادل سومرو سنڌي شاعريءَ جو اهڙو نانءُ آهي، جنهن کي شاعريءَ جي ڪنهن به هڪ صنف سان وابستا نه ٿو ڪري سگهجي. هن کي سڀني صنفن تي عبور حاصل آهي. جيئن چيو ويو ته ”ادل وائي ۽ بيت جو شاعر آهي.“ مان ان راءِ سان متفق نه آهيان. هن وٽ غزل جو ڀرپور اظهار آهي ۽ هن آزاد نظم، نظم، نثري نظم ۽ نوَ لڪا به تمام سٺا لکيا آهن. هن جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو آهي.

سندس ٻوڏ تي لکيل ڪجهه بيت پڙهو:

**ٻُڏي ويل وڻ تي، پکي ويٺا ها،**
**انهن جا ٻچا، آکيري ۾ ننڊ هيا.**

**طبقاتي نظام جيان، درياهه جو دستور،**
**ٻوڙي ٿو مزدور، ڳڙڪائي ٿو جهوپڙيون.**

**پاڻيءَ ٻوڙي آ ڇڏي، پونجي ۽ ميڙي،**
**اڪيلي ٻيڙي، ماڻهن کي ڳولهي پئي.**

سيلاب تي لکيل غزل جون دل ڇهندڙ سٽون:

**ٻارڙيءَ جو ڪو پتو ناهي ته هوءَ ڪاڏي وئي،**
**هيڪلي ترندي رهي، هن جي ڳُڏي سيلاب ۾.**

هن جي وائيءَ جو هڪ علامتي انداز

**ٻار ٿا اوندهه ۾ روئن،**
**درد تي ٻاري ڇڏيون،**
**زندگي گهاري ڇڏيون.**
**جي تري ٻيڙي نه پنهنجي،**
**لڙڪ ئي تاري ڇڏيون،**
**زندگي گهاري ڇڏيون.**

هن جي نثراٽي نظم ”اسان آسمان جو رنگ تبديل ڪرڻ ٿا چاهيون“ جيڪو آمريڪا جي عراق تي حملي وقت 2003ع ۾ لکيو ويو، مان ڪجهه سٽون:

**ڪين دلاسو ڏيو ته،**
**هڪ ڏينهن سڀني کي مرڻو آهي.**
**پر اسين ڪوشش ڪنداسين ته،**
**مرڻ وارن جو تعداد،**
**روئڻ وارن ڪان وڌي نه وڃي.**

هن جو آزاد نظم ”اڪين ۾ رچ جو رستو“ بين الاقوامي آواز آهي:

**تون پڙهين ٿي شاعري جنهن شخص جي،**
**تو اڳيان هوندي به هُو ڪيڏندو ڪٿي،**
**روپ بادل جو ڪيو محبوب آهي،**
**دل پُڇي ٿي هُو پلا وسندو ڪٿي.**

سندس غزل ۾ خاموشيءَ ڳالهائي ٿي. محبوب جي بادل جو روپ، ٿڌو احساس پيدا ڪري ٿو:

**ڳاڙها ساوا نظريا، رکي پاسي تي،**
**آءُ ته هڪ ٻئي کي، درد ٻڌايون ديس جا.**

هن جا بيت نوان خيال اُپارن ٿا. شاعر جو نظريو بي رنگ هوندو آهي. شاعر شفاف هوندو آهي. شفافيت، هوا کي غيب جو درجو ڏئي ٿي ۽ بي رنگي، پاڻيءَ کي الڳ ذائقو ڏئي ٿي. عظيم شاعرن ديس ۽ ان جي مارن کي اهميت ڏني آهي. ويريون پيدا نه ڪيون آهن پر ديوارن کي ڊاٿو آهي.

ادل سومري ڪوڙي قومپرستيءَ کي پڻ ننديو آهي:

**قوم پرستيءَ جي ڪمبل ۾،**
**لڪل خنجر،**
**دودي جي پٺ کي ئي،**
**زخمي ڪري ٿو.**

ادل سومرو سنڌي ٻوليءَ جو اهم شاعر آهي. هُو همدرد انسان ۽ سٺو دوست آهي. هن سنڌي ادب لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. حيدرآباد ۾ ادبي سنگت جي مرڪزي آفيس جو بنياد ادل سومري جي ڏينهن ۾ پيو. هو سٺو خطاط ۽ چترڪار آهي. شيخ اياز لاءِ ان جي آخري ڏينهن ۾ هُن جون ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪل ڪين آهن. هن وٽ عجز، نياز ۽ انڪساري آهي. هن جون هيٺيون سٽون سندس عظمت جو مثال آهن:

**بس ائين ئي لوڪ سان ڏکجي وياسين،**
**حال پنهنجو نئين صديءَ جهڙو نه هو.**
**سومري جو ماڻُ ۽ نالو ته هو پر،**
**پير ۾ تنهنجي جتيءَ جهڙو نه هو.** ■



# تماشو دردُ ٿو ٻڌجي

## ادل سومرو

اهو ئي ديس آ پنهنجو
سدائين گهاوَ هرٽين کي
چنبا ٿيا لالُ بگهڙن جا.

سرن تان چادرون ڇڪجن
گهٽين ۾ عزتون ڏڪجن
ٽڪن تي فيصلا پڙهجن
ڪتائون ڪيتريون لکجن
اِهو ئي ديس آ پنهنجو

ننگن تي تُهمتون ساڳيون
اُهي ئي ڏاڍَ جا جرڳا
رُلن پيرن ۾ ٽيون پوتيون
سدائين ڏوڙ ٿيا پٽڪا
روشن سَڀُ ڪورتون، ٽاٽا
انڌيرن ۾ ٻڏا پاڳيا.
اهو ئي ديس آ پنهنجو

تماشو درد ٿو ٻڌجي
خبر اخبار ۾ ڇپجي
اهو انياءُ جا چئجي!
هُنن جا ڪوٽ هِن ڪارا
جتي سڀ رُوحَ هن قيدي
هِنن جا ڪوٽَ هِن ڪارا
ڇڏِن ٿا سوچ کي وڪٽي.

اِهو ئي ديس آ پنهنجو
اَسان کي پوءِ به پيارو آ. ■



# جي خواب هجان ها...



## نصير مرزا

ادل سومرو منهنجي جيون ڪهاڻي جو اهم باب آهي. منهنجو پهريون پهريون ادبي دوست، جنهن کي مون پنهنجي جانِ جگر دوست، طارق عالم کان بہ پهرئين دريافت ڪيو. ۽ ڏانهنس دوستيءَ جو اِهو هٿ...۽ اُهو بہ هُن نہ... مون ئي هُن ڏانهن وڌايو هو. ۽ زندگيءَ جنهن مون کي هزارين هڪ جيڏن سان مڪا ميلو ڪرايو آهي. چئي سگهان ٿو. تہ هي ادل ئي تہ انهن مان هڪڙو آهي جنهن کي طارق وانگر وڏ ۾ وڏ وفادار پاتو. پر هي ادل ڪيئن مليو ۽ ڪٿان مليو مون کي؟ ۽ اهو اوڻيهہ سئو ٻاهتر يا شايد ٽيهتر واري ماهوار سوجهري جي ڪنهن صفحي تان! غالبن اسان کي هڪ ٻئي سان ملائڻ جو سبب بڻيل اها ڪائي ”وائي“ هئي، جنهن جي مٿان شاعر جو نالو درج هو. ”عبدالڪريم ادل“! خدا ڄاڻي ڪهڙو چڪمڪ هو ان وائي ۾ ... جو جهٽ پٽ سندس ڏس پتو هٿ ڪري، ڏانهنس قلمي دوستيءَ جو هٿ وڌائي ڇڏيم. ۽ اهڙو خط لکيي اڃا بہ چار ئي ڏينهن گذريا هوندا جو موتي داڻن اکرن ۾ سندس جوابي پريم پتر پهتو. ’پائڙا نصير‘! يا الله هي ’پائڙا‘ لفظ ڪهڙي بلا. اهو تہ مون حيدرآباد واسيءَ ، انهي کان اڳي نہ ڪڏهن ٻڌو هو نہ سُئو. خير خطن جي اهڙي اچ وڃ کي ڪو اڪ ڇنڀ جيترو ئي وقت گذريو. جو السلام عليڪم پائڙا چوندو ادل ٽنڊي ٺوڙي جي مرزا پاڙي ۾ هي اڃهو موجود بيٺو هو منهنجي گهر جي دروازي تي. ۽ پلا اهو ڏينهن ۽ سال ڇا؟ ۽ اهو بلڪل ڇٽائي سان نٽو لکي سگهان. ها اهو پڪ سان پيو لکان تہ مهينو يقينن جنوريءَ جو ئي هوندو ۽ تاريخ سترهين. ۽ هُو ان ڏينهن مون کي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري وٺي هليو هو، جتي سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ جو جشن هو. ۽ هو ان ۾ ئي مون کي شريڪ ڪرائڻ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي هليو هو. ڄمار منهنجي ان وقت هوندي تہ بس اها ئي ڪا اوڻيهہ سال ۽ ان ڄمار تائين پهچندي، مون شادين مرادين ۽ محرم جي مجلسن ۾ تہ، بي شڪ ڪيئي ڀيرا شرڪت ڪئي هوندي، پر ڪنهن سياسي جلسي وغيره ۾ ۽ اهو بلڪل پهريون ئي ڀيرو هو جو، آئون ان ۾ وڃي شريڪ ٿيو هوس، پوءِ ان رات، ادل مون کي رشيد ڀٽي صاحب جي پائيٽي ۽ پنهنجي دل گهريئي دوست ڊاڪٽر يونس ڀٽيءَ جي الاٽي ڪهڙي نالي واري هاسٽل جي روم ۾ هلي ٽڪايو هو اڃا ادل کي ان رات ڪهڙي رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا، يا پيرن ۾ بوٽ هئس يا سينڊل. اهو تہ ياد ڪو نہ پيو اچيم. پر ايترو ضرور ياد اٿم تہ ميلي ۾ ويندڙ ٻارن وانگر هن جي مٿي تي ٽڪن واري سنڌي ٽوپي ۽ ڪلهن ۾ نيرن ڳاڙهين ڦلڙين وارو اجرڪ ضرور پاتل هو. ظاهر آهي ٻيئي ڦوهہ جوان هئاسين ۽ ادل تہ الائي، ’ها-يا-نہ‘ پر آئون صفا ’ٽچا ٽچ هوس‘.

پر هيءَ ڇاليهارو ڪن ورهيہ اڳ واري اِها ڳالهہ، يا ياد ياگيري، آئون هتي ڇو پيو بيان ڪريان؟ شايد صرف... اهو ٻڌائڻ لاءِ، تہ جڏهن هاڻي اسين ٻيئي سٺ جي پيٽي ۾ پهچي چڪا آهيون. اسان جي هيءَ دوستي ڪيڏي نہ پُراڻي ۽ ڪُهني بڻجي چڪي آهي. (پر اڃ بہ سدائين وانگر جهڙي سدا بهار ۽ سدا جوان) خير هتي اها ڳالهہ تہ ڇٽي ٿي تہ ادل مون وٽ پهرئين ۽ آئون پوءِ هن وٽ سکر ويو هوس. ڇو ويس اتر سنڌ جي ياترا جي خيال سان. تڏهن اول اول تہ ادل مون کي معصوم شاهہ جي مناري تي چاڙهيو. پوءِ ٻيڙي ۾ گڏ ويهاري، دريا پار ساڌٻيلي جو سير ڪرايو. پوءِ ڪئنس روڊ تي شيخ اياز جي آفيس ڏيکاري. لئنس ڊائون پُل جو پري کان ديدار ڪرايو. اياز گل جهڙي ٽچا ٽچ شاعر سان ملرايو. ۽ آخر آخر ۾ سکر واريءَ پل تان لاڙڪاڻي وٺي هليو. جتي وري هن مون کي زيب سنڌيءَ، رزاق مهر، سليم ڪورائي، اخلاق انصاري ۽ واجد ناز وغيره سان ملاقات ڪرائي. تڏهن هي سڀ بہ ان وقت ادل ۽ مون جيترائي تہ نؤخيز ڇوڪرا هئا. بلڪل الهڙ ۽ بي پرواهہ. زنده دل ۽ بي حد پيارا. پوءِ لاڙڪاڻي کان موٽياسين، تہ لبِ مهراڻ تي ادل سومري پاران ڊنر ڪاڌم ۽ واپس حيدر آبادَ پهچي مٿئين سيني دوستن سان هڪ هڪ ڪري خط و ڪتابت جو سلسل شروع ڪيم. پر ڪيستائين؟ بس ايئن سمجهو تہ ٿورو ئي وقت هنن سان خط و ڪتابت رهي. پر اهڙو سلسلو جنهن سان مسلسل جڙيو ۽ قائم رهيو، تہ اهو صرف ادل سان. يعني جانِ جگر ادل سومري سان. ۽ پوءِ وقت تيزيءَ سان ڊوڙندو ويو. ادل سميت، منهنجا هي سڀ يار ۽ هڪ جيڏا، ڇا مان ڇا بڻجندا ويا. وڏا شاعر، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نگار، پبلشر، پر هي آئون؟

ڪالهہ جيان ۽ اڄ بہ اهڙو ئي ڄڻ شاعريءَ جي ستارن جڙيل پهراڻ تي بي ڍنگي چنبڙايل ڇتي. پر خود ادل جو منهنجي نگاهہ ۾ ادبي قد ڪاٺ ڇا ۽ شاعريءَ ۾ نمبر ڪهڙو ۽ ڪٿي وڃي بيٺو آهي؟(۽ چون ٿا نارائڻ شيام صاحب چوندو هئو، اديب ۽ شاعر ڪي گهوڙا ٿوروئي هوندا آهن، جو انهن کي نمبر ڏنا وڃن) پر شيام صاحب جي ممانعت جي باوجود ادل سومري کي ٻيو ڪجهہ تہ نہ، پر پاڻ واري ٿهيءَ جي سرِفهرست شاعرن جو امام شاعر آئون ضرور سڏڻ چاهيان ٿو ۽ ايئن بہ چوڻ چاهيان ٿو، تہ اڄ ادل جي منهنجي ڪلهي سان ڪلهو ملائي ڪنهن وقت اچي بيهندو تہ سندس قد پڪ سان هڪ اڌ انچ مون کان هيٺ ئي نظر ايندو، پر جي هو پنهنجي ادبي قد ڪاٺ سان منهنجي پر ۾ ڪڏهن جي اچي بيٺو، تہ هوئي اوچو نظر ايندو. ها ادل جي شاعريءَ ۾ ڪي هيٺ مٿانهيون بلڪل آهن ۽ سياوَ ۾ ڪي اڻ لکيون لُڇايون بہ ( پر اهڙيون ڦڙتيون گهڙتيون، ڪنهن ۾ ناهن؟) ۽ انهن جي باوجود ادل ماڻهو ڪمال جو آهي. نيڪ دل، معصوم، سڀاجهو، وفادار، سٺو رازدار، سادو، اڇو اجرو ( جهڙو قلزم جو قطرو) پر عاشق بلڪل ڳجهو(۽ صفا اپرمپار) ادل جَي ڳجهڙي سياوَ وانگر هن جي شاعري بہ ظالم شاعري آهي ۽ اصل ئي ناهي ٻڌائيندي تہ اُن ڪهڙي سينيئر يا جونيئر کان اُتساهہ ماڻيو آهي ۽ جيڪا بي ساختگي ۽ غنايت آهي هُن ۾، اهڙي تہ سچ پڇو اسان هڪ جيڏن مان، ڪنهن ۾ بہ ناهي. مثال طور ادل جون هي سٽون ڏسو:

جي مان خواب هجان، پل سپئي ترسان
تنهنجي نيڻن ۾.
آئي آهي اوپرين، ايڏي جوت ڪٿان
تنهنجي نيڻن ۾
.....
خالي يادن ۾ ڇا رکيو آهي
سچ رستن ۾ ڇا رهيو آهي.

يا گيت جي اسلوب ۾ لهجي جي هيءَ بي ساختگي جيڪا خالص ادل جي انفرادي ڊڪشن جي گواهي پئي ڏئي:

......
نہ دولت جي طلب آهي،
نڪو سنسار ٿو گهرجي





فقط تنهنجو پيار ٿو گهرجي
اهو سنسار ٿو گهرجي.

ادل جي وائين گيتن يا Even غزلن ۾ به بي بيشڪ ته ڏاڍي نرمي اداسي، محبوبيت ۽ ڏيرج آهي، پر سندس نظم، آزاد نظم ۽ پوءِ اهو نثر ئي هجي يا پابند، ان ذريعي هو سماج کي ڪائي ڇهنڊڙي يا چموٽو هڻڻ، ڪڏهن به ناهي وساريندو. مولا علي سرڪار جو قول آهي، ’لفظن کي ڏند ڪونه ٿيندا آهن، پر جي ڪنهن کي اهي چڪ هڻن، ته ٻرگهڙ لاهي ڇڏيندا آهن.‘ ادل وٽ نظمن ۾ لفظن جي واهپي جو اهڙوئي ڪرو هنر آهي ۽ ڪو جي هن جي ان انداز ۽ ڍنگ کي ڏسڻ چاهي ته سندس شعري مجموعن ’وليون وڻ ڦلارڻا‘، ’سمنڊ جاڳي ٿو‘ ۽ ’وساري نه ڇڏجؤ‘ جي صفحن تي سندس اهڙي هنر کي ملاحظ ڪري سگهي ٿو. ايئن ادل جا لڪيل هائيڪا به پنهنجي رنگ ڍنگ سان واهه جا آهن، جن ۾ پوري جو پورو سکر شهر پنهنجي ماضي سميت ڄڻ ساهه پساهه کڻندو پيو نظر اچي. ’جي بي منگهارام بسڪيٽ فيڪٽري‘، ’ساڌ ٻيلو‘، ’معصوم شاهه جو مينار‘، ’سکر جو آرهڙ‘، ’سکر جو سيارو‘، ’لبِ مهراڻ‘، ’ڪرڙيءَ جو ميدان‘، ’سکر وارو جيل‘، ’هيمون ڪالاڻي‘، ’روهڙيءَ جون راتيون‘، ’اروڙ جا مندر‘، ’ڪالڪا ديوي جو آستان‘، ’سنڌؤ تي ستارن جي جهرمر‘ ۽ ادل جي شاعريءَ ۾ خاص ڪري سندس هائيڪن ۾ جيڪو رنگ آهي. ان ته ادل کي ٻيو ته ڇڏيو خود سکر جي سينيئر ۽ جونيئر شاعرن ۾ به بلڪل ئي نشانبر ڪري بيهاريو آهي. خاص ڪري، هائيڪن ۾ هُن نازڪ خيالي جا جيڪي جيڪي نمونا چٽيا آهن، سکر جي شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر وٽ اهڙا منظر نظر ايندا. هي اجهو مثال طور سندس ڪجهه هائيڪا ڏسو،

پڳو جو گلدان
ڪريا وکريا پٽ تي
گل پريشان
....
آهي رات نري
پوڙهيءَ جي مٿي تي
ڪانين جي پري

شاعريءَ وانگر ادل کي نثر ۾ به ڌار اسلوب آهي. ۽ سندس اهڙي نثر کي آئون يا ته کڙو نثر سڏيندو آهيان يا کرو طنزمزاح. ڇهنڊڙيون. چموٽا، معنيٰ هن جو لڪيل غير افسانوي نثر ان انداز جو آهي، ڄڻ، ’ڪڇ پيي نه کها اور کهه پيي گئي.‘ مزاح ۽ مزيداريءَ جو اهڙو عنصر هن جي ٻارڙن لاءِ لکيل نظمن ۾ به واهه جو آهي. ’چنڊ ماما گوگڙو‘، ’دال ديڳ جو مانين ڪارو‘، ’جيڪو ٻار محنت ڪندو، پاس به ٿيندو جهٽ پٽ ۾‘.

هونئن هي اکر به سچ پچو ته آئون جهٽ جهٽ ۾ سندس سالگرهه جي حوالي سان رهڙيندو پيو وڃان. خير وڏي ڳالهه هتي ٻي هيءَ به، ته ادل جي باري ۾، هي آئون الائي ڪائون پيرو آهي جو ڪجهه نه ڪجهه لکي رهيو آهيان. ۽ هر پيري ساڳئي ’ادلي‘ بابت لکڻ يا سندس موجودگي ۾ ڪنهن اسٽيج تي بيهي ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائي لهندو آهيان، ته چڙي بيزاريءَ سان چوڻ لڳندو آهي، ’اڙي يار، گهٽا پيرا مون بابت اها ساڳي ساڳي ڳالهه ڪندو رهندين؟‘ تڏهن موٽ ۾ هر پيري وراڻيندو آهيان، ’ظالم ڳالهه تو بابت برابر ته پيري پيري سان ساڳي ئي ڪندو آهيان. پر ڇا هر پيري لفظ منهنجا ساڳيا ساڳيان هوندا آهن؟

اجهو تازو به ڪنهن تقريب ۾ سندس ڪا ساڳي ڳالهه ورجايم ته وري چڙي پيو. تڏهن ڪلندي وراڻيو هو مانس، ’پوءِ پيارا هر پيري تون به ته بي وڙن دوستن وانگر نئون نئون ۽ روپ مٽائي مٽائي مل نه، ته هر پيري توتي آئون نئين نئين ڍنگ ۽ رنگ آهنگ سان گل افشاني ڪريان.‘ هونئن ادل سان هاڻي منهنجون محبتون ئي نه هزارين هجتون به آهن. خاص ڪري طارق جي وئي کان پوءِ ته منهنجي ادبي دوستيءَ جي ڪهاڻي، ادل تي ئي ’تمت با الخير‘ سمجهو. ۽ آگاهه ٿيو ته طارق وانگر ئي هي ادل رڳو منهنجي ئي نه، منهنجي پوري فيمليءَ جو به بهترين فرينڊ آهي. هي اجهو تازو ٻه هزار ڏهه دوران امان جي گهر ڪان ڌار، ’ڪاشانهءِ دردانه‘ نهي تيار ٿيو ۽ ان ۾ جيڪا مون شيام جٽسنگهاڻيءَ جي نالي سان لائبريري قائم ڪئي آهي. ان کي ڏسي هڪڙي ڏينهن دردانه پاپوهه مان چيو هئم، ’تنهنجي عزيز ترين دوستن مان چاهيان ٿي ته ڪو ان لائبريري جو افتتاح ڪري . ۽ مهمان خاني ۾ رات جو قيام اچي ڪري ته اهو پهريون ماڻهو به تنهنجو دوست ادل سومرو ئي هجڻ گهرجي.‘

ادل کي پيار ۾ ڪڏهن ڪڏهن آئون ’ادلو‘ به سڏيندو آهيان ته ’ادلا‘ چئي به پيو مخاطب ٿيندو آهيان، هڪ پيري ٻڌايائين ته سندس والد بزرگوار به ڪيس عبدالڪريم يا ڪريم سڏڻ بدران سدائين ’ادلا‘ يا ادل ڪري ئي پيو مخاطب ٿيندو هو. خير هاڻي ته ادب ۾ ادل ايڪيهين گريڊ ۾ ڊاڪٽر ادل سومرو بڻجي چڪو آهي پر مون لاءِ ته هو اهو ئي ’ادلو‘ آهي، ’ادل‘ يا ’پيارو ادل سومرو واريءَ تڙ سکر وارو. ۽ هاڻي جڏهن ڊاڪٽر پروفيسر، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ڊاڪٽر ادل سومري يا ادلي بابت هي ليک لکان وينو ته سوچيان پيو هڪڙي ادل ۾ هڪ ئي وقت هي جو ايترا سارا ادل گڏ ٿيل آهن، تڏهن ڪهڙي ادل تي لکي، ڪهڙي تي لکان؟ سو ان حوالي سان جيستائين ڪا واهه ڪا راهه سجهيم، سندس شعري مجموعي ’سمنڊ جاڳي ٿو‘ جي مهاڳ مان شيخ اياز صاحب جون هي سٽون ٿو هتي اتاريان، ”ادل سومرو جنهن فارسيءَ ۽ اردو وزنن کي لت هڻي، شعري روايات جا سارا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ جنهن پنهنجو ترنم پنهنجي اندر جي آواز مان اپاريو آهي، هِن ۾ قوميت به ڀرپور آهي ته بين القواميت به هن ٿوري ئي عرصي اندر حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي. ۽ ايئن شاعر جي حيثيت ۾، نئين دور جي شاعريءَ تي، هو پنهنجو اثر به وجهي چڪو آهي.“

شيخ صاحب جي اها مٿين راءِ منهنجي لاءِ ته، سَنَد جو درجو رکي ٿي ۽ اهڙي راءِ کان پوءِ هي آئون ئي ڇا، ادل بابت ڪنهن به نقاد يا اپياسيءَ جَي ڪجهه به لکڻ جِي ڪا گنجائش هاڻي رهي به ڪٿي ٿي؟ سو عزيز، هم وطنو، پيارا پائرو، يارو ۽ پانڪو، ادل بابت جيستائين ڪا ٻي تحرير آئون لکان هن تاثر مان اوهان کان موڪلايان ٿو.الله حافظ. سدائين گڏ. ۽ السلام عليڪم و رحمت الله و برڪاتَ هُو. ■



## ڊاڪٽر مشتاق ڦل

## اسان جي دل جون تاڪڙيون...

اکين جون حرڪتون سيئي
ڇپن جا رنگ مرڪڻا،
هوا به تيز ٿي هلي
رئو به ٿو اڏي پيو
اسانکي ڏور کان ڏسو
اُڪير مان جو سڏي پيو
۽ زلف بار بار ٿا
دلين کي دعوتون ڏين
۽ قربتن سان ٿا ڪهن
ڪنن جون پاپڙيون ڇهي
ٻه والڙيون نچن پيون
ڳلن جي ڳيرو ڳوٺ ڏي
اسان جي دل کهي وئي
اسان جي دل ته بي ڇئي
هوا جي نگ رنگ ۾
سڄڻ جي انگ انگ ۾
صدين جا فاصلا ڪٽي
وڏي سڪون پيار سان
۽ پيار جي قرار سان
صدين جو ٽڪ ٿي پيجي
حسين ،، خوبرو، جوان
۽ مَهَ لقا ڪا ڇوڪري
اسان جي دل جون تاڪڙيون
۽ روح جون دريون سيئي
پيڻ لڳي ،پيڻ لڳي
اسانکي هيڪلو ڇڏي
وڃڻ لڳي وڃڻ لڳي. ■

03008943034



# پوپٽن جون چاهتون...



**پارس عباسي**

ادل سومري جو نالو ته ننڍپڻ کان ئي ٻڌندي ايندي هئس ۽ سندس لکيل ٻاراڻا نظم ڏاڍي چاهه سان پڙهندي هئس. انهن مان گهڻا ته مون کي اڄ تائين به ياد آهن.

پئسا پنهنجا سپ ڪپائي
مُٻن ويٺو جانجهه وڄائي
قاسم ترڪيو ڪيلي تان
مٻن موٽيو ميلي تان

نانو نُورل ويو گذاري
ناني نوري گڙ ٻڙ ۾
دال جا آهن ڏڏڪا روز
حلوو پوري گڙ ٻڙ ۾
چانگي مَل جي شاديءَ ۾
ڄڃ سموري گڙٻڙ ۾

ادل سومري جا اُهي ٻاراڻا ۽ معصوم نظم پڙهي، سوچيو هو ته ادل به ڪٽمنڙن، لغڙن ۽ چڊن تي موهت، هڪ ننڍڙو ٻار ئي هوندو.

بابا جي آفيس ۾ جاتي، ادل سومرو، اياز گل، مختار ملڪ، قربان منگي، ابراهيم ڪرل ۽ ممتاز بخاري جا ميڙاڪا ٿيندا هئا، اُتي ادل سان ملاقات جو اتفاق ڪڏهن ڪونه ٿيو. ادل سومرو هميشه پس پرده ئي رهيو پر هڪ پڙهندڙ جو هڪ ليکڪ سان غائبانو رشتو هلندو پئي آيو. ادل سومري سان منهنجي ملاقات گهڻو پوءِ اسلام آباد ۾ منهنجي ئي گهر ۾ هڪ ننڍڙي مشاعري ۾ ٿي. جتي تنوير عباسيءَ، امداد حسينيءَ، سحر امداد، اياز گل ۽ ادل سومري پنهنجا پنهنجا شعر پڙهيا.

**ساڏ ٻيلي جو پوڙهو ساڏوُ سوچي ٿو**
**وڻ ٿا سوچن آخر ڇا هُو سوچي ٿو**

ادل سومري جي انهي شعر مونکي بيحد متاثر ڪيو. تڏهن کان ئي مان سندس، هڪ مڪمل استاد واري ڳنڀير شخصيت ۽ شاعريءَ ۾ فڪر جي گهرائيءَ جي قائل ٿي ويس.

**سانجهيءَ ڏاري ٽڪل شڪاري سَرهو آ**
**ڍنڍ، پکين جي اُجڙي ٽولي ٿڙڪي ٿي**
**ڪاريءَ جو آواز اُجهامڻ وارو آ**
**رائيفل جي ناليءَ ۾ گولي ٿڙڪي ٿي**

هڪ ئي وقت ڪن زندگين جي اوڄ ۽ پستي جو Contrast هڪ ڇرڪ پيدا ڪري ٿو ۽ اُهائي فڪر جي گهرائي ادل سومري جي شاعريءَ جي پهرين سڃاڻ آهي. جيئن امداد حسيني ادل سومري لاءِ لکي ٿو ته: جي ادل سومري جي شاعريءَ مٿان سندس نالو به لکيل نه هجي تڏهن به مان سمجهي ويندس ته اُها شاعري ادل سومري جي آهي.

گُل سپئي مغرور توڙي تي ويا
پوپٽن جون چاهتون ساڳيون رهيون
ڪيتري تبديل دنيا ٿي وئي
پنهنجي گهر جون حالتون ساڳيون رهيون

تنوير عباسي، ادل سومري لاءِ لکي ٿو، ’مبارڪ‘ آهي اُهو ڏينهن جنهن ڏينهن ادل سومرو ڄائو. ڀٽائي ڄائو. سچل ڄائو. ادل سومرو اسان جي دور جي سنڌي شاعرن ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿو ۽ اڳتي هلي، ادب جي تاريخ ۾ به رکندو.“ ان ۾ ته ڪوبه شڪ ناهي ته جي سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ادل جا ٻاراڻا ڪتاب، شامل نه ڪجن ته اُهو اڌو-اڌ سفر پٺتي رهجي ويندو. ٻارن لاءِ ايڏو مسلسل ۽ رونيءَ سان لکڻ، سولو ڪم ناهي. اهو رڳو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن ليکڪ جي اندر جو ٻار، نه صرف جيئرو هجي، پر سگهارو ۽ صحتمند به هجي.

بابل! منهنجي دل ٿي چاهي
ڏسان آنءُ به چنگ وڄائي
جانڻ جڏهن اسڪول اچي ٿو
چنگ وڄائي خوب نچي ٿو
ڪڏهن نه هُو پر مونکي ڏئي ٿو
ڪير ته جانڻ کي سمجهائي
بابل! منهنجي دل ٿي چاهي

لهجي جي اها سادگي ۽ سٻاجهائي جو نه رڳو ادل سومري جي ٻاراڻي پر، ٻي سڄي شاعريءَ ۾ به واضح آهي.

ڪيئن ڇٽي ها درد اسان جو
دل آ پيارا ڇاڻي ڪونهي
منهنجي ڪوتا جو ڳياڙي آ
شهزادي ڪا، راڻي ڪونهي
سارا لفظ ڪُٺي ويا آهن
ورندي تو ته اُماڻي ڪونهي
منهنجي اکين ۾ پاڻي ڪونهي
هاڻي ڪاٻه ڪهاڻي ڪونهي

**اوهان جي اچڻ تي ٻتيون خواب ٿي ها**
**گُلن جون اوهان لئه پتيون خواب ٿيا ها**
**جڏهن پائي گجرا، اگڻ ۾ سُتينءَ تون**
**تڏهن منهنجا تارا، ڪتيون خواب ٿيا ها**

**اسان پنهنجي پاڳن جو هيسيل هي هرڻيون**
**زماني جي ٻگهڙن کان ڪيسين بچايون**
**نه ڏيئو آ روشن نه ڪک پن بچو آ**
**هوائن اسان سان ڪيو هِن ٻلايون**

پيار منهنجو جي نديءَ جهڙو نه هو
ساٿ تنهنجو به پکيءَ جهڙو نه هو

ادل سومري مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. گيت، ترائيل، دوها، غزل، بيت ۽ وايون، جيڪو ته شاعريءَ جي فني ڄاڻ کانسواءِ ممڪن ناهي. شاعري ۾ به Mathematics موجود آهي ۽ گهارٽين ۾ برابر جوڙ ڪٽ کانسواءِ شعر ڪچو رهجيو وڃي. عام طرح اسان وٽ اهو تاثر آهي ته جيڪو شاعر جيترين گهڻين صنفن ۾ لکندو، اوترو وڏو شاعر ليکبو، پر حقيقت ۾ ائين ناهي. سُٺي شاعريءَ جا ٻيا به بنيادي اصول آهن. موضوع، اسلوب، گهاڙيٽو، تشبيهه، استعارو، تجنيس حرفي، بحر ۽ وزن جون پابنديون ۽ شاعري ۾ ردم يا موسيقيت، ردم هر صنف ۾ شرط آهي.

ازرا پائونڊ لکي ٿو ته ”جيڪي شاعر موسيقيءَ ۾ دلچسپي نه ٿا وٺن اهي يا بُرا شاعر آهن يا اڳتي هلي برا شاعر ٿيندا. شاعرن کي هوندئن به گهڻو وقت، موسيقيءَ کان پري نه رهڻ گهرجي.“

ادل سومري جي شاعر ردم سان ايڏي ته جهنجهيل آهي جو جهونگارڻ کانسواءِ ئي جهونگار محسوس ڪري سگهجي ٿي.

**پڙهيون مون ته آهن گهڻن جون ڪهاڻيون**
**هوائن ٻڌايون وڻن جون ڪهاڻيون**
**تون ڏاڻن، هرن ۽ جنڊن کان پُڇي ڏس**
**لڦن سان سجايل هٽن جون ڪهاڻيون**

گُل ٿاريءَ مان ڇني پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون
ساز جون تارون ڇهي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون
گم ٿيڻ جو آهي خطرو اهڙي گهاٽي جهنگ ۾
تُنهنجي وارن ۾ گهمي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳون

سانڻ جا برساتي سپنا
ٿي ويا ڇڻ گهر ڀاتي سپنا
نيڻن ۾ تيزاب ڇٽي ويا
سهڻيءَ جا محلاتي سپنا

اهي ته ڳالهيون هيون ادل سومري جي پابند شاعريءَ جون، هاڻي اچون ٿا ادل سومري جي نثري نظمن تي.

**تاريخ جي ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر**
**اسان آسمان جو رنگ تبديل ڪرڻ ٿا چاهيون**
**مائرون فقط روئڻ لاءِ هونديون آهن**

اُهي ٿيئي ادل سومري جا اُهي مزاحمتي نثري نظم آهن، جيڪي موضوع ۽ اسلوب جي لحاظ کان بيحد اُڻ ڇهيل ۽ ڌوڪيندڙ آهن. انهن جو اجتماعي تاثر پڙهڻ کانپوءِ به پُڄڙ تاري وانگر، گهڻي دير تائين ذهن ۾ رهي ٿو. اُهي يقيناً شاعريءَ جي تاريخ ۾ وائکي جاءِ والاريندا.

اسٽالن چيو آ ”ليکڪ انساني روح جو انجينئر هوندو آهي، انسان جي اندر جتي جبل ۽ کاهيون هونديون آهن، هو اُتي رستا جوڙيندو آهي ۽ پليون ٺاهيندو آهي.“

ادل سومرو به رستن ۽ پُلين جي شروعات، ڪڏهن جو ڪري چڪو آهي. مون کي پڪ آهي ته اهو ڪم ادل سومري کي ۽ ادل سومرو ان ڪم کي ڪنهن بهتر جاءِ ڏي ئي ڪٽي ويندا.

**اوهان پنهنجي گهر جي ڪُشادي پڌر مان**
**پرينءَ جي پکين کي اُڏاري نه ڇڏجو**
**وساري نه ڇڏجو.** ■





# حُسن آڏو هار آهي شاعري...

لياقت رضوي

ادل سومري جي شاعريءَ ۾ جيڪا سادگي، بيساختگي ۽ معصوميت آهي، اُهائي کيس پنهنجي همعصر شاعرن ۾ الڳ حيثيت ڏئي ٿي. هن جي شاعريءَ جو مواد روزاني زندگيءَ جي ڏکن سُکن مان کنيل آهي ۽ هُو ان کي شاعراڻي سليقي سان پڙهندڙن آڏو پيش ڪري ٿو. سندس اِهو تخليقي ڪم بيشڪ جَسُ لهڻي. ادل سومري جي شاعري هجي يا هُن جو ٻارن لاءِ لکيل ادب هجي، اُهو سنڌي ادبي تاريخ جو بي بَها ورثو آهي. هُن جي ڳڻائڻ جهڙين خوبين مان هڪ خوبي، هيءَ به آهي ته هُو مسلسل لکي رهيو آهي. زندگيءَ جي مامرن هُن جي قلم تي اجان دز اچڻ نه ڏني آهي. پنهنجي نالي جهڙي سٻاجهڙي طبيعت ۽ پنهنجي شاعريءَ جهڙي سادگي ڀريئي شخصيت، ادل سومري جي شاعري هُن جي دوستيءَ وانگر آهي. مان جي سندس تعريف لکندس ته لڳندو، دوستي پيو نباهيان، جي تنقيد ڪندس ته اُرهه زورائي ٿيندي، جو سچ پچ به مان تنقيد جي علم کان لاعلم آهيان. ها البت هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان، منهنجي پسند، ناپسند ضرور آهي. ادل سومري جي شاعريءَ مان منهنجي ڪجھ پسند:

**اُڏي اَما ڏيو تو جو آهي، سوئيٽر پيار منجهان**
**اُن کي تنهنجي هٿڙن جو مان سپنو ٿو سمجهان**

**گُل ٽاريءَ مان ڇني پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون**
**ساز جون تارون ڇهي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون**
**زندگي تو کان سوا به مان گُذاري ٿو سگهان**
**خط ۾ جُملو لکي پوءِ آڱريون سوچڻ لڳيون**

**پيار ڪان جي ڏار آهي شاعري**
**سا به ڪهڙي يار آهي شاعري**
**هونئن ته ساري لوڪ کان ويندي ڪٺي**
**حُسن آڏو هار آهي شاعري**
**اوپرن جان هُوءَ هتان گذري وئي**
**ياد ڄڻ ڪا ذهن تان گذري وئي**
**جنوريءَ ۾ جُون جهڙي ڪا ڇُمي**
**ڄڻ چپن جي پرِ منجهان گذري وئي**

منهنجي راءِ سان اختلاف ڪرڻ وارا گهڻا هوندا، پر پوءِ به منهجي اِها راءِ آهي ته سنڌيءَ ۾ ڏيڍ ڏهاڪي کان ٿيندڙ شاعريءَ ۾ شاعري يا شعريت ڪانسواءِ ٻيو سڀڪجھ آهي. شعريت منهنجي نظر ۾ رڳو ردم ناهي، پر خيال جي نواڻ ۽ گهرائي به آهي. رڳو ترنم آميز تُڪبندي، قهر جي قافيه سازي يا علم عروض يا ڇند وديا جي ڄاڻي، منهنجي خيال ۾ اعليٰ شاعريءَ لاءِ ناڪافي معيار آهن. اهڙي ئي نثر جي حالت آهي، رڳو ايترو نه پر عالمي سطح تي به ارون ڌتي راءِ جي ناول ”گاڊ آف سمال ٿنگز“ ڪانپوءِ اهڙي تخليق سامهون ڪانه آئي آهي، جنهن اچي پنهنجو ڏاڪو ڄمايو هجي. دنيا کي گارشيا مارڪيز جي بايوگرافيءَ جو انتظار هو، پر اُن به عالمي ادبي ماٺار ۾ ڪا مانڌاڻ ڪانه مچائي، توڙي جو ان جا ٻه حصا اچا رهيل آهن. لڳي ائين ٿو ته دنيا ۾ نج ادب جي گنجائش گهٽ ٿيندي ٿي وڃي. دنيا ۾ آيل تبديلين ادب ۽ صحافت کي هڪٻئي سان ملائي ڇڏيو آهي. مون کي خبر ناهي ته اِهو صحيح ٿيو آهي يا غلط، پر ايترو ضرور ٿيو آهي ته شاعري ۽ ڪهاڻي، عالمي طور تي ذري گهٽ بي توجهيءَ جو شڪار ٿي ويون آهن.

اهڙين حالتن جي باوجود سنڌ ۾ انهيءَ جي برعڪس گهڻي کان گهڻي شاعري ٿيندي رهي آهي. گهڻي کان گهڻي ڪهاڻي به لکبي رهي آهي. سنڌ دنيا جو واحد خطو آهي جتي پڙهندڙ گهٽ ۽ ليکڪ وڌيڪ آهن. اهڙي ماحول ۾ ادل سومري جو آواز پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. ادل سومري جي شاعريءَ ۾ ٿي نثري نظم پڙهي، سنڌي شاعريءَ سان مان پنهنجي لاتعلقيءَ تي ٻيهر ويچارڻ لڳو آهيان. ڇو ته اِهي ٿي نثري نظم:

<u>**نئون ناچ**</u>
**مائرون فقط روئڻ لاءِ هونديون آهن**
**تاريخ جي ٽاڻي ۾ ايف آءِ آر.**

پڙهڻ ڪانپوءِ مون کي لڳو ته گذريل ڏهن پندرهن سالن ۾ سنڌي شاعريءَ ۾، مون اهڙا نثري نظم نه پڙهيا آهن.

گهڻي عرصي کان، سنڌي شاعريءَ ۾، بجاءِ ڪنهن جمالياتي اتساهَ جي، رڳو معنيٰ جي ورجاءَ ۽ ڇند رومانوي جذباتيت جي استعارن، تقابلي محبت جي تمثيلن ۽ وزن (بحر وزن) جي عياشيانه بوريت پيدا ڪئي آهي. ليڪن سنڌيءَ ۾ لکجندڙ ڪجھ نثري نظمن ۽ مير محمد پيرزادي جي گيتن بابت منهنجي راءِ ان جي برعڪس آهي. ناول جي صنف وانگر نثري نظم جي صنف به سنڌيءَ ۾ گهٽ رائج آهي ۽ انهيءَ گهٽ رواج ۾ آيل صنف ۾ به محض چند شاعر آهن، جيڪي نثري نظم جي استعمال تي عبور رکن ٿا، ادل سومرو به انهن چند شاعرن مان هڪ آهي. ادل سومري جي سموري ته نه، ليڪن ڪجھ شاعريءَ بابت منهنجا تاثر هن ريت آهن: سارتر جي نظر ۾ شاعري هارايل ماڻهن جي ڪٿيل بازي آهي ۽ جيڪو حقيقي شاعر آهي، اهو موت تائين يا ڪٽي چؤُ ته مرڻ گهڙيءَ تائين هارائيندو ويندو آهي ته جيئن آخري سوڀ سندس مقدر بڻجي. ادل سومري جي منهنجي مطالعي هيٺ آيل سموري رومانوي شاعري ڄڻ ته ترنم ۾، ان مٿين ڳالهه جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿي:

**چنڊ تي ڄڻ ڄار ٿا پئجي وڃن**
**تنهنجي مک تي وار ٿا پئجي وڃن**
**سوڀ تي نادم بڻائي ۽ ڪڏهن**
**هار تي به هار ٿا پئجي وڃن**

يا هڪ ٻئي غزل جا هيءُ ٻه بند پڙهو:

**مورِ جو ڪنپ مون اکين تي هو رکيو**
**پر اُهو تُنهنجي سڳيءَ جهڙو نه هو**
**سومري جو ماٺُ ۽ ٽالو ته هو**
**پير ۾ تنهنجي جُتيءَ جهڙو نه هو**

جيتوڻيڪ ادل سومري جي رومانوي شاعريءَ ۾ اهڙا ٻيا به ڪوڙ مثال ملندا، ليڪن منهنجي خيال ۾ ادل سومرو رڳو رومانوي شاعر ناهي. محبت بابت شاعري ڪرڻ، ادل سومرو جي لاءِ ائين آهي، جيئن جنگ جي ڏينهن ۾ محاذ تي وڙهندڙ سپاهي، وقفي ۾ ويهي، جهرڪيءَ، پوپٽ يا پنهنجي پرينءَ جو پينسل اسڪيچ ٺاهيندو هجي. ادل سومري جي شاعري جو تمام گهڻو حصو، واضحُ، نشتر ۽ نه ٽٽندڙ تعلق سان سنڌ جي وابستگيءَ جو بيان آهي. انهي ڳالهه جو مطلب اهو هرگز ناهي ته ادل سومري جي شاعريءَ ۾ ڪائي نعري بازي آهي. اڪثر سنڌي شاعر، سنڌ جي دلسوز حالتن کان حقيقي طور تي متاثر ٿي جيڪا شاعري تخليق ڪندا آهن، ڄڻ ته نعري بازي پئي لڳندي آهي، پر ادل سومري وٽ تخليقي ڏانءُ ۽ تجربي جي گهري سياءُ، سندس شاعري کي سطحي نعري بازيءَ کان بچائي رکيو آهي.

جيئن ”خواب ۾ خواب“ يا ”صديون جيڪي منٽ لڳن ۽ سيڪنڊ جيڪي سال لڳن“ نتشئي جان بيحد وڻندڙ ۽ ڪيس اتساهيندڙ موضوع هئا. ائين ادل سومري جي شخصيت ۽ شاعريءَ جا به ڪجھ مخصوص موضوع آهن، جيڪي شايد ادل کي ائين اتساهيندا هوندا جيئن چنڊ، چڪور کي.

جيستائين ادل سومري جي شخصيت جو تعلق آهي ته ان جا انيڪ موضوع ٿي سگهن ٿا. مثال طور: آدرشي استاد، لاجواب دوست، باڪمال شاعر، با حيا حُسن پرست، بي حجاب هڏ ڏوکي يا حساس دل دشمن (مخالف). جڏهن ته سندس شاعري جا فقط ٻه موضوع آهن، هڪ ڌرتي (يعني سنڌ) ۽ ٻي سرتي (يعني جنهن جي ادل سومري کي خبر هوندي. مون کي رڳو ايتري خبر آهي ته هن جي سڳي، مور جي ڪنپ کان وڌيڪ جمالياتي جواز رکي ٿي ۽ منهنجو دوست ادل سومرو بقول سندس، جنهن جي ”جتي“ جهڙو به خود کي ڪونه ٿو سمجهي) مان جڏهن ائين چوان ٿو ته ادل سومري جي شاعري جا فقط ٻه موضوع آهن: ”هڪ ڌرتي ۽ ٻي سرتي“ ته ان مان منهنجي مراد ادل سومري جي سموري شاعري نه آهي، بلڪِ فقط اها شاعري آهي، جيڪا مون سندس ڪتابن ”وساري نه ڇڏجو“ جي 67 غزلن، 44 واين، 82 بيتن، 12 گيتن، 16 نثري نظمن (جن مان ڪي آزاد نظم آهن پر ادل سومري انهن کي نثري نظم ڪوٺيو آهي)، 6 ترائيلن، 75 دوهن ۽ ٻئي ڪتاب: ”سمنڊ جاڳي ٿي“ جي 91 بيتن، 33 غزلن، 25 واين، 34 نظمن، 10 گيتن، 90 هائيڪن ۽ ادل سومري پاران موڪليل 12 غزلن، 9 واين، 5 ترائيلن، 4 آزاد نظمن، 2 نظمن، 17 نثري نظمن، 55 بيتن ۽ هڪ نوَ لکي جي فوٽو ڪاپين جي صورت ۾ پڙهي آهي. ان سڄي شاعري کي آسانيءَ سان پرينءَ ۽ جنم ڀوميءَ جي موضوعن تحت الڳ الڳ ڏسي سگهجي ٿو. سواءِ ادل سومري جي نثري نظمن جن ۾ محبت ديس، ديس جي



تباھ حال شاندار تاريخ ۽ ادل سومري جا احساس اداس فتحمنديءَ سان بيان ڪيل آهن.

مون کي خبر ڪونهي يا مون کان وسري ويو آهي ته ادل سومري ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيو، شايد سترجي ڏهاڪي کان. ليڪن مون کي خبر آهي ۽ ياد آهي ته ادل سومري مٿين ٻن ڪتابن ڪانسواءِ شاعريءَ جي ٻين پنجن شعري ڪتابن جو خالق پڻ آهي. جن ۾ چار ٻارن لاءِ شاعري جا مجموعا ”روز ٽڙن رابيل“، ”چندبُ پشم گولو“، ”پتلين جو تماشو“، ”پوپٽ جهڙا گيت“ ۽ هڪ مجموعو جوانيءَ سان جهنجهيل دلين لاءِ ”وليون وڻ ڦلارئا“ شامل آهن. اها به حقيقت آهي ته شاعري ڪانسواءِ ادل سومرو نثر ۾ جهجهي انداز ۾ لکيو آهي. ٻارن لاءِ لکيل سندس نثر ۾ ڪتاب ”آچر جا احوال“، ”جيتن جي ڪانفرنس“ ۽ ”نئين دور جا نوان سبق“ اڄ به ٻهراڙيءَ جي ٻارن ۾ مقبول آهن. جن پڙهندڙن ادل سومري جو نثري ڪتاب ”اسين مسافر پيار جا“ پڙهيو هوندو، اهي مون سان متفق ٿيندا ته جيئن بقول امداد حسينيءَ جي ته ”ادل سومري جي شاعريءَ مٿان جيڪڏهن نالو نه به لکيل هجي، تڏهن به مان سڃاڻي وٺندس ته اها ادل سومري جي شاعري آهي.“ ائين ئي ادل سومري جي نثري تخليق تي به جيڪڏهن نالو نه لکيل هجي، تڏهن به ادل سومري جو پڙهندڙ سڃاڻي وٺندو ته اهو ادل سومري جو لکيل نثر آهي. ادل سومرو پنهنجي شخصيت کان شاعري تائين هڪ منفرد مقام رکي ٿو ۽ سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻ جي صدا صدين تائين گونجندي رهندي. اها ادل سان منهنجي دوستي آهي، جيڪا ڪجھ ايتري گهري آهي جو هميشه ادل سومري تي لکڻ مون لاءِ هڪ مشڪل مرحلو هوندو آهي. ليڪن اها به حقيقت آهي ته شاعري ۽ خاص ڪري سنڌي شاعريءَ تي لکڻ جي سلسلي ۾ مان نامناسب ماڻهو آهيان. پوءِ به ادل جي شاعري تي لکڻ مهل منهنجي ذهن ۾ جيڪو پهريون لفظ آيو هو سو هئو: ”واريءَ ٽڙ“ جڏهن به مان لفظ ”واريءَ ٽڙ“ تي سوچيندو آهيان، جيڪو مون 1980ع ۾ دريافت ڪيو هو ۽ جتي ادل سومرو رهندو آهي، ته مون کي اهو لفظ پٿائي جي هڪ اهڙي ڪيفيت کي ياد ڏياريندڙ لڳندو آهي، جنهن جي لاءِ فقط ”پٿائي. ڪيفيت“ جهڙو لفظ ئي مناسب ٿيندو. برابر هاڻي اتي واري ڪانهي، اڳي يعني اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ به ڪانه هئي، ليڪن اتي سنڌي شاعري جي هڪ ندي رهي ٿي، جيڪا پياري ادل سومري جي دل کان دماغ ڏي، هڪ ابتي آبشار جيان وهي ٿي ۽ پوءِ سنڌ جي سِسڪندڙ نسلن جي ذهنن جي آس وند آبياري ڪري ٿي. جيئن ته مون خود ئي ادل سومري جي شاعري کي ٻن موضوعن ۾ ورهايو آهي. ان ڪري پهريائين مان ادل جي رومانوي موضوع جو رخ ڪيان ٿو. رومانويت، چوندا آهن ته شاعري جو روح هوندي آهي (منهنجي خيال ۾ ”اُها“ شاعريءَ جو ننديپڻ هوندي آهي) اڪثر شاعر پنهنجي خيال جي سرميداڻيءَ مان، پيار جي سرائي ضرور پريندا آهن، ته جيئن سندن شاعريءَ جون اکيون وڏيڪ سهڻيون آهن، يا ٿي سگهي ٿو ان جو ڪارڻ ثقافتي ادبي روايت هجي. ادل سومرو به، پنهنجي هم عصر تخليقارن وانگر، سنڌي ادب جي ترقي پسند ڌارا جو نمائندو شاعر آهي. سنڌي شاعريءَ ۾، ترقي پسند روايت جي تسلسل ۾ ادل سومري جو اهم مقام آهي. سندس زرخيز ذهن جي آڪاش تي شاعراڻا خيال، ستارن جيان جرڪندي نظر اچن ٿا. ان ڳالھ جي گھٽي اهميت ڪونه هوندي آهي ته شاعر ذاتي سطح تي محبت يا عشق جي عمل مان ڪيئن گذرندا يا گذريل هوندا آهن. اصل اهميت ان ڳالھ جي هوندي آهي ته اهي پنهنجي يا ٻين جي محبتي مشاهدي ۽ عشقيه تجربن کي ڪيتري اثرائتي ۽ پرڪشش انداز ۾ بيان ڪري سگهن ٿا. شاھ لطيف کان وٺي شيخ اياز تائين ۽ امداد حسيني کان وٺي اياز گل تائين سنڌ جي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعري، ان ڳالھ جو چٽو ثبوت آهي. جهڙي طرح ادل سومرو پنهنجي متضاد خيالن جي هڪ خوبصورت ائسوسئيشن ٺاهي، شاعري ۾ پيش ڪئي آهي، اهڙو ڏانءُ، سنڌ جي تمام گهٽ شاعرن ۾ آهي. سندس شاعري مان چند رومانوي شعر، پڙهندڙن جي جمالياتي حظ لاءِ حاضر آهن، پهريائين چند مثال دوهن جا:

پيارُ ورهائي پريت نباهي ٿيڏو آ انسانُ
جيسين واڳھُ اندر ۾ جاڳي تيسين مان حيوانُ

ڪوهيڙي ۾ ديپ ٻرن ٿا اچڻي آهين تون
چيرون پائي شام نچي ٿي توکي ساريو مون

تُنهنجي اُماڻيل ڪاردِ تي آهي چپن جو نيشان
منهنجا چپ انهيءَ تي پهچي ڪيڏو ٿيا حيران

رات رُني هئي تنها ڪڪري چوڙي پنهنجا وار
پکي به جاڳيا پن به جاڳيا جاڳي پيا ها ڏار

يا ڪجھ مثال غزلن جي شعرن جا:

هُن ٿي ڏٺو دريءَ کان ۽ مينهن ٿي وسيو
بيٺو رهيس اتي مان ۽ مينهن ٿي وسيو
اِن کان وڌيڪ کهڙو مون لئہ عذاب هوندو
گُذري وئي هوَ پرسان ۽ مينهن ٿي وسيو

جنوريءَ ۾ جَونِ جهڙِي ڪا چُمي
جڻ چپن جي پَر منجهاَن گذري وئي

آگريون ڪجھ پاڻ ۾ ڳالهيون ته ڪن
تون انهن کي ائين جدا چوٿي ڪرين

جيڪو مون وٽ رهجي ويو توکان ڪتاب
تُنهنجون ٿو ڳالهيون ڪري مون سان ڪتاب
هونئن ته منهنجو دوست آ پيارو مگر
ڪين ٿو مُرڪي ڏسي تو جان ڪتاب

سُونهن جا اجرن پکين ۾ ٿي رهي
شاعرن جي سا دلين ۾ ٿي رهي
تنهنجي گذرڻ بعد به ڪيئي پهر
تنهنجي خوشبوءِ جڻ گهٽين ۾ ٿي رهي

جيڪڏهن ڪيرڪيگارڊ (Kierke Gaard) جي انهيءَ ڳالھ کي ڌيان ۾ رکجي ته: ”..... جُوان ٿيڻ بجاءِ مان شاعر ٿي ويس، شاعري به ته هڪ طرح جي جواني هوندي آهي.“ ته سچ پچ ادل سومري جي رومانوي شاعري جوانيءَ جي ٻُور سان ٻُوريل لڳندي. مون کي خبر ناهي ته ادل سومري جوانيءَ ۾ شاعريءَ کي ڪيئن ڏٺو هو ۽ شاعريءَ ۾ جوانيءَ کي ڪيئن ٿو ڏسي. پر جدائي کي اِجهو هُو، هينئنءَ ٿو ڏسي:

توکانسواءِ عاشقي، اٽڪٽ اوجاڳو
دل مٿان ڏاڳو، وچوڙي ويڙهي ڇڏيو

کهڙا آهن ڏينهن ۽، کهڙيون تاريخون
رسي وئينءَ تون، سپ ڪجھ رکجي آويو

تُنهنجي مُرڪ تلاءُ جو، ڳوليندي چارو
اجان اجارو، هرڻ منهنجي چاهہ جو

پويان پل هيءَ زندگي، رهُ تون مون سان گڏُ
متان منهنجو سَڌُ، وڃي اُجهامي اوچتو

اهڙيءَ ريت مان هتي ادل سومري جي رومانوي شاعري جا اڪيچار مثال ڏئي سگهان ٿو، ليڪن رڳو ايترو چوندس ته ادل سومري جي رومانوي شاعري، جهڙن غزلن ۾ پُر اثرائتي لڳي ٿي، اهڙي ئي نظم، آزاد نظم، بيت، دوهي، وائي، گيت توڙي ترائيل ۾ محسوس ٿئي ٿي. سنڌي شاعريءَ ۾ رواج هيٺ آيل سڀني صنفن تي، ادل سومري جي دسترس، کيس سڀني شاعرن ۾ مٿاهون مقام عطا ڪري ٿي. اسپنوزا چواڻيءَ ته ”سموريون شيون ائين ئي رهڻ چاهينديون آهن، جيئن اُهي پنهنجي وجود ۾ هونديون آهن، مثال ابدي طور پٿر، پٿر ۽ چيتو، چيتو ئي رهڻ چاهيندو آهي.“ ائين ادل سومرو به پاڻ ۾ هڪ ادل سومري جو ابدي وجود رکي ٿو، جيڪو پنهنجي شاعري ۾، پاڻ کي ائين ورهائيندو ٿو رهي، جيئن سمنڊ پاڻ کي لهرن ۾ ورهائيندو آهي.

هتي مان ادل سومري جي رومانوي شاعري تي پنهنجي تذڪري کي پورو ڪري، سندس شاعري جي ٻئي موضوع يعني ”ڌرتي“ طرف اچڻ چاهيان ٿو. پر ان کان اڳ مان ادل سومري جي رومانوي شاعريءَ لاءِ هڪ ڳالھ جو اضافو ضرور ڪندس ته، ادل سومري اهڙي شاعريءَ لاءِ شاندار بحرن، دلڪش تشبيهن، نون استعارن، سُهڻن لفظن ۽ اتساهيندڙ انداز کي ڪاميابيءَ سان هنڊايو آهي.

نوبل انعام يافته آفريڪي اديب، چينوا اچيبي جي خيال ۾، ”شاعري کي ماڻهن طرف هئڻ کپي. نه، انهن جي غلاميءَ جي حمايت ۾.“ پلي مون کي ان چوڻيءَ سان اختلاف هجي، ليڪن ادل سومري جي شاعري جو سگهارو ڀڳل حصو، ان چوڻيءَ جو جيئرو جاڳيندو ثبوت آهي. هتي واقعي به مان ان بحث ۾ پوڻ نٿو چاهيان ته شاعري يا ادب کي ڪنهن جي طرف هجڻ گهرجي يا نه، ليڪن ايترو ضرور چوندس ته شاعريءَ کي هميشه شاعريءَ طرف هئڻ گهرجي. ادل سومرو پر مون وانگر منجهيل ڪونهي، سندس پُرعزم شاعري، غلامي، جبر ۽ ناانصافي خلاف، هڪ شاعر جي گهڻ طرفي للڪار آهي. ادل سومري جي مزاحمتي شاعري، سنڌ سان عشق جو اربيلو اظهار آهي. ادل سومري پنهنجن جذبن جي گرمائش ۽ ٻوليءَ جي حسناڪ استعمال سان شاعريءَ ۾ جيڪا ڳالھ چئي ٿو، دل ۾ چڀندي محسوس ٿي ٿئي:

ڌماڪي ۾ ڏار، ڏڙ سسين کان ٿي ويا
رانديڪا ۽ ٻار، ڪوئلو ٿي ويا ڪار ۾

پنچين ٽولي ساڳئي آهي
سامهون گولي ساڳئي آهي
ڪنهن به ديس ۾ گونجي پر
ڌانهن جي ٻولي ساڳئي آهي

هڪڙي نظم جون چند سٽون پڙهو:

مُرڪ رُسي وئي ڇهرن کان آ
شهر ۾ ساڳيو ڊپ وسي ٿو



**ڪرفيو جي راتين ۾ هاڻي**
**چنڊ بہ دهشت گرد لڳي ٿو**

يا هن وائي جون چند سٽون:

**کهڙا تو ونين رستا**
**ڪجهہ ترس هتي رمتا!**

**هي ديس دکي آهي**
**سپ راڳ وڇوڙي جا، ۽ درد سڄي ڪوتا**
**چند ماڻهو هندورن ۾، جهوريءَ ۾ جنتا**
**هي ديس دکي آهي**

**ڌرتي! تُنهنجا خواب هي، ڪير اُجاڙي ٿو**
**ڪير لتاڙي ٿو، رستا تنهنجيءَ سينڌ جا**

**ڳاڙها ساوا نظريا، رکي پاسي تي**
**آءُ تہ هڪٻئي کي، درد ٻُڌايون ديس جا**

ادل سومري جي سنڌ جي لاءِ ڪيل شاعريءَ ۾، هڪ شاعر جو اٽوٽ ويساهہ موجزن آهي. دلڪش سادگيءَ ۽ پرعزم لهجي ۾ لکيل ادل سومري جي ڌرتي لاءِ شاعري، ڄڻ تہ سنڌ جي قدمن ۾ مترنم لفظن جي گلن جي پيٽا آهي. جيڪا ادل سومرو جنهن جرئت ۽ ايمانداريءَ سان پيش ڪري ٿو ان لاءِ جَسُ لهڻي.

**سنڌ لفظ مان جُڙيا، سمنڊ، ندي، ڌرتي**
**ٿنهي تان سرتي! گهوريندا سين ساهہ ڪي**

**سنڌ سان ويساهہ جو، ناتو جوڙي ڇڏ**
**جهنڊ وڪوڙي ڇڏ، دل تي ان جي عشق جو**

**ڌرتي چاهي ٿي، بدحاليءَ کان آجپو**
**عزت ساڻ ڳيو، ملي هر انسان کي**

**هي جو هٽ اُپا ڪري، جُهومي ٿي جنتا**
**انهيءَ جا رستا، روڪي سگهندين ڪيئن تون**

**منهنجي حصي جو تون، مون کي ڏي پاڻي**
**ڪوڙي آڪاڻي، اُڄ اجهائي ڪين ٿي**

دردیلي ديس جي هن دلربا شاعر ادل سومري جي شاعريءَ کي مون ”ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ“ جي موضوعن ۾ ورهائي، شايد ڪا زورآوري ڪئي هجي. پر ان ۾ ڪو وڏاءُ بہ ڪونهي، جو خود ادل جي لفظن ۾:

**مون لئہ ٻئي مقدس آهن**
**دلبر تنهنجو در ۽ سنڌ**

پوءِ بہ مون کي پڪ آهي تہ ادل سومري جي شاعري موضوعن جي گوناگونيت سان ڀريل آهي. شو پنهائر چواڻيءَ، ”فن قابلِ ديد غير حقيقتن جو گهرجائو هوندو آهي.“ ادل سومري جي شاعريءَ ۾ خاص طور تي سندس ”نظم“، ان ڳالهہ جي چٽي شاهدي ڏيندي نظر اچن ٿا. سندس نظم، ”ڪڏهن نہ ڪٽندڙ اوسيئڙو“ يا ”ڪئمپ، ڪرفيو ۽ چنڊ“ درد، حقيقت ۽ غير حقيقت جي هڪ اعليٰ ائسوسئيشن جو مثال آهن. يا سندس نظم ”نسخو“، ”مايوسين کي موت بہ ايندو“ ۽ ”ڌرتي تي گلاب تہ آخر ترڙٽا آهن“، انساني ڪيفيتن جي اعليٰ چترڪاري جو مثال آهن. معنيٰ ۽ موسيقيت جي سريلي سنجوڳ سان سينگاريل، ادل سومري جي سموري شاعري هڪ جمالياتي جوهر سان جرڪندي نظر اچي ٿي. ان ڳالهہ جو اهو مطلب هرگز ڪونهي تہ ڪو ادل سومري جي شاعري تنقيد کان مٿاهين آهي. چئي سگهجي ٿو تہ ان ۾ تنقيد جي وڏي گنجائش هجي سگهي ٿي. ليڪن مان جيئن تہ تنقيد نگار ناهيان، ان ڪري اهو ڪم انهن لاءِ ڇڏيندي مان هتي ادل سومري جي نثري نظمن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. پر پهريائين اوهان کي ادل سومري جي هائيڪن بابت ڪجهہ ٻڌائيندسُ.

هائيڪو اصل ۾ جپاني صنف آهي، ادل سومري جنهن ۾ لاجواب تجربا ڪيا آهن. ادل سومري جي هائيڪن ۾ باشوءَ جو صبر ۽ تنوير عباسي جي مرڪ ترندي نظر اچي ٿي. هتي سندس سمورا هائيڪا ڏيڻ تہ ناممڪن آهي، چند حاضر آهن.

**شاهہ سائين جي سٽ**
**اوندهہ جي گهڙي تي ڄڻ**
**چانڊوڪيءَ جا چٽ**

**پيگو جو گلدان**
**وڪري ڪريا پٽ تي**
**ٿي گل پريشان**

**ناتو نٽو ٽوڙي**
**بس پراڻيءَ جي پٽيان**
**دونهون پيو ڊوڙي**

**معصوم شاهہ مينارُ**
**سرون ڪوٽ اروڙ جون**
**درديلو ديدارُ**

**چٽيءَ سان پوڙهو**
**تيز مٿان برسات آ**
**رستو پڻ سوڙهو**

شاعري تخليق ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪلاسيڪي ۽ جديد رايا ۽ خيال موجود آهن. جن ۾ ڪي شاعريءَ کي پيغمبري ڪم سمجهن ٿا يا ڪي ان کي عقل جي اعليٰ واردات ڪوٺين ٿا. بهرحال هڪڙي ڳالهہ طئي آهي تہ شاعري مشڪل ڪم آهي، جنهن ڪري هر ڪوئي ان ۾ ڪاميابي نٿو ماڻي سگهي ۽ منهنجو خيال آهي تہ شاعريءَ ۾ وري ”نثري نظم“ لکڻ، اجان وڌيڪ مشڪل ترين ڪم آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ادب ۾ اجان تائين نثري نظم جي صنف نہ تہ پنهنجو صحيح مقام ماڻي سگهي آهي ۽ نہ ئي ان جي ڪائي مقرر وصف طئي ٿي سگهي آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي وڏن وڏن شاعرن کان بہ اها ڀل چڪ ٿئي ٿي وڃي تہ اهي پنهنجي آزاد نظمن کي بہ نثري نظم جي ذمري ۾ شمار ڪن ٿا. ادل سومري جي نثري نظمن ۾ جيڪا رواني، اعتماد، اڇل ۽ اچانڪ ٽپو آهي، سو لاجواب آهي. سندس نثري نظم ”ڊاڪٽر دانيءَ جي نالي هڪ درخواست“ شاهڪار تخليق آهي، جنهن ۾ ادل سومري ”موهن جي دڙي ۾ رهڻ جي عرض“ کي هڪ لازوال تهذيبي استعاري ۾ تبديل ڪندي هڪ اعليٰ پائي جي ثقافتي جماليات جو چٽ چٽيو آهي. ”ڊنل اکين جا خواب ۽ مائي ياڳيءَ جون صدائون“، ”دل جي قبر ۾ دفن ٿيل سڏڪو“، ”محقق عشق ناهي ڪندو“، ”مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن“، ”چاڪيواڙي جي شام“، ”لٽ جي سهاري تي هلندڙ پوڙهي ثقافت“، ”نئون دور آهي ڪامريڊ“ ۽ ”ٻار ووٽ نہ ڏيندا آهن“ ادل جا اهڙا شاهڪار نثري نظم آهن، جن ۾ هنيلي دردناڪي سان جبر جي تاريخ کي استعارن ۽ تشبيهن ذريعي جنهن شاعراڻي طنزيت ۽ تخليقي اعتماد سان بيان ڪيو ويو آهي، اهو لاجواب آهي. جڏهن تہ ”ڇڇريل زندگين جا قافلا“ ۽ ”مريم جو ڏک“، ترتيبوار رسول ميمڻ جي ننگر پارڪر بدلي ٿيڻ تي ۽ ٽالپرن جي مريم توب تي لکيل اهڙا تہ اڀاڻڪا ۽ خيال جي گهرائيءَ سا ڀرپور نثري نظم آهن، جيڪي سڌو دل ۾ لهندي لڳن ٿا. دل تہ چئي ٿي ادل سومري جي هر نثري نظم تي الڳ الڳ پنهنجي احساسن کي اوهان سان ويهي ونڊيان، پر پوءِ بہ ايترو ضرور چوندس تہ ادل سومري بابت منهنجو هي تاثراتي اپياس اڌورو آهي ۽ اڌورو ئي رهندو. ۽ مون کي اهو بہ اعتراف آهي تہ ادل سومري جي بيتن، ترائيلن ۽ واين ۾ جيڪا تخليقي خوبي موجود آهي، مان ان جو تذڪرو ڪونہ ڪري سگهيو آهيان. البت ادل سومري جا ڪجهہ نثري نظم ادبي اُڀرائيءَ ۾ لکيل ٿا ڏسجن، ”حشو ڪيو لراماڻيءَ جو ڏس پتو گهرجي“، ”مهان شاعر امير خسروءَ جي مزار تي“ ۽ ”هڪ ننڍڙو مشورو“ نثري نظم ان ڳالهہ جو ثبوت آهن. منهنجي خيال ۾ اهي ادل سومري جا ڪمزور نثري نظم آهن.

ادل سومري جي واين جو ذڪر نہ ڪري، مون جيڪا ڪوتاهي ڪئي آهي، دل چئي ٿي ان کي، ادل سومري جي هڪ پوري وائي هتي ڏئي، پوري ڪيان ٿو. جنهن ۾ منهنجي خيال ۾ هن فاني دنيا ۽ ابدي زندگيءَ بابت، ادل سومري جو دلڪش ۽ فلسفياڻو اظهار آهي:

**ملياسين موج مستي هئي**
**ورياسين گهر تہ تنهائي**
**گهڙيءَ جي راند هئي ڪائي**

**هُئي جا سمجهہ کان ٻاهر**
**اُهائي عشق سمجهائي**
**گهڙيءَ جي راند هئي ڪائي**

**ڪيون سي چار ئي ڳالهيون**
**جُدائي اوچتي آئي**
**گهڙيءَ جي راند هئي ڪائي**

پنهنجي هن اڌوري اپياس کي مان ادل سومري جي شاعري مان، چند پنهنجي پسند جي شعرن سان ختم ڪرڻ چاهيندس:

**ڳوٺ بہ جاڳي وڻ بہ جاڳن جاڳن ٿا ڏاڙيل**
**ڪيڏو آهي ڊپ هوا ۾ ڪنبن ٿا رابيل**
*(دوهو)*

**شينهن جيان آ وقت سدائين نئون پُراڻو سال**
**مسڪينن جو ساڳيو آهي هَرٽيءَ جهڙو حال**
*(دوهو)*

**مستيءَ مان آلاپيو ويٺي راڳي موٽڻ شاهہ**
**سينهو ڳيءَ ۾ مرڪي پئي هئي سچل جي درگاهہ**
*(دوهو)*

**ويهي وڻ جي ڇانوَ ۾، مُوڙا ٿو ناهي**
**هن جي گُهر چاهي، دال وٽي، بہ مانيون**
*(بيت)*

**ٻُهاري رستن تي، ڦيري ٿي جمنا**
**انهيءَ جا سپنا، ڏُنڊلا ٿي ويا ڏُوڙ ۾**
*(بيت)*

**تار تو ۾ مست سنڌو پيو وهي،**
**سنڌ ! تُنهنجي سُونهن شل قائم رهي.** ■



# همعصر دور جو عڪاس...



مبارڪ علي لاشاري

اسين پرائمريءَ جي نصابي ڪتابن ۾ پڙهندا آهيون تہ آخوند "استاد" اها طاقت آهي، جيڪو خدا پاران لکيل انساني دلين جا پيغام پڙهي ٿو. نہ صرف پڙهي ٿو پر انهي جي تشريح بہ ڪري ٿو. الائي چو مون کي جديد دور جي تشريحي تنقيد Hermeneutics پڙهندي اهو سبق ياد اچي ويندو آهي. هرمينيوٽڪس جنهن کي علم تشريح ۽ تاويل چئبو آهي. ان کي ڪيترن ئي علمن يا علمي شاخن سان ڳنڍي سگهجي ٿو.

هي علم توڙي جو عيسائين پاران بائبل جي تشريح و تاويل يا ان جي شرح Exegesis طور سڃاتو وڃي ٿو، جيڪو هاڻوڪي دور ۾ اچي علم و ادب جي ڪيترن ئي شاخن سان سلهاڙجي ويو آهي پر سندس فڪري ڏارائون ڪوڙ ساريون آهن. ان علم يا نقط نظر کي استادن کان ويندي شاعرن ۽ شاعرن کان ويندي، ترجمہ نگارن، نقادن، دانشورن سان سلهاڙي ڏسجي ٿو. پيغام دلين تي لکيل هجي يا فطرت جي خوبصورت نظارن ۾، يا انساني فطري قوتن يا جبلتن ۾، پيغام سماج جي پيڙا ۾ لکيل هجي يا معاشرتي مسئلن ۾ پر ان کي پڙهڻ وارا انسان هرمينيوٽڪس قوت رکندڙ هوندا آهن.

انهي تناظر ۾، شاعر فطرت، جماليات، انساني صورتحال، انساني پوڳنائون يا خوشيون، سماجي، سياسي، معاشي، نفسياتي ارتقاءَ يا تاريخ جي تسلسل کي سڀ کان منفرد ۽ تخليقي انداز ۾ ڏسي ۽ جاچي ٿو. پر حقيقي شاعر ان کان بہ هڪ قدم اڳتي وڌي ان سموري صورتحال ۽ لقاءُ کي پنهنجي زبان ڏئي ٿو، جنهن سان شاعر جي ٿياڪڙي سان اهي سموريون حالتون ڳالهائينديون آهن ۽ پنهنجو درد يا پنهنجي ڳالهہ بيان ڪنديون آهن. پر ان ۾ شرط آهي تہ شاعر جي فڪري پهچ، ايمانداري، سچائي ۽ فني سطح ان مقام تي هجي جو انهن شين کي ميرٽ تي ڪٽي وڃي. ان پسمنظر ۾ شاعري سڀ کان وڌو ڪم ۽ شاعر اهم مقام رکندڙ فرد آهي. جيڪو عام حالتن کان ويندي مقدس شين جي تشريح ڪري ٿو. پلا انسان، انساني حالتون ۽ انساني جمالياتي فطرت کان وڌيڪ ڇا ٿي سگهي ٿو؟ سڀ الهامي ۽ مذهبي ڪتاب بہ تہ انسان جي بهبود جي راهن جون تشريحون آهن. اهي آسماني پيغام آهن پر شاعر جي شاعري انسان جي اندروني ساخت مان ڦٽي نڪتل پيغام ۽ تشريح آهي.

ان ڏس ۾ مون کي شيخ اياز ۽ استاد بخاري واري ٿهي ڪانپوءِ جيڪي سگهارا نالا ذهن تي اچن ٿا انهن ۾ ادل سومري جو نانءُ اوچي مقام تي بيٺل نظر اچي ٿو. ادل سومرو نہ صرف ڪميٽيڊ شاعرن مان هڪ شاعر آهي پر پنهنجي سياءُ ۾ بہ هو مڪمل شاعر آهي. سندس شاعري توڙي شخصيت ۾ هرمينيوٽڪس آهي، هو سچو پچو شارح_تاويل و تشريح آهي. سندس قلم مان نڪتل همعصر دور جي مسئلن جي اپٽار مان ڪهڙو بہ نقاد سندس اپيروچ ۽ شاعراڻي سگهہ يا اڏام کان انڪار نٿو ڪري سگهي. ڇوتہ ڪنهن بہ صورتحال کي سمجهڻ لاءِ ان صورتحال جو حصو ٿيڻ بنا سمجهڻ نا ممڪن آهي. هو جنهن همعصر دور جي حالتن ۽ لقائن کي بيان ڪري ٿو انهن ڳالهين جو هو ذهني، فڪري ۽ جسماني مشاهدو پڻ ڪري ٿو. سندس نظم جيڪو ڊاڪٽر داني جي نالي درخواست طور لکيل آهي:

**وڏي شهر ۾ رهڻ وارن**
**اسان هيٺين ڪلاس جي ماڻهن جي حصي ۾**
**هڪ ذلالت واري زندگي آئي آهي.**
**جيڪا اسان گذاري نہ رهيا آهيون**
**پر پنهنجو پاڻ گذري رهي آهي.**

سمورو نظم اهڙي صورتحال جو جائزو وٺي ٿو جيڪو اسان جي معاشري جو مقدر بڻايو ويو آهي. ان بڻايل مقدر، جتي شهر ۾ وڏا ماڻهو ننديا بڻايا ويندا آهن، جتي ماڻهو جي سڃاڻپ سرمايي سان رکي ويندي آهي جتي وڏو ماڻهو ڪردار، علم، عقل و فهم بدران پيسي ۽ ڪاروبار جي ڪري بڻايو ويندو آهي. اهڙي صورتحال جو تجزيو فن تشريح Hermeneutics ڪرڻ بنهہ اڻٽر آهي. انهي فن يا فڪر جو وڏو داعي جرمن واسي فريڊرڪ شلر ميڪر Frederick Schleiermacher (1768-1834) هو. ان بعد جنهن مفڪر ان نقط نظر تي ڪم ڪيو اهو ولهيم ڊلٿي Wilhelm Dilthey (1833-1911) هو. جنهن انهي ميدان ۾ اوڻويهين صدي ۾ علم تفسير/فن تفسير کي اڳتي سائنسي انداز ۾ آندو. هو ان فڪر کي وڌيڪ وسيع ڪندي "انساني سائنس" جو نالو ڏنو. انهي فڪر ۾ اڃا وڌيڪ جديد سطح تي هنس گير گ گادامر Hans Georg Gadamer (1900-2002) - آهي، جيڪو انهي فڪر کي هيڊيگر جي تواريخي يعني زماني و مڪاني Spatial ﷺ Temporal واري فڪر سان ملائي پيش ڪيو. مطلب تہ ڪابہ تشريح يا تشريحي فن و فڪر پنهنجي زمان ومڪان کان ٻاهر ڪونهي. ڇوتہ هر فڪر ڪنهن زمان ۽ مڪان مان اسريل هوندو آهي.

ان ڏس ۾ ڪي ايم نيوٽن پنهنجي ڪتاب (1997) Twentieth Century Literary Theory ۾ شلر مئڪر لاءِ چوي ٿو تہ Schleiermacher argued that the purpose of hermeneutics was to reconstruct the original context so that the words of the text could be properly understood. (شلرمئڪر جو دليل آهي تہ فن تشريح جو مقصد اصل سياق و سباق / پسمنظر کي ڇٽو ڪري پيش ڪرڻ هو، تہ جيئن عبارت جا لفظ چڱي طرح سمجهي ۽ پروڙي سگهجن). اهڙي طرح ڪنهن صورتحال کي سمجهڻ لاءِ جيڪڏهن شاعر انهن حالتن جو جسماني مشاهدو ڪري ۽ پنهنجو اهو مشاهدو ايمانداري سان فني پيرايي ۾ آڻي بيان ڪري تہ سندس ڳالهہ هرمينيوٽڪس ٿي وڃي ٿي. هرمينيوٽڪس سرڪل Hermeneutic Circle انهي سموري تشريح کي هڪ صورت مهيا ڪري ٿو جيڪو ڊلٿي جي پس منظر ۾ اچي ٿو. انهي سرڪل مطابق اسين جيڪڏهن سموري صورتحال جي سياق و سباق/پسمنظر يعني ڪل کان واقف هجون تہ پوءِ وري اسين جز کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ۽ پوءِ جز جي ذريعي اسين ترميمي ڪل Modified Whole کي سمجهون ٿا.




هن هرمينيوٽڪ سرڪل جيان اسين ادل سومري جي شاعري کي بہ ڏسي سگهون ٿا. سندس شاعري موجوده صورتحال يا همعصر حالتن جو بيباڪ بيان ۽ نمائندگي Representation آهي. حالتون ۽ صورتحال وري عملن جون ٿهيل آهن. انهن حالتن کي اسين ادل سومري جي شاعري جي جز سان ڏسون ٿا تہ صورتحال يا حالتن جو ترميم شده ڪل نظر اچي ويندو آهي. اهو عمل نہ صرف اندروني سرڪل يعني پنهنجي هڪڙي ئي سماج Intra-Societal جي پسمنظر ۾ ڏسي سگهون ٿا پر ان کي اسين بين الاقواميت جي تناظر ۾ گهڻ سماجن Inter-Societal طور بہ ڏسي سگهون ٿا. سندس نظم "تاريخ جي ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر" پڙهي ڏسو:

ڪو بہ نظم
**ڪنهن بہ وقت توهانجي دل جو در ڪڙڪائي سگهي ٿو،**
**ڪاڳر تي ظاهر ٿيڻ کان پهريان**
**نظم ڪٿي پناه ورتي هئي**
**مون کي ڪابہ خبر ڪانهي.**
**پابندين جي سماج ۾**
**ڪنهن جلاوطن آزاد نظم کي**
**پناهہ ڏيڻ بہ ڏوهہ آهي.**

هاڻ ڏسو، نظم بہ جلاوطن، ۽ نظم تي ڪو اختيار بہ ناهي. يعني جن شين تي انساني اختيار ڪانهي اهي شيون بہ پابندين جي سماج ۾ جلاوطن آهن. جيئن سائبيريا جا پکي ايندا هئا، انهن تي شڪار جي تلوار لٽڪائي انهن کي جلاوطن ڪيو ويو، توڙي جو پکين تي ڪنهن جو بہ اختيار ناهي، هي اسان جي سماج جو "ڪل" آهي. ان کان اسين شعوري يا غير شعوري طرح پهرين بہ واقف هونداسين، پر ٻين حوالن کان. پر ادل سومري جي شعر کان پوءِ يعني هن "جز" کانپوءِ اسان بين الاقوامي سماج جي "ڪل" کي ٻي نموني سمجهي سگهياسين. سندس نثري نظم کي وڌيڪ پڙهو:

**ڏوهن جي پنهنجي تاريخ آهي**
**۽ سڀ کان وڌيڪ ڏوهہ**
**جنگين ۽ عدالتن ۾ ٿيا آهن**
**جنگ ۾ تلوارون چمڪنديون آهن**



واسين لاءِ چانورو ٿئي ها ۽ پنهنجي جيون جي مهڪار سان ماحول کي معطر ڪري ها. پر ڪير سمجهائي هن قوم کي ڪارن ڪرتوتن وارن ڪارندن کي؟ توڻي جو انهي ديس جا ڪجهه فرد ۽ تنظيمون ديس جي خوشحالي لاءِ پتوڙين پيا.

زندگي گهارين پيا
درد جا جهنڊا ڪٽي
ديس جا ماڻهو هتي.
ٻار ٿا پنهنجا ڪپائن
شهر ۾ هوڪا هڻي
ديس جا ماڻهو هتي
ڪيترا آهن وسيلا!
هو ڪڏهن ٿيندا ڏٽي؟
ديس جا ماڻهو هتي.

انهن سيني مسئلن باوجود به ڌرتي، ماڻهن کي نتي ڌڪاري جڏهن ته اهي مسئلا به ماڻهن پاران پيدا ڪيل آهن. جو اُهي خاموش رهي ظالم جو ساٿُ ٿا ڏين ۽ پنهنجي تقدير بدلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ بجاءِ ڌرتي ڇڏي وڃڻ کي ترجيح ڏين ٿا. جيڪا غلط ڳالهه آهي.:

ڪهڙا به ڏينهن اچن،
ڌرتي نٿي ڌڪاري_
سيڪو ڇڏي وڃي ٿو
غربت جڏهن ٿي ماڻهو
فوٽ پاٿ تي سمهاري
سيڪو ڇڏي وڃي ٿو.

ادل سومري جي شاعري ۾ سنڌ جي مصيبتجواهڙو ڪوبه حوالو ناهي، جيڪو بيان ٿيل نه هجي. تنهنڪري تقريبن سنڌ جا درد ۽ سُڏڪا ادل جي شاعريجيڪاهيتي ڪنڌ لاڙي درد پيا ٻڌائين. اهو پلي سنڌ جي تعليمياٻارن جي تباهي ۽ دهشتگردي هجي يا عام ماڻهو جي غربتجو حوالو هجي، ٻوڏ جي قهر هجي يا وسيلن جي ڪسجڻ جي وارتا هجي يا ڪراچي جي چاڪيواڙي جو احوال هجي. چاڪيواڙي جي حوالي سان سندس پيشڪش ڏسو:

روشنين جو شهر ڪراچي
ڪنهن خوبصورت عورت وانگر آهي
جنهن جي وارن ۾
چاڪيواڙو آهي_
جتي فقط انڌيرو رهي ٿو!
چاڪيواڙو!
جتي اسڪول بند_
۽ گٽا ڪليل رهن ٿا!
جتان جي پگهل ٽٽل رستن تي آٽو رڪشا
ڪنهن شرابيءَ وانگر
لڏندي لمندي هلي ٿي!
چاڪيواڙو،
جتي شام ئي شام هوندي آهي_
ڏينهن ناهي ٿيندو.

هن نظم جون ابتدائي سٽون پڙهندي مونکي خوشونت سنگهه جي ناول دهلي Delhi جون شروعاتي سٽون ياد اچي ويون. جنهن ناول جي شروعات دهلي شهر جي حوالي سان ٿئي ٿي: I return to Delhi as I return to my mistress Bhagmati when I have had my fill of whoring in foreign lands. Delhi and Bhagmati have a lot in common. Having been long misused by rough people they have learnt to conceal their seductive charms under a mask of repulsive ugliness. It is only to their lovers, among whom I count myself, that they reveal their true selves.

اهو ساڳيو احوال اروندا اڊيگا Arvinda Adega جي مشهور ناول "اڇو شينهن The White Tiger" ۾ پڻ درج ٿيل آهي جيڪو ادل سومري پاران "چاڪيواڙا جي شام" نظم ۾ بيان ڪيل آهي. ڪراچي خوبصورت عورت وانگر آهي ته خوشونت جي دهلي پڻ ڀاڳمتي وانگر آهي. دهلي ۽ ڀاڳمتي پڻ گهڻو مس يوز ٿيل آهن ته ساڳئي طرح چاڪيواڙي ۾ اسڪول ته بند هوندا آهن پر شراب جا گٽا هر وقت ڪليل ملندا. ساڳئي اڊيگا وارو دهلي پڻ وڏن ماڻهن جي عياشي جو اڇلايل سامان آهن پر هيٺين طبقي جي زندگي جو سامان ناهي. پر انهي حالت کي بيان ڪندڙ قبيلي واسي خوشونت سنگهه ، اڊيگا ڪان ويندي اياز، بخاري ۽ ادل سومري تائين واٽ تي بيٺا آهن

ڦٽائي ننڊ جو پنهنجي، پڙهي ٿو پيار جي ڦرهي
قبيلي تنهن منجهان ڪو ڪو، اچا آ واٽ تي بيٺو.

ادل سومرو جي شاعري پڻ اڄوڪي دور جو هرمينيوٽڪس آهي جنهن جي تشريح ۾، اڄوڪي سنڌ، سنڌ جو غريب ۽ مظلوم ماڻهو ۽ بک و بدحالي آهي. جيڪڏهن اڄوڪي سنڌ جي تصوير ڏسڻي آهي تهاسان کي ادل سومري جي شاعري جي مٿي بيان ڪيل پهلوئن جي تفصيل ۾ وڃي جاچڻ گهرجي ڇوته سموري شاعريجيڪا اڄوڪي حالت بيان ڪري ٿي سا پيش ڪرڻهنن صفحن جي وس جي ڳالهه ناهي. هڪڙي ڳالهه واضح آهي تهجنهن رفتار ۽ بهتري سان دنيا اڳتي وڌي ۽ ترقي ڪري رهي آهياسين انهي راهه جا ڏورانهان راهي به ناهيو. ادل سومري چواڻي:

ڪيتري تبديل دنيا ٿي وئي
پنهنجي گهر جون حالتون ساڳيون رهيون. ■



# ادل سومرو



**پورو نالو:** عبدالڪريم سومرو
**ادبي نالو:** ادل سومرو
**پيءُ جو نالو:** محمد صالح
**ڄمڻ جي تاريخ:** 15 آگسٽ 1953، سکر.

**تعلمي قابليت:**
1. پي ايڇ ڊي (سنڌي لٽريچر) 1999 (ش.ا.ل.ي.) خيرپور
2. ايم.اي (سنڌي) 1979 (سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو)

**پروفيسري:**
1. پروفيسر (BPS-21) چيئرمين سنڌي ڊپارٽمينٽ
2. پروفيسرانچارج شيخ اياز چيئر (ش.ا.ل.ي)خيرپور.

**ليڪچرار مقرري:** 01-10-1981

**ڇپيل ڪتاب:**

**ٻارن جا ڪتاب:**
1. روز ٽڙن رابيل (شاعري) 1971
2. چنڊ پشم گولو (شاعري) 1979
3. آچر جا احوال (ڪهاڻيون) 1979
4. پتلين جو تماشو (شاعري) 1982
5. جيتن جي ڪانفرنس (ڪهاڻيون) 1982
6. پوپٽ جهڙا گيت (شاعري) 1987
7. نئين دور جا نوان سبق (نثر) 1990
8. مٽي جا رانديڪا (شاعري) 2006

**جنرل ڪتاب:**
1. وليون وڻ ڦلڙيا (شاعري) 1988
2. اسين مسافر پيار جا (نثر) 1991
3. سمنڊ جاڳي ٿو (شاعري) 1994
4. وساري نه ڇڏجو (شاعري) 2004
5. تنوير عباسي- ڪريڪٽر ۽ ڪم (شخصيت) 2007

**ادبي ۽ اڪيڊمي ايوارڊ ۽ اعزاز:**
1. گولڊ ميڊل ايوارڊ، اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس سکر.
2. بهترين ڪتاب ايوارڊ، (سنڌ يونيورسٽي) 84-1982
3. بهترين ڪتاب ايوارڊ، (ڪلچر ڊپارٽمينٽ) 1986
4. بهترين ڪتاب ايوارڊ، (لئينگويج اٿارٽي) 1993
5. بهترين شاعري ايوارڊ، (سچل يادگار ڪميٽي)
6. بهترين يونيورسٽي استاد ايوارڊ (هه.ا.ڪ.پ) 2006
7. تمغه امتياز (سنڌي فيلڊ ۾) صدر پاڪستان سول ايوارڊ 2010

**ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي امتحانن لاءِ لاڳاپيل يونيورسٽيون:**
1. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.
2. يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو.
3. يونيورسٽي آف سنڌ، ڪراچي.
4. علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد.

**لک پڙهه لاءِ ايڊريس:**
گهر نمبر، D -1461/5 وفائي گهٽي،
واري ٽڙ روڊ سکر. سنڌ پاڪستان.
**گهر جو نمبر:** 071-5613411
**موبائيل:** 0333-7102326, 0307-3701821
**اي ميل:** dradalsoomro@yahoo.com

- ادارو



# شاعري ۽ ڏاهپ...



ساجد سومرو

آرٽ ۽ سائنس ،انساني سماج ۽ انساني شعور جو وڏي ۾ وڏو سينگار آهن، آرٽ ۽ سائنس جي معراج پٺيان جيڪو اهم ۽ بنيادي پسمنظر ڪارفرما آهي،تنهنڪي پاڻ ٻولي چئون ٿا. دراصل ٻولي جي وجود ئي انساني سماج کي جِلا بخشي آهي.

انساني تاريخ جو ڪوبہ دؤر ۽ ڪو بہ منظرنامو شاعري کان ٻاهرناهي، شاعري تخيل جي اظهار جو سڀ کان مؤثر ۽ انوکو گهاڙيٽو آهي،پر سوال آهي تہ آخر ڪهڙي شاعري بقادار ٿئي ٿي؟ ۽ شاعراڻي آرٽ جو اهو ڪهڙو فڪري ۽ نفسياتي پهلو آهي ،جنهن تحت شاعراڻي عمل سان ڪو شاعر فڪري ۽ تخليقي دوام حاصل ڪري وٺي ٿو؟

شيخ اياز جيڏو وڏو شاعر هيو ايتروئي وڏو ذمينوار نقاد بہ هيو،جنهن ادل متعلق پنهنجي پريڊڪشن يا اڳڪٿي هيئن بيان ڪئي هئي ”ادل جي شاعري ٿوري عرصي ۾ حيرت انگيز ترقي ڪري چڪي آهي،مونکي اميد آهي تہ جي هو پنهنجي ذوق شوق سان شاعري جي تخليق ۽ ٻئي ادب جو مطالعو انهيءَ ساڳي رفتار سان جاري رکيو تہ ڪو وقت اهڙو ايندو جو هوُ سنڌجي وڏن شاعرن ۾ شمار ٿيندو.

ادل سومري جي شاعري جا موضوع آفاقي آهن،هن جي شاعري پيچيدھ انساني صورتحال جي عڪاس شاعري آهي،جيڪا انساني جبر ۽ اختيار توڙي انساني



بدلجندڙ نفسياتي ڪيفيتن جي پندار شاعري آهي،جتي ادل پنهنجي شاعراڻي وجود کي فطرت ۾ تحليل ڪري اتان تجرباتي ۽ مشاهداتي فائيندنگس ڪٺي اچي ٿو،

انسانن جي سمنڊ ۾
ڇاتل پيو گمنام
دونهان دونهان زندگي .



دهليءَ ۾ عظيم شاعر
امير خسرو جي مزار تي
حاضري ڀريندي
سندس تربت وٽ
مان نهايت عقيدت سان ويٺو رهيس
اوچتو مونکي
علاو الدين خلجي جي شان ۾ لکيل
سندس قصيدي جون هي سٽون ياد آيون
” هن جي تلوار
ڪڏهن بہ مياڻ ۾ اجايل نٿي رهي
پر ڪوپڙين جي پيالن سان
سيراب ٿيندي رهي ٿي،
تون سدائين تخت تي ويٺو رهہ
مان توکي دائمي بقا لاءِ
مخصوص ڪيان ٿو“
پوءِ منهنجي ڪنن ۾
روپا ماڙي جي راڻين جون
رڙيون گونجڻ لڳيون
۽ دعا لاءِ ڪڇندڙ هٿ
پنهنجو پاڻ رڪجي ويا

ادل سومرو، هن نظم اندر جنهن نفسياتي نهج تي بيٺل آهي، اتي موت ۽ مزار جي متعلق هن جو تخيل قومي ۽ طبقاتي شعور جو آئينہ دار آهي، ڇو تہ موت ۽ مزار بہ تاريخي ۽ فڪري اعتبار کان قومي ۽ طبقاتي سوال سان سلهاڙيل آهن، مظلوم ۽ محڪوم قومن ۽ طبقن جي عام ماڻهو جي نہ زندگي يادگار هوندي آهي نہ موت ۽ مزار، پر امير خسرو جهڙي مهان پر درٻاري شاعر جي موت ۽ مزار تي ادل جهڙي نظرياتي جانبدار پوسٽ ماڊرن سنڌي شاعر جي ڪهڙي تنقيدي ڪيفيت جڙي ٿي، اها ادل سومرو جي انهيءَ نثري نظم مان پڌري آهي. ادل سومري جو اهو نثري نظم هن جي شاعراڻي ضمير جي تنقيدي شعور جو مهندار آهي، جتي هو تاريخي جانبداري جو مظاهرو ڪندي، امير خسرو سان هڪ شاعر جي حيثيت ۾ جڙندڙ رشتي کي ڏرتيءَ جي قومي ۽ انسانيت جي طبقاتي رشتي آڏو ثانوي حيثيت ڏني آهي.

ادل جي تخيل ۾ پوسٽ ماڊرن انساني صورتحال جا گهرا نفسياتي مشاهدا ملن ٿا.

سڀ ڪو وقت گهري ٿو
مون وٽ وري وقت ڪان سواءِ
ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ ٻيو ڪجھہ بہ ڪونهي
شاعري بہ محبوبہ وانگر
وقت گهري ٿي
ڪتاب بہ وقت گهري ٿو
گهرواري ۽ ٻار بہ وقت گهرن ٿا
دوستن کي وقت نہ ٿو ڏجي
تہ وساري ٿا ڇڏين
منهنجو بهترين ۽ تازو توانو وقت
آفيس جي فائيلن ۾
فنا ٿي وڃي ٿو
ٿڪل ۽ فالتو وقت
محبوبہ قبول نہ ٿي ڪري
موڪل واري ڏينهن جو وقت
ٽُڪرن ۾ ورهاجي ٿو وڃي
۽ ڪوبہ مطمئين نہ ٿو ٿئي
پنهنجن ٻارن جي روزي روٽي لاءِ
مان پنهنجو وقت وڪڻا ٿو
هڪ ڏينهن
دوست مونکي سڃاڻڻ کان انڪار ڪندا
شاعري، محبوبہ وٽ رهجي ويندي
ڪتابن ۾ اڌوهي رستا ٺاهيندي
جن کي
ردي وارو بہ خريد ڪونہ ڪندو

ادل سومري جي مٿئين نظم ۾ البرڪاميو جي مشهور ناول ”اجنبي“ واري بي معنويت جي جهلڪ محسوس ٿئي ٿي،البرڪاميو هڪ وجودي صورتحال پيش ڪئي آهي،جنهن ۾ هڪ شخص اُس کي قتل جو سبب ٿو ٻڌائي،۽ ان جو اهو قدم اسان کي بي معنويت جي انتها تي پهچائي ڇڏي ٿو،ادل جي نظم جيان وقت جي ان طرح ورهاست زندگي جي بي معنويت جو احساس پيدا ڪري ٿي،جتي اسان کي فاڪز جا تاريخي لفظ ياد ٿا اچن تہ ”انسان جنس جي دروازي کان داخل ٿئي ٿو ۽ موت جي دروازي کان غائب ٿي وڃي ٿو“

وقت جو سوال پوسٽ ماڊرن انساني صورتحال جو سڀ کان اهم نفسياتي سوال آهي، دراصل ان جو فلسفياڻو پهلو اهو آهي تہ جيئن حرڪت تيز ٿيندي ،تيئن وقت سُڪڙبو ويندو ۽ جيئن حرڪت جي رفتار سست ٿيندي ويندي تيئن وقت ڦهلبو آهي . ادل سومري جو هي بيت حرڪت جي رفتار سست ٿيڻ سبب وقت جي رڪجي وڃڻ جهڙي نفسياتي ڪيفيت جو آئينيدار آهي :

ڪهڙا آهن ڏينهن ۽ ڪهڙيون تاريخون
رُسي وئينءَ تون، سڀ ڪجھ رڪجي آ ويو

هڪ طرف، وقت جي ورهاست پوسٽ ماڊرن انساني صورتحال ۾ انتهائي پيچيدگيءَ جي حامل آهي ۽ ٻي طرف، وقت جيڪو حال بہ آهي ۽ هر لمحي مستقبل جو استقبال بہ ڪندو رهي ٿو تہ هر لمحي کي ماضي ڏانهن ويندي الوداع بہ ڪري ٿو، ادل جي مٿئين بيت ۾ وقت متعلق معروضي ۽ عقلي پئماني تي تخيل پيش ڪيل آهي .

هن خطي جي Geo Political حساسيت، پوري خطي جي زميني سالميت ۽ خصوصن ايٽمي قوتن جي ڊوڙ ۾ پوري ڌرتي جي جاگرافيائي سالميت کي ئي





خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. انهي پسمنظر ۾ ادل سومرو کي هڪ شاعراڻي ضمير جي حيثيت ۾ يونگ واري اساسي نقش جي تقدس جو اونو آهي ۽ هو انسان جي تاريخي تشخص ۽ تقدس لاءِ گهرو concern رکي ٿو. ادل سوچي ٿو:

**شهر سڄي جا ماڻهو گونگا**
**ديوارن جون دانهون آهن.**

هي اها انساني صورتحال آهي، جتي جديد صنعتي معاشرن توڙي نيم صنعتي يا زرعي جاگيرداڻي معاشرن ۾ گلوبل وليج جي ثقافتي (نه کي تهذيبي) فيز ۾ هوندي به انسان بي زبان ۽ جذبن کان عاري ٿي ويو آهي، جيڪا بيگانگي (Alienation) جي انتها آهي، جتي ماڻهو نه ئي پنهنجي حق طور سوال پڇي ٿو ۽ نه ئي پنهنجي فرض طور ظلم خلاف ڪو آواز اٿاري ٿو. انسان جي اهڙي خود ساختا جبريت تي ديوارن جون دانهون رڪارڊ ڪرائينديون، ادل انساني ضمير کي ڇهندڙيون وجهي ٿو. ادل جو هڪ ٻيو شعر آهي.

**رستن تي انسان پيا هن،**
**زخمي سپ ارمان پيا هن.**

باد ليئرچيو هو دنيا علامتن جو جهنگ آهي ،علامت لفظن سان منسوب آهي ۽ لفظ معنيٰ جا منهندار هوندا آهن ۽ معنيٰ يا Signification انساني وجود Human beingness ۽ ان جي تفهيم جو جوهر هوندي آهي. مٿئين شعر ۾ ادل جنهن هيومن باڊي ۽ هيومن ٿاٽ جي ٻوڙن، گونگن ۽ انڌن جي صورتحال جي منظر ڪشي ڪئي آهي ، سو نه صرف آرٽسٽڪ اعتبار کان بلڪ علامتي ۽ تنقيدي شعور جي لحاظ کان به انوکو انداز آهي

بيت جهڙي ڪلاسيڪل صنف ۾ ادل جو هي تخيل ڏسو:

**پويان پل هي زندگي، رهه تون مون سان گڏ،**
**متان منهنجو سڏ، وڃي اجهامي اوچتو.**

زندگي ۾ موت جي امڪاني جبر جو شعوري ادراڪ ادل سومري وٽ انوکي ذات ۽ ڏانوَ ۾ ملي ٿو

شاعر يا تخليق جو انائي ڪردار پنهنجي دنياءِ هستي جي تجربن ۽ حقيقتن کي منتخب ڪندو آهي ۽ انهن تجربن تي پنهنجي تخليق جو بنياد رکندو آهي. پر ڪجهه تخليقون ۽ تصور قبل از تجربي به ٿيندا آهن. ادل سومرو جا زندگي ۾ موت جي امڪاني جبر متعلق مٿيان بيت مشاهداتي شعور تي مبني قبل از تجربي ذهني پورهيو آهن..ادل انساني جبر ۽ اختيار متعلق انساني تڪميل جي فطري احساس جو هيئن اونو رکي ٿو،

**اکين ۾ انتظاريءَ جون ٻرن ٿيون ٻاٻري ڪاٺيون**
**تنهنجي پيرن سندو ڪڙڪو اچا آ واٽ تي ويٺو**

ادل جو اهو خيال يونگ جي آرڪيٽائپس جي آرٽسٽڪ گونج آهي. اکين ۾ انتظاري جون ٻاٻري ڪاٺيون ٻرڻ نرالو استعارو آهي، جنهنجي معنوي ساخت ۾ يونگ جي اساسي نقش جو پڙاڏو محسوس ٿئي ٿو. اهي تاريخي اساسي نقش جا استعارا آهن، جيڪي پنهنجي علامتي معنيٰ اندر انسان جي ازل کان جاري و ساري سفر جي فطري تڪميل جي تشنگي جو اهڃاڻ بڻجي، انسان جي اجتماعي تاريخي اک ۽ ان جي ٽڪائيندڙ مسافتن جا داستان سمايون ويٺا آهن. ادل سومري جو هي شعر زندگي جي حرڪت پذيري تي هڪ اهم شعر آهي:

**ماٺ ناهي زندگي جي شهر ۾،**
**هر طرف هڪ شور ٿو ڊوڙي پيو.**

معروف نفسياتدان ايڊلر: اڪثر شام جو پنهنجي شهر جي هڪ هوٽل جي شيشي واري دري مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ گاڏين جي ٽريفڪ ۽ ماڻهن جي آمد و رفت کي ڏسي چوندو هو ته هي ته وڏي شهر جي شاعري آهي، ادل سومرو عمل يا حرڪت کي زندگي سمجهي ٿو، ڇا ڪاڻ ته عمل ئي يقين جي ڪسوٽي آهي. زندگي عمل ۽ يقين جو حسين سنگم آهي ، هڪ تجريدي مڪينزم آهي ،جتي خود حياتيات جي تشريح مسلسل ڏيتي ليتي جي عمل جو نالو آهي.

ادل سومري جو سيڪنڊ اميج متعلق هي تخيل ڏسو:

**ايڪسيڊنٽ ۾ پيرَ وڃائي،**
**ناتر ننڊ ۾ رقص ٿي ڳولهي.**

تصور يا اميج شعور ناهي بلڪ شعور جو هڪ Capture ڪيل پل آهي، جنهن کي سارتر شعور اندر هڪ پَلَ واري ڪنوڻ جي چمڪاٽ سان تشبيهه ڏئي سمجهايو هو، مون ان کي ڪيميرا جي فليش جي جهٽڪي سان پيٽيو آهي، ادل سومرو اميج کي سيڪنڊ اميج طور شعور ۾ محفوظ ڪري وٺي ٿو ۽ اهڙي رياضت هن جي لاشعور کي به رنگي ڇڏيو آهي ، سنڌس شعور تخيل جي وسيع آڪاس ۾ جيڪي به تصور يا اميج ڏِسي ٿو ته هُو انهن جي ڪنوڻ جهڙن تجلن کي جهپي سيڪنڊ اميج طور محفوظ ڪري وٺي ٿو . سنڌس مٿيون بند، منهنجي انهي ڳالهه جو ساکي آهي، جنهن ۾ بجاءِ ڪنهن Out there جي منظر نگاري ڪرڻ جي ادل سومري داخلي تخيلاتي منظر جي منظرنگاري ڪئي آهي ۽ اها منظرنگاري مشاهداتي ۽ تجرباتي معنويت سان به ڀرپور آهي ته جمالياتي شعور سان به !

ادل سومري جي شاعري ۾ انساني صورتحال جو صرف داخلي پهلو ئي فوڪس ڪيل ناهي، بلڪ معروض ۾ سماج اندر جيڪا طبقاتي اونچ نيچ جي ڪري، درد سان ڀرپور هيٺين طبقي جي شديد تڪليف زده زندگي جي صورتحال آهي، ادل جي شاعري ۾ ان جي به ڀرپور عڪاسي ملي ٿي. ادل سومري جو هي تخيل ڏسو:

**پلازا جي پيرن ۾ جهڳيون،**
**هر فليٽ مان اک نهاري.**

يا ادل سومري جو هي تخيل ڏسو:

**”ڌرتيءَ تي گدلاڻ ڏسو ڪيئن ڦهلي آ“**
**جهوپن پر سان ڪالهه نوابن ڳالهايو.**

تاريخي حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ عقيدن بجاءِ علم ۽ عقل جي ضرورت آهي. پر اسان وٽ هزارها سالن کان مختلف مذهبن جي مسلسل تسلط سبب علم ،عقل ۽ دليل بجاءِ عقيدن جي حاڪميت رهي آهي، ان انتهائي اهم فڪري پهلوءَ تي ادل سومري جو هي تخيل ڏسو

**ٻاهر ٿي برسات وسي، سا ڪيئن پَسون،**
**پنهنجا عقيدا حُجرن ۾ جو اَٽڪي پيا.**

مشرقي سماج جو الميو اهو آهي ته مشرق ۾ روشن خيالي پروجيڪٽ وڌ ۾ وڌ وحدت الوجودي فڪر جي شڪل ۾ ظهور پذير ٿيو، عقليت پسند فڪرجي صورت ۾ روشن خيالي پروجيڪٽ انفرا اسٽرڪچر توڙي سپر اسٽرڪچر ۾ هميشه عدم دستياب ئي پئي رهيو آهي، ۽ مجموعي طور تي سڀ جو سڀ عقليت پسند فڪر ۽ فلسفا هميشه ايڪسٽيريئر جي حيثيت ۾ اسان جي سماج ۾ اوپرائي رهيا آهن ،جنهن سبب انهن کي اسانجو سماج گهربل قبوليت ڏئي نه سگهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو نشاطِ ثانيه (جاڳرتا) جهڙي روشن خيالي پروجيڪٽ جهڙو سوال اسان وٽ هميشه تشنه ئي رهيو آهي .پر ادل سومري جي اهڙي عقليت پسند مادي تخيل کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته هاڻ سنڌي شاعري مابعدالطبيعات جي خلائن مان نڪري ماديت جي زمين تي پير پساري رهي آهي

ادل سومري پنهنجي شاعري ۾ موت کي به نئين رخ کان ڏٺو ۽ پيش ڪيو آهي، اڃو ته سنڌس شاعري ۾ تصورِ موت تي هڪ نظر وجهون. جيڪو فارسي، عربي ۽ اردو شاعرن سميت پوري دنيا جي سيني شاعرن جو اهم ۽ فلسفياڻو موضوع رهيو آهي.

ادل سومرو جو موت متعلق تخيل،

**خوابن مٿان موت جا، آهن لامارا،**
**پوءِ به يڪتارا وڃن ٿا وجود ۾.**

هن قسم جي تصورِ موت ۾ حقيقت پسندي تي مبني مادي نقط نظر جهڙو ادراڪ ملي ٿو ، جتي هڪ طرف موت جي اٽل ۽ اڻٽر حقيقت کي تسليم ڪرڻ جو صحتمند نفسياتي رجحان ملي ٿو ته ٻي طرف ان جي ڪرب ۽ پيڙا کي برداشت ڪرڻ جو شعوري ادراڪ به ملي ٿو. ادل سومري مٿئين بيت ۾ موت جي آگاهي ۽ الڪي سان گڏ وجود ۾ يڪتاري وڃڻ جي صحتمند ۽ معروضي حقيقت پسندي جي ڳالهه ڪئي آهي، هتي يونگ واري



تشريح ياد ٿي اچي تہ زندگي تير ۽ موت ان جو نشانو آهي، ۽ ايڊلر جهڙي نفسيات دان چيو هو تہ جيڪو ماڻهو موت کان ڊڄي ٿو اهو نفسياتي طور صحتمند ڇئي نہ ٿو سگهجي. ادل جهڙي پوسٽ ماڊرن شاعر جو موت متعلق apriori قبل از تجربي تصور، هن جي تخيل جي شاعراڻي وسعت جو انوکو مثال آهي. هونئن بہ موت جي تصور جي دهشت، اسان جي شخصيت جي اهڙن پهلوئن کي روشن ڪندي آهي ، جيڪي اسان لاءِ ضروري هوندا آهن، موت جو تصور انسان جي حيثيت ۾ اسان جي امڪاني ۽ اختياري صلاحيتن کي اجاگر ڪندو آهي .

ان طرح موت کان علاوه خدا ۽ ڪائنات متعلق پڻ پوسٽ ماڊرن سنڌي شاعري ۾ فڪري ارتقا جا روشن پهلو ملن ٿا، شيخ اياز جهڙي جينيئس مهان ڪوي جي هن فڪر تہ:

**جا خدا کان نہ ٿي، جا نہ امڪان ۾،**
**ڪالهہ کان ڳالهہ سا آهي انسان ۾.**

جي فڪري ارتقائي توسيع ۾ بہ ادل سومرو جي شاعري ۾ پنهنجي فڪري ورثي جي سنڀال ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ جو اُنو نظر اچي ٿو،

ادل سومري جو خيال ڏسو:

**پوڄاري جا پير ، اهوئي سوچن ٿا ،**
**بندي ۾ ڀڳوان آهي يا مورت ۾؟**

ياسندس هي خيال تہ:

**هو هاري هيو يا ڪو ملاح هو،**
**مون چتائي ڏٺو ، ڇڻ تہ الله هو.**

دراصل خدا جي تصور جو نفسياتي لحاظ کان جڏهن اسان تاريخي ۽ اينٿراپالاجيڪلي پيرو کڻندا سين تہ خدا، ڪامل انسان جي آئيڊيالاجيڪل علامتي ڪوڊ جو اهڃاڻ نظر ايندو، جيڪو ابتدائي دؤر کان توڙي ان کان پوءِ درجي بدرجي ارتقائي نقطہ نگاهہ کان انسان جي تڪميل جو پيش رُو خاڪو ئي رهيو آهي، انهيءَ پهلوءَ کان ڏٺو وڃي تہ انسان فاني خدا آهي ۽ خدا لافاني انسان!

خدا جو تصور هزارها سالن جي طويل مسافتن ۾ پنهنجي مظهري توڙي فڪري ۽ معنوياتي مفهوم جي مغالطا آميزي جي ڌُنڌ ۾ انساني سماجي نفسيات اندر مطلق ۽ مابعدالطبيعاتي شخصي تصور جي صورت اختيار ڪري ويو آهي، جيڪو بادشاهن ۽ وڏيرن وانگر خوشامد تي راضي ٿي اَڏي چڏي ٿو ۽ خوشامد نہ ڪرڻ تي ناراض ٿي ذلتن جي ڏٻڻ ۾ اڇلي ڇڏي ٿو. انهيءَ مجهول سماجي نفسيات جو هڪ هي بہ اهم سبب آهي تہ ڇاڪاڻ تہ انسان پنهنجي تاريخ جو گهڻو ۽ ڊگهو عرصو فطري معيشت واري زرعي نظام ۾ رهڻ ڪري فطرت ۽ قدرت جو محتاج پئي رهيو آهي ،هونئن بہ جڏهن انساني خيالَ انسان کان ماورا ٿي ويندا آهن، تڏهن روحاني غلامي جو ڪارڻ بڻجي ويندا آهن، بالڪل ائين جيئن انساني محنت جڏهن انسان کان بيگاني بڻجي ويندي آهي تہ سماجي غلامي جو سبب بڻجي ويندي آهي. انهيءَ اعتبار کان ماڊرن صنعتي سماج ۾ شيخ اياز جو شعور وڌيڪ ان ڪري بہ چٽو ٿي سامهون آيو، جو شيخ اياز جي دؤر واري دنيا جي معيشت، زرعي نظام واري فطرت ۽ قدرت جي محتاجي کان آزاد هئي، تنهنڪري سمجهڻ گهرجي تہ شاهہ لطيف جو ارڙهين صديءَ واري ڪلهوڙا دؤر جو سماجي شعور پنهنجي مخصوص زمان مڪان جو سماجي شعور آهي ۽ شيخ اياز جو سماجي شعور پنهنجي ويهين صدي واري زمان مڪان جو سماجي شعور آهي. ۽ ادل سومري جو سماجي شعور پنهنجي ايڪويهين صدي جي زمان مڪان جي سماجي وجود جو سماجي شعور آهي.

شاهہ لطيف جو خدا متعلق هي تخيل آهي:

**سَتُرُ ڪج ستار، آئون اگهاڙي آهيان،**
**ڍڪج ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهہ جو.**

۽ شيخ اياز جو ساڳي مسئلي تي هيئن مختلف ۽ متضاد تخيل آهي تہ:

**ڍَڪِ مَ ڍڪڻهار ، آئون اگهاڙو ئي چڱو**
**مٿان سچ ميار، هرڪو پاندُ پناهَ جو.**

ان طرح ادل سومري ۽ حَسن درس جي دؤر واري اڄوڪي دنيا جو سماجي وجود ۽ سماجي شعور اڃا بہ هڪ قدم اڳتي يعني آٽومائيزيشن واري معيشت جو دؤر آهي، ان ڪري انهن جو تخيل شاهہ سچل ،چيزل ۽ بيدل توڙي شيخ اياز جي خيالن جي ارتقائي يا سڌريل توسيع آهي سچل چيو :

**نہ ڪنهن جوڙيو جبار ڪي نہ ڪو پرور جو پيءُ ماءُ،**
**اهو ڏيو سماءُ، تہ پرور ڪنهن پيدا ڪيو ؟**

چيزل چيو :

**مَـتـائـي ويـس سـو ذاتـي**
**الله انسـان ۾ آيـو**

بيدل چيو:

**پاڻ ڪيئہ پيدا ڪِن مون چيو احسان ڪر.**
**گهرج هئي توکي گهڻي ڪِن مون چيو مهمان ڪر.**

جيئن خدا متعلق شاهہ لطِيف کان سچل جو تخيل وڌيڪ ارتقا پذير نظر اچي ٿو، ائين سچل کان شيخ اياز جو سماجي شعور ۽ انهيءَ تي آڌاريل تخيل نسبتن وڌيڪ ارتقا پاتل نظر اچي ٿو، ان طرح شيخ اياز جو تسلسل ادل سومري، حليم باغي ۽ حسن درس وٽ ملي ٿو، جيڪو پڻ اياز جي خيال کان بہ اڳتي وڌيڪ چٽائيءَ سان نظر پيو اچي، ڇو تہ شيخ اياز وٽ اظهار جي ايتري ئي سرمستي آهي تہ جيڪو خدا کان نہ ٿي سگهيو سو بہ انسان ڪري سگهي ٿو، ۽ اها اعلانِ ذات جي پهرين منزل آهي ،جڏهن تہ ادل سومري وٽ سچَل وانگي انسان پاڻ خدا آهي. سنڌي شاعري ۾ خدا جو تصور سيڪنڊ پرسن يا ضمير حاضر وارو رهيو آهي، يا وڌ ۾ وڌ اسان جي سينئر شاعرن وٽ ساڳيو شيخ اياز وارو خدا جو تصور ئي ملي ٿو، جيڪو ٿرڊ پرسن يا ضمير غائب وارو تصور آهي، سچل ۽ ادل جو تصور فرسٽ پرسن يا ضمير متڪلم وارو آهي، جيڪو نسبتن وڌيڪ ارتقاپاتل ترقي پسند مادي تصور آهي،

ادل سومري وٽ شاعراڻي تجربي جون نفسياتي ڪيفيتون حساس، پيچيده ۽ ڪميونيڪيٽو آهن.

هن جو نظم، ”زينب مارڪيٽ ۾ رکيل گج“

**بيوهہ ٻيڏڙي عورت جي**
**هٿن جو**
**هزارن ميلن جو سفر**
**اوجاڳا ۽ ٽڪَ**
**يادون ۽ لڙڪَ**
**انهيءَ گج ۾ سمايل آهن...**

اهو نظم پڙهڻ سان ائين ٿو لڳي ڄڻ تہ اهو نظم نہ پر ٻيڏڙي عورت جي ڪردار جي نفسياتي ڪيفيت جو ايڪسري آهي.

ادل سومري جو هي تخيل بہ غور طلب آهي:

**ڪنهن ستاري جان وڃي ٽُٽندو ڪٿي،**
**هو تہ شاعر آ ، ائين جهُڪندو ڪٿي.**

شاعر شعور جي علامت ٿيندا آهن، ۽ هڪ باشعور شاعر کان وڌيڪ باشعور خودي ٻيو ڪنهن وٽ ٿي سگهي ٿي، پر شرط اهو آهي تہ هُو درٻاري نہ هجي، ادل پنهنجي باشعور خودي جو علامتي اظهار ڏاڍي زوردار انداز ۾ ڪيو آهي، سارتر چيو هو تہ ”دنيا ۾ انسان جي موجودگي هڪ طرح جو ”هجڻ“ نہ پر محض ”ڪرڻ“ جي انتخاب جو ۽ پاڻ کي ٺاهڻ جو عمل آهي“ انساني وجود هڪ باشعور هستي جي موجودگي کان اڳتي هڪ مخصوص عمل جي انتخاب جو نالو آهي، انسان اهو ئي آهي جيڪو هو پاڻ بڻجي ٿو يا پاڻ کي ٺاهڻ گهري ٿو. ادل سومري وٽ بہ اهڙو ئي انساني تصور آهي:

**اُڏاري ٿو لوهہ کي ، مٽيءَ جو انسان،**
**ڪڏي وهم گمان تہ پاڻ اڏامي ٿو سگهي.**

هي تصور ڪامل انسان جو اهو تصور آهي جتي انسان پاڻ پنهنجو خدا بڻجي پوي ٿو، ۽ ان تڪميل جو خواب هر دؤر جو خواب رهيو آهي، يگانہ چنگيزي چيو هو:

*خودی کا نشہ چڑھا، آپ میں رہا نہ گیا،*
*خدا بنے تھے یگانہ، مگر بنا نہ گیا۔*

يگانہ چنگيزي جنهن سماجي وجود ۽ سماجي شعور جي مخصوص حالتن ۾ رهيو، ان مخصوص ۽ مشروط حقيقت جي پنهنجي مخصوص سچائي هئي، جنهن تحت يگانہ ڀرپور خودي باوجود بہ پنهنجي تاريخي تڪميل کي رسي نہ سگهيو ۽ ناڪامي جو اظهار ڪيو، باوجود ان جي جو اها هن جي شديد خواهش ۽ ضرورت هئي تہ هن جي دؤر جو انسان خدا يعني ڪامل انسان بڻجي پر هن جي دؤر جي سماجي وجود ۽ پيداواري عمل جي اها رفتار نہ هئي، جيڪا اڄ جي دؤر ۾ آهي، ۽ اڄ يگانہ هجي ها تہ يقينن پنهنجي ان شعر ۾ ترميم ڪري خدا بڻجڻ جو نعرو بلند ڪري ها ،اهڙو ئي خيال ادل سومري جي هن شعر ۾ ڏسي سگهجي ٿو:

ايڏو اڄ عروج تي ، پهتو آهي فن ،
توکي واشنگٽن، گهوري ٿو آڪاش کان.

اڄ واقعي بہ انسان ۽ انساني شعور ۽ فن، اُنَ معراج کي رسيا آهن، جو آڪاش مان سيٽلائيٽ اسٽيشنن تان ويهي دنيا کي نہ صرف ڏسي سگهجي ٿو بلڪ دنيا کي آپريٽ بہ ڪري سگهجي ٿو.

ادل سومرو هڪ جينيئس شاعر آهي، ادل سومري وٽ زمان مڪان کي منجمد ڪرڻ جي پوري تخليقي سگهہ موجود آهي. ادل سومري جي شاعراڻي ڪائنات مسلسل وسعت پذير آهي. جنهن جا ڪيترائي نوان جزيرا اڃا اسان جي نقادن کي ايڪسپلور ڪرڻا آهن.

**مددي ڪتاب:**

1. سبط حسن ،پاڪستان ۾ تهذيب ڪا ارتقا، ص20
2. صديقي ڪليم، نئي تنقيد، نيشنل بوڪ فائونديشن، ص54
3. شيخ اياز ،مهاڳ، ’سمنڊ جاڳي ٿو‘ روشني پبليڪيشن1994ص15
4. شيخ اياز ،مهاڳ، ”سمنڊ جاڳي ٿو“روشني پبليڪيشن، ص 17
5. شيخ اياز ،مهاڳ، ”سمنڊ جاڳي ٿو“روشني پبليڪيشن، ص 14
6. بدايوني ضمير، جديديت اور ما بعد جديديت. ص139
7. بدايوني ضمير، جديديت اور ما بعد جديديت. ص139
8. بدايوني ضمير، جديديت اور ما بعد جديديت. ص317
9. سومرو ادل ”سمنڊ جاڳي ٿو“روشني پبليڪيشن، ص 74
10. قمر جليل ؛بدايوني ضمير، جديديت اور ما بعد جديديت. ص19
11. سومرو ادل، وساري نہ ڇڏجو، روشني پبليڪيشن، ص153
12. بدايوني ضمير، جديديت اور ما بعد جديديت. ص26 ■

# شرافت جو چوغو...



رزاق سهتو

پٽڪندو رستي سان وڃي رهيو آهيان. گاڏيءَ جو تيز هارن لڳي ٿو. ڇرڪي پوان ٿو. گاڏي آهستي آهستي پرسان گذري ٿي. ڪار هلائيندي جوان ڪاوڙمان چوي ٿو،

"اي پوڙها. پري ٿي گهروارن ڪدي ڇڏيوٿي ڇا. ٻچيءَ ۾ نہ پئين؟"

هن ڏانهن فقط نهاريم. گاڏيءَ ڪي بريڪ هٽندي ڇيائين.

"ٻُڌين بہ ٿو الائي ڪون، ان عمر ۾ ڪَن بہ جواب ڏئي ويندا آهن."

ڪار جو ايڪسيليٽر دٻايائين، ٽائرن مان چيڪٽ نڪري ويا. هاڻ روڊ ڪان پريروٿي هلڻ لڳم.

نوجوان جو جملو.

"اي پوڙها پري ٿي گهروارن ڪدي ڇڏيوٿي ڇا. ٻچيءَ ۾ نہ پئين؟"

ورجائڻ لڳس.

پنهنجو پاڻ سان ڳالهايان ٿو.

"پوڙهن ماڻهن ڪي گهرمان ڪدي ڇڏڻ جي ريت پئجي وئي آهي. انسان سنا گڻ ڦٽي ڪري چڪو آهي. پر پوڙهو ڇو چيائين؟"

پنهجي جسم جو جائزو ٿوو ٺان.

"وار اڇا ٿي ويا آهن. چهري تي ڪيترائي گهنج پئجي ويا اٿم، جسم ۾ اها لوڏ ۽ ڦڙتي، چال ۾ اها چستي ناهي رهي. جسم جو ماس ڍلوٽي ويو آهي. هر ڪوئي منهنجا ارڪان ڏسي پوڙهو ٿو سمجهي. ڪاروواري اهوئي سوچي پوڙهو ڇيو هوندو."

اهڙيون ڳالهيون هئين سان هندائيندي پارڪ ۾ داخل ٿيندي ئي بينچ تي ويهي رهيس. هتي ڏيهاڙي واڪ لاءِ ايندو آهيان. ڪاروواري نوجوان جي چيل جملن هنياءُ روڙي وڌو. واڪ ڪرڻ تي من نہ ٿي وريو. واڪنگ ٽريڪ تي مايون مرد جوان پڪا پوڙها. سڀ جا سڀ ڊوڙيا پئي تہ ڪي گهميا پئي. مان ويٺو رهيس. واڪ ڪندڙن مان ڪجهہ ماڻهو نهاري وري گذري ٿي ويا. شايد سوچيندا هوندا،

"اج الائي ڇو واڪ نٿو ڪري لڳي ٿو طبيت ٺيڪ نہ اٿس."

"خيرت آهي. توهان واڪ نٿا ڪيو؟"

ڪندورائي ڏٺم نيها هئي. هم عمر هئي. سرڪاري کاتي ۾ سيڪريٽري آهي. ڪنهن زماني ۾ منهنجي سب آرڊينيٽ ٿي رهي هئي پر هوءَ وڏي عهدي تي وڃي پهتي. مان پوئتي رهجي ويس. هن کي منهنجي پوئتي رهجي وڃڻ جو ڏک هئو. ٻي ڪا ڪوتاهي ڪان هئيم بس ايمانداريءَ جي سزا ۾ سدائين پروموشن ڪان پاسيرو رکيو ويو. آفيسرن جي چاپلوسي ڪون ڪري سگهيم نيها حسين عورت هئي. آفيسر سندس ڪمپنيءِ لاءِ سڪندا هئا. وئي ڏاڪا چڙهندي، پروموشن وٺندي. ڪيس جواب ڏنم.

"من نہ ٿو گهري تہ واڪ ڪيان."

"ڪا خاص ڳالهہ. ؟"

"نہ ڪجهہ نہ."

"طبعيت تہ ٺيڪ آهي نہ. ؟"

"جي بلڪل سهي آهيان."

"توهان جو لڪڻ پڙهڻ ڪيئن ٿو هلي؟"

"هلي پيو."

نيها ڏانهن نهار ڪندي چيم.

"نيها هڪڙي ڳالهہ پڇانءِ. ؟"

"جي پڇو."

"تو کي پوڙهو ٿو لڳان يا ن نہ؟"

نيها سوچ ۾ پئجي وئي مرڪندي چيائين.

"مان ڇا چوان؟"

"چئي ڇڏ. حجاب نہ ڪر."

"ڪڏهن ڪڏهن مان بہ سوچيندي آهيان تہ عمر جي جنهن حصي ۾ آهيوان ڪان وڌيڪ عمر جا لڳندا آهيو."

"ڇوڻ جو مقصد آهي تہ پوڙهو لڳان ٿو."

نيها مرڪي پئي. موڪلائيندي چيائين.

"اڃان واڪ ڪرڻي اٿم. اوهان کي واڪ ڪندي نہ ڏٺو تہ حال احوال پڇڻ آيس."

"اوڪي."

نيها هلي وئي پر واڪنگ ٽريڪ تي ڊوڙندي منهنجي پرسان گذري ٿي تہ مون ڏانهن نهاري مرڪندي ٿي وئي.

"توهان واڪ نہ ڪئي. ڇو؟"

ڪڙڪيدار آواز ڪنن سان ٽڪرايو. ڏيان ڪيم تہ رٽائر ڊي آئي جي هئو. هن ڏانهن مرڪندي نهاريندي چيم،

"واڪ ڪرڻ لاءِ دل ڪون ڪيو."

"خيريت. طبعيت تہ ٺيڪ آهي؟"

"جي ها بلڪل طبعيت ٺيڪ آهي."

"دين اوڪي گاڊ بليس يو."

ائين چئي هو هليو ويو.

اٿڻ جي ڪيم. اڃان ٻہ ٿي قدم مس ڪنيم تہ نيها جو آواز آيو.

"گاڏي پيا وڃو. ٿوري دير ويهو تہ هڪڙو ڦيرو پورو ڪري اڃان تہ گڏجي ٿا هلون."

"جيڪا تنهنجي مرضي."

نيها گاڏي پئي هلائي. ساڻس گڏ ويٺو رهيس.

"توهان کي گهر ڊراپ ڪندي ٿي هلان. توهان کي واندڪائي آهي تہ اڄ شام جو منهنجي گهر هليا اچو تہ ڪچهري ڪيون موڪل جي رات آهي انجاءِ ڪنداسين."

"اهو تہ ٺيڪ آهي پر."

"پر ڇا توهان وٽ واندڪائي ناهي؟"

"نہ .. نہ ... اهڙي ڳالهہ ناهي."

" شام جو ڊرائيور کي گاڏيءَ سميت موڪليندس هليا اچجو."

"ٺيڪ آهي."

گهر ڊراپ ڪري هوءَ هلي وئي.

شام ٿاڻي تيار ٿي نيها جي ڊرائيو جو انتظار ڪرڻ لڳس. پنهنجو پاڻ سان ڳالهايم

"ڇو ڊرائيور اچڻ ۾ دير ڪئي آهي؟"

اوسيئڙي جي ڪيفيت کي ڪافور ڪرڻ لاءِ ڪو حيلو ڪونہ هيو. پر ڪي خيال ذهن ۾ نيها بابت پئي ڦريا. نيها جي جواني غضب جي هئي. نهار ڪري ڏسندي هئي تہ ماڻهوءَ جو هنياءُ ڏري پوندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن تہ منهنجي دل بہ هر ڪائي وڃهندي هئي. مون ڪان آفيس جو ڪم سڪي پڙ ٿي تہ آفيسرن جي چيمبرن ۾ گهڻو وقت گذارڻ لڳي هئي. ڪجهہ آفيسر تہ ڪيس آفيشل ٽوئر تي ملڪ جي مختلف شهرن ۽ ملڪ ڪان ٻاهر بہ وٺي سير سپا ٽا ڪري آيا هئا. ويڪ اينڊ تہ خالي ويندو ئي ڪونہ هيس ڪو آفيسر گهرائي وٺندو هيس. سندس اي سي آر وئي ٽاپ نمبرن تائين پهچندي. پروموشن جي لاءِ سليڪشن بورڊ پلا نيها کي ڪيئن وساري ها سيڪريٽري ليول جي پوسٽ تي وڃي پهتي.

ڦڪائپ ۽ ٺوڪ واري مرڪ چپن تي آيم ۽ پنهنجو پاڻ کي چيم،

"پاڻ سا ڳوئي پيا سيڪشن آفيسر واري جتي گهليون. رٽائر بہ اتائين ٿيو."

ڊرائيور آيو تہ خيالن جو واڇوڙو مانارم ۾ بدلجي ويو.

نيها سان رسمي سلام دعا ڪانپوءِ ٿوري دير ماٺ رهي. ٻيو ڪير بہ ڪونہ پهتل هئو. هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي سواليہ انداز ۾ نيها ڏانهن ڏٺم تہ پاڻ ئي جواب ڏنائين.

"ٻيو ڪير بہ اچڻو ناهي."

"اڇا."

اسان شام جي پهر ۾ ويڪري لان ۾ ڪرسين تي ويٺا هئاسين. نيها ڏاڍي سندر پئي لڳي سندس چهري تي ڪاموري ڏڪَ نمايا هئي. سندس نوڪر چانهن ڪٽي آيو. چانهن سان گڏ گرم گرم شاميو ڪباب، سموسا ۽ گهڻو ڪجهہ ڪٽي آيو.

"ڏيو ڪا نئين تازي خبرچار؟"

مون شامي ڪٽندي نيها کان سوال ڪيو.

"خبرون وري ڪهڙيون جاڏي تاڏي مارا ماري لڳي پئي آهي. مرڻ واري کي خبر ناهي تہ مونکي ڇو پيو ماريو وڃي. ماريندڙ کي بہ ڪا ڄاڻ ڪانهي تہ ڇو پيو ماريان. سرمائيدار وڃي پيو مال ميڙي گهر پريندو. جنهن دور ۾ پاڻ جي رهيا آهيون اهو تہ ڪيپيٽل ازم جي بہ حدود ۾ ڪونہ ٿو اچي. پوري دنيا جي اندر ڪنهن بہ ملڪ ۾ ڪو بہ نظريو ڪونهي نہ ئي نظريي جي طابع ڪا حڪومت پئي هلي. هڪ ٻي راهہ رويءَ جو انساني سمنڊ آهي جيڪو بي مقصد، اڳتي ڌوڪيندو پيو وڃي. جنهن کي پنهنجي منزل جي بہ ڄاڻ ڪانهي نڪي رهبر جي خبر آهي نہ رهزن جي. بس ماڻهو حيوان طور جيئندوا اڳتي وڌي رهيو آهي."

چانهن جو ڍڪ پريندي چيم.

"برابرائين ته آهي. دين واٽ هيپنڊ؟"

نيها ڪا دير ٽپ ۾ پئجي وئي. ڪيس ڏيان سان ڏسندو رهيس. ڏاڍي وڻي پئي. هوءَ الائي ڪهڙن پورن ۾ هئي. سوچيم پئي هيڏي سندر ۽ سهڻي اسٽرڪچر واري عورت شادي ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيئن رهجي وئي. خاموشي چارسو ڦهليل رهي. نيها هڪ گهرو ساهه کڻندي چيو.

"ڇو توهان ماٺ ۾ ٿي ويا؟"

"توهان به ته چُپ آهيو."

"ها ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي ماٺ لڳي ويندي آهي."

اسان چانهن پوري ڪري چڪا هئاسين. نوڪر آيو ۽ ٿانو کڻي هليو ويو.

نيها نهار ڪندي مون ڏانهن ڏيان سان ڏٺو ۽ چيائين.

"ٻاهر ٿڌ وڌي وئي آهي ڊسمبر جا آخري ڏينهن آهن هلو ته اندر هلي ويهون ڪٿي موسم جي اثر ڪري طبعيت خراب نه ٿي پئي."

"ٺيڪ ٿا چئو هيءَ ڊينگي وائرس جي موسم آهي. ان ڪان پهريائين جو مڇر حملو ڪن اٿو ته اندر هلي ٿا محفل ڄمايون."

اسان اندر ڊرائنگ روم ۾ آيا سين. هي نيها جو سرڪاري گهر هيو. هن ڊرائنگ روم ۾ ويهڻ کان پهريون چيو،

"جميل صاحب اچو ته بيڊ روم ۾ ٿا ويهون اتي ايزي رهنداسين."

"جيڪا اوهان جي مرضي."

اسان بيڊروم ۾ اچي ويٺاسين.

نيها ٽي وي آن ڪئي. ٿوري دير خبرون ٻڌندي رهي. مان چپ ڪيون ويٺو رهيس. موبائل تي ڪنهن جي فون آيس. هن سان آفيشل ميٽرتي ڳالهائيندي رهي. موبائل ڪال جي هڪ سلسلو جڙي پيو. پاڻ ڳالهائيندي رهي. مان خاموش ويٺو رهيس. گهڻو وقت گذري چڪو. چوڻ لڳي،

"جميل صاحب معاف ڪجو ڇاڪجي جڏهن نه ماڻهو وڏو ڪامورو بڻجي ويندي آهي ته هن جي ذاتي زندگي زيرو ٿي ويندي آهي. موڪل جي ڏينهن به ڊيوٽي تي هوندو آهي توهان کي ڇا ٻڌايان توهان ته هر شيءِ کان واقف آهيو."

"جي ها توهان جي پوزيشن کي سمجهي سگهان ٿو."

"هاڻ هيئن ٿا ڪيون. موبائيل فون ٿا بند ڪيون ۽ پرائيوٽ سيڪريٽري کي ٿا چئون ته ليند لائين تي جيڪي ڪال اچن ته انهن کي نوٽ ڪندو وڃي."

"جيڪا اوهان جي مرضي."

نيها موبائيل آف ڪري ڇڏي. مون تي نهار ڪندي چيائين.

"ڇا ائين ٿي سگهي ٿو ته توهان گهر فون ڪري اطلاع ڏيو ته رات گهر ڪون ايندس."

مان سوچ ۾ پئجي ويس.

"توهان جيڪڏهن ايزي فيل نٿا ڪيو ته ليواٽ."

"نونو، نو پرابلم، موبائل تي گهر ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته رات گهر ڪونه اچي سگهندس. اٽس اوڪي."

"دين يو ٽيل يوئر فيملي."

"اوڪي."

اسان ٻنهي جا موبائل فون آف هيا. زندگيءَ جي ڪهڙي نه خوبصورت رات جي پهرين پهر جا لمحا هيا. مس نيها ۽ مان ڊرنڪ ڪري رهيا هئاسين. سرور اسان جي رڳن ۾ ڪنهن عاشق جي محبوبه لاءِ بيقراري جيان رت سان گڏ سرندي ٿي رهيو. نيها نشيلانيڻ کڻي ڏٺو ۽ چيو،

"توهان ۽ منهنجي وچ ۾ ڪو فرق ڪونهي. جيڪڏهن آهي ته اهو رڳو ذهني سوچ جو. تو ايمانداريءَ سان نوڪري ڪندو رهين ۽ ڏڪجي ڏڪجي اچي سيڪشن آفيسر ٿيو آهين. مان توهان ڪان جونئير سيڪريٽري ليول تي اچي پهتي آهيان. ڪجهه هفتن ۾ چيف سيڪريٽريءَ جو آڊر ٿي ويندو. تنهنجا مون تي ٿورا آهن جو آفيس ورڪ ۾ پڙ تو ڪيو ۽ وڻندو به آهين. اوهان جي من ۾ به منهنجي لاءِ چاهه هيو. پر شرافت جو چوغو پايون گهمندي هئس. جن ڏينهن ۾ توهان ڪم سيکاريندا هئو. توهان ڏانهن وڌي اچي ملڻ ٿي چاهيو پر تنهنجو ٿڌورويو ڏسي پير ڊرا ڪري ڇڏيم. تنهنجي جواني جو جوالا مکي ٿڌو ٿيندو پيو وڃي ته بدلبا پيا وڃو نه ته توهان ۽ ڊرنڪ ڪريو. ڏس توهان ۽ مون ۾ ڪهڙو فرق، مان به اڪيلي توهان به جهڙوڪ اڪيلا. سدائين زال کان کاوڙيل رهندو آهين. اداري مان جي پي فنڊ ۽ ٻين ايڊوانس مان اولاد کي پڙهايئي، سادگيءَ سان پٽن ۽ ڌيئرن کي شادي ڪرائي ڇڏئي. سموري اولاد جهڙوڪ توهان کان رٺل رهندي آهي. توهان ڪيئي پيرا ٻڌايو هئو ته ارڏا سوال جواب ٿا ڪن. تو اسان جي لاءِ ڪجهه ڪونه ڪيو. جميل صاحب زندگيءَ جو مقصد شادي ڪري ٻارپالي جوان ڪري پاڻ کي پوڙهو ڪري ڇڏڻ آهي؟ پنهنجي خواهشن کي دٻائي عمر کي چوڙي ڇڏجي تنهن کان ته مان سٺو ڪيو جواني مان لست ورتي، جو دل چيو سو ماڻيو پئسو، شهرت، بنگلا، گاڏيون، بينڪ بيلنس، نوڪر چاڪر ڇا ناهي مون وٽ، تون ٻڌاءِ جيڪڏهن شادي ڪيان هان ته مڙس هر ڳالهه تي ٽوڪي اڌ مئو ڪري ڇڏي ها، آزاد زندگي بسر ڪري سگهان ها؟ نو نو، نيور. توهان پل پل جي محتاجي ۾ حياتي گذاري ٻارپاليا شرافت ۽ ايمانداريءَ جي اوٽ ۾ بيٺا رهيا. توهان کي ڇا مليو؟ ڪجهه هڙ حاصل ٿيو. اولاد ڇڏي هلي وئي ٿو. ڌيئر مڙسن سان پٽ زالن ۽ پنهنجن ٻارن ۾ مگن آهن. بيمار ٿيو ٿا توهان کي اسپتال پهچائڻ وارو ڪو ڪونهي، وقت کان اڳ پوڙهو ٿي ويو آهين. پوءِ پلاتون ئي ٻڌاءِ جهان تو کي پوڙهي چئي يا نه چئي. ڊيئر جميل صاحب" جملو پورو ڪندي نيها، منهنجي سڄي هٿ کي پڪڙي چمي ورتو ۽ شام واري ڪيل سوال ته مان پوڙهو ٿو لڳان ياد ڏياري مرڪي پئي.

ڏاڍي ڏيان ويچار گيءَ منجهان مس نيها کي ٻڌو. ڏسندو رهيس نيها جا هٿ تي چمي ڏئي نئين جهان ۾ پهچائي ڇڏيو. سندس گفتگو دوران جيڪي جواب سوچيا ها سي ذهن مان اڏامي ويا. نيها جي پرڪشش وجود ۽ دلربا چهري کي ڏسندو رهيس، هوءَ ڏسندي مرڪندي رهي. پاڻ اٿي بيڊروم کان ٻاهر نڪري وئي. سندس سراپو ڏسي سرور جي وهڪري ۾ وهندي سڄو سراپجي ويس. نيها واپس موٽي پر ۾ ٻيهندي چيو،

"ها ڊيئر ڇا پيا سوچيو؟"

نيها چهري تي جهڪي آئي هئي. هن جي وارن منهنجي ڪلهن کي ڍڪي ڇڏيو. نيها جي ڇپن جون مکڙيون ٽڙي پيون. ڊڄي ڊڄي چپ ڊراڪيم ته هڪ سرورپري لهر جسم ۾ ڊوڙي وئي. ڪجهه پل ائين ئي قيد ٿي ويا.

نوڪر- ڀُڳل گوشت کڻي آيو. ننڍڙي ٽيبل تي رکي هليو ويو. اسان جا پيگ خالي ٿي ويا هئا. نيها پيگ ٺاهيا. سرڪي به پريندا رهيا سين ۽ گوشت جون ٻوٽيون به چٻاڙيندا رهيا سين.

"نيها هڪ ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان."

"جي."

"توهان جيڪي ڪجهه ڳالهيون ڪيون."

"هڪ منٽ- ڳالهائڻ کان پهريائين، ياد رک ته مان تو لاءِ توهان ناهيان تون چئي مخاطب ٿي. توهان ۾ اوپرائپ آهي. تون ۾ پنهنجائپ آهي."

"جي ها. جيئن تون چوندئيءَ ائين ڪندس."

"سچ ٿو چوين، جيئن چوندس ائين ڪندي؟"

نيها پهريون مرڪي، پوءِ هلڪڙا ٺهڪ ڏيڻ لڳي. پوءِ اٿي اچي ڀاڪر ۾ ڪيائين خبر ناهي هن ڪيترئي چميون ڏنيون هونديون. جڏهن ڀاڪر مان ڪڍيائين ته چوڻ لڳي.

"هي جيڪو شراب آهي نه انسان جي اندر کي ڪڍي ٻاهر ٿو ڪري. سچي ڳالهه ڪيائين ته تون مونکي ڏاڍو وڻندو آهين. تنهنجي وڏن وارن ۾ جيڪا چڪ آهي اها پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي وڃي. هاـ توهان ڳالهه پئي ڪئي."

ائين چئي سڌي ٿي ويهي رهي.

"مون چوڻ پئي چاهيو ته ضمير جو نالو خدا آهي. ڪو انسان يا ڄمار جيڪو ڪجهه ڪندو پئي آيو آهي جيڪڏهن سندس ضمير مطمئن آهي ته ڪا ڳالهه ناهي. جيڪڏهن ضمير ڪيس چنهنڊڙيون پائندو ٿو رهيءَ من مطمن نٿو ٿئي ته سمجهون ته خدا راضي ناهي ۽ خدا ضمير جو نالو آهي. تو جيئن زندگي ماڻي مون جيئن عمر چوڙي انهي جي لاءِ هر ڪنهن وٽ پنهنجا پنهنجا دليل آهن. اصل ڳالهه انسا جي اندر جي آهي توهان ڪنهن کي ايذايو ناهي ته توهان تي به ڪو ڏڪيو وقت ڪونه ايندو."

نيها خاموشيءَ سان ٻڌندي رهي.

ماني لڳائي وئي. ماني کائي ڪجهه دير لاءِ ڪچهري ڪري سمهڻ جي ڪئي سون. ڪشادي بيڊ روم ۾ سمهڻ لاءِ ٻه بيڊ پيل هئا. اسان الڳ الڳ سمهي پيا سون. ڪمري ۾ هلڪي سائي رنگ جي روشني هئي. ڪا دير گذري ته نيها سڏ ڪيو.

"جاڳو ٿا؟"

"جي ها."

ائين چئي نيها منهنجي پلنگ تي آئي چوڻ لڳي.

"توهان سوير ڳالهه ڪئي ته انسان جو ضمير جنهن ڪم لاءِ مطمئن هجي اهو ڪري ڇڏجي."

ائين چئي ڪمبل ۾ ويڙهجي وئي. ان رات جيڪو آنند ماڻيون سو عمر جي ڪل ڪائنات تي پکڙجي ويو. منهنجي اندر جو سنسار ئي بدلجي وئي.

ڪجهه ڏينهن ئي گذريا هوندا ته آفيس ۾ منهنجي پروموشن جو چوٻول مچي ويو. ائين ڪندي آرڊر به اچي پهتو. مبارڪن جا آواز اچڻ لڳا. مونکي نيها سان گذاريل رات ياد اچڻ لڳي.

07.07.13

# انور شيخ جون ٻه وڏيون ڪهاڻيون...



انور شيخ

## بابو...

”هاڻي ڪيئن آهي؟“

”ساڳئي حالت اٿس، سور جون دانهون پئي ڪيائين، چوي پيو اسپتال ۾ داخل ڪراءِ“

”اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ سولو آهي! سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ ڪان ته بهتر آهي ماڻهو گهر ۾ مري وڃي باقي پرائيويٽ هاسپيٽلن ۾ اسان جي پيٽي آهي“

”چوي پيو فڪس ۾ رکيل پئسن مان ڪجهه ڪيراءِ“

”فڪس مان پئسا ڪيرائڻا هُيوَ ته پوءِ رَکيَو ڇو؟“

”ڪيرايان ٿو ڇا، مان ته اهو پيو چوان ته بابا ائين پيو چوي“

”ڏس رانجهن فڪس ۾ رکيل پئسا برابر چاچي ڏنا هئا پنهنجي رٽائرمينٽ جي مليل پئسن مان پر اهي ڏنا ته اسان جي ٻارن جي مستقبل لاءِ هئائين نه. هاڻي اهي ڪيرائي ٻارن جي آئيندي سان هٿ چراند ڪرڻ مناسب آهي؟“

”بلڪل نه“

”۽ ٻيو ته وقت ڪان اڳ پئسا ڪيرائڻ سان ڪٽوتي ڪيتري ٿيندي باقي بچندا ڇا“

”ها ها مان سمجهان ٿو، مان ته بابا جي ڳالهه پئي ڪئي ته اهو ايئن پيو چوي، سور گهڻو ٿيندو هوندس نه. اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هيس مان سمجهان ٿو شديد تڪليف مان گذرڻ ڪري اهي لفظ زبان مان ڪڍيا هئائين، لهجي مان شرمندو پئي ٿيو ته ڏنل پئسا ٿو گهران“

”ڏس رانجهن مان ڪا ڏاري ڪونه آهيان، چاچي جي پائٽي ۽ ننهن آهيان، ان جي ئي پوٽن جي ماءُ، مون کي چاچي جي تڪليف جو احساس پلا نه هوندو پر پاڻي ولولڻ ڪا عقل مندي ڇئبي“

”سمجهان ٿو تون غلط ڪونه ٿي چئين، بابي جي عمر به الاهي آهي، زندگيءَ کي چڱو چوڙيو اٿائين، اسان کي به عيش ڪرائيندو رهيو آهي ته پاڻ به ڪندو رهيو آ، تو سان جڏهن شادي ٿي هئي ته ڪيڏو نه وڏو ڪاڄ ڪيو هئائين ۽ اسان کي به ڪافي سارا پئسا ڏئي هني مون تي موڪليو هُيئِن“

”بلڪل بلڪل، چاچو هٿ جو ڪليل هيو، پلا پاڳ به ته پلو هيس، نه ته هن جي ئي آفيس ۾ گڏ ڪم ڪندڙ ايترو ٿورئي ڪمائيندا هئا، ڪن کي ته گهر به ڪونهي پر چاچي هيڏو سارو بنگلو ٺهرايو ۽ ان ۾ هر سک جون شيون آڻي رکيائين“

”صحي ٿي چوين، رٽائرمينٽ ڪانپوءِ به ٻيا ڪافي سارا پئسا بچيل هئس جيڪي ملائي سلائي اسان جي ٻارن لاءِ فڪس ڊپازٽ ۾ رکرايائين“

”تنهنجي نوڪري به ته پئسا ڏئي ورتي هئائين“

”تڏهن ته چوان ٿو نه، ته بابي زندگيءَ ۾ گنج ڪمايو ۽ ڏِءُو تي ڪاڏو ڪپايو“

”اهوئي ته مان به ٿي چوان، هاڻي چاچي جي عمر اها ناهي رهي، پلا دوائن جو اثر به ته هڪ عمر تائين هوندو آهي، سڄي ماهوار پينشن ته دوائن ۾ ٿي خرچ ٿئيس، پوءِ به فرق ڪونه ٿو پوي، اڳ به ته ڪيترا دفعا اسپتالن ۾ خرچ ڪري چڪا آهيون“

”صحي ٿي چوين، مان چوندو آهيان ماڻهو اوستائين جيئي جيستائين صحت ساٿ ڏئي نه ته الله هلنديءَ سان هلائي“

”ٻيو نه ته، ڪنو ٿي ماڻهو پاڻ به خراب ٿئي ۽ ٻين کي به بيزار ڪري ڇا، اهو به ڪو جيئڻ آهي، مان ته چوندي آهيان بس الله عزت سان اوستائين جياري جيستائين پنهنجي پيرن تي بيٺي آهيان، ٻين جي محتاجي ڪان موت ڀلو“

”اڳي بابو ايترو هانءُ ڪونه هاريندو هيو، پهريون هارٽ اٽيڪ ٿيو هيس ته پاڻ وڃي اينجو پلاسٽي ڪرائي آيو هو ۽ پوءِ نوڪري ۾ هوندي ئي وري اٽيڪ ٿيس ته ٻاءِ پاس ڪرائڻ وقت به هيٺو ٻول نه ٻوليو هئائين، پر اڄ جيڏو هانءُ هاريل هو اهڙو بابو اڳ ۾ نه هو، چوي پيو رانجهن! هٿ وس هيو ته هانءُ نه لاهيندو هيس پر يار توڙي جو تون منهنجو اڪيلو اولاد آهين پر تو ڪان به گهرندي درياءُ پار ڪرڻو ٿو پوي“

”عجيب ڳالهيون پيو ڪري چاچو، پلا تون علاج ۾ ڪا گهٽتائي ڪئي آهي!، ڇا چا نه ڪيو اٿئي، ڪراچيءَ تائين علاج ڪرايُسي، دوستن يارن ڊاڪٽرن ڪان صدائين پيو مشورا وٺندو رهندو آهين، دوا درمل جيڪو پڇي ٿو ڪيون ٿا ٻيو پلا چاچي واري نوڪري ته توکي ڪونهي جو حرام جا هزار هرويرو وينا خرچ ڪيون، عمر پنهنجي نه ٿو ڏسي ايئن هجي ها ته هر ڪو گوريون کائي ۽ سُيون هٽائي سدائين پيو جيئي ها“

”اهو ئي ته جيڪڏهن ڪو پڪ ڏئي ته بابو مڪمل صحتياب ٿي گهمندو ڦرندو ته مان گهٽ ڪيان، آخر منهنجو پيءُ آهي مون کي ڄڻيو اٿائين“

”سچ چوانءِ رانجهن، جيترو تون پنهنجي پيءُ جي تيمارداري ۽ علاج ڪرايو آهي ايترو ته ڪروڙ پتي به ڪونه ٿا ڪرائين، ڪراڙن کي ننڊ جون گوريون ڪارائي سمهاري ٿا ڇڏن“

”مان سوچيان ٿو هڪ دفعو بابي کي ڊاڪٽر ڏي وٺي وڃان ڪنگهه جا دورا وڌِي ويا اٿس“

”ڳالهه ٻڌ، اها ٻڌَ هاڻي نه ڪجانءِ ڊاڪٽر دوا گهٽ ٿيسٽون گهٽيون ٿا ڪرائين، عمر رسيده ماڻهوءَ ۾ ڪهڙي بيماري هوندي جيڪا نه هوندس هرويرو پنهنجو پاڻ مصيبت ۾ نه وجهجانءِ، مٿان مائٽن جون شاديون به هڪ ٻئي پٺيان پيون اچن اتي به خرچ ڪرڻا آهن، اڳي ئي مايون ٽونڪون ڪنديون آهن ته جاءِ ڪيڏي ڀلي اٿئي ڪپڙا ته اهڙا ڪونه پائيندي آن“

”ڇو هر مهيني سکر مان ٻه ٽي ٻه ٽي وڳا ته وٺي ايندي آن“

”سکر مان اصل لک جوڙا وٺندي آهيان، وڃ بازار ته خبر پوئي، دڪانن تي هڪ هڪ وڳو ڏهه ڏهه هزارن جو لڳو پيو آهي، جن کي زالون پياريون آهن انهن مائٽن جا ناز ئي ٻيا آهن، مان ته بس تنهنجي عزت خاطر ايترا جوڙا مس وٺندي آهيان جو چئن ۾ چڱي لڳان سو به پڪايون ڪري ڪري، هي ته شڪر ڪر جو مان سهڻي آهيان جو هر ڪپڙو بت تي ٺهندو آهي“

”ٻڌ“

”ڇاهي“

”بابا جي ڪمري مان ڪافي دير ڪان ڪنگهه جو آواز نه پيو اچي!“

”ننڊ اچي وئي هوندس“

”ننڊ ۾ به ڪنگهندو رهندو آهي“

”وڃي ڏسي اچيس، مان ٿڪجي پئي آهيان“

”ريشمان.....ريشمان......او....ريشمان“

”ڇا ٿيو“

”بابو مري ويو“

”وارو ڪر ايمبولنس گهراءِ“

”هاڻي ان جي ڪهڙي ضرورت آهي، جڏهن جيئرو هو چوي پيو ته اسپتال وٺي هل، ته نه وٺي ويو مانس“

”مائٽ ڇا چوندا ته گهر ۾ رکي رکي ماريونس، پرائيويٽ اسپتال ڏي ايمبولنس ۾ کڻي ويندينس ۽ واپس کڻي ايندينس ته سٺو اثر پوندو، ٻيو ته ڊيٿ سرٽيفڪيٽ نه اٿئي وٺڻو؟ انشورنس وارا ته اڳ ۾ ئي اهو گهرندا.“

## نرڙيءَ ۾ قاتل رُڪا چانور...

گرمين جي مند ۾ جاءِ جو ڪم شروع ڪرائي ويٺو هيس، اوساري ته ٺيڪي تي ڏني هيم پر پوءِ به ڪاريگرن تي ڪهڙو اعتبار سيمينٽ جو ريشو، پٽين جي ليول، ڪم جو سڄو معيار پاڻ نه ٻيهو ته اهڙو ٿوروئي ٿو ٿئي. ٺيڪيدار جو ته زور رڳو اوستن تي ماپ ڪرائڻ لاءِ هوندو آهي. منهنجي جاءِ جوڙيندڙ ٺيڪيدار پاڻ به مستري هيو. ٺهنڪري اهي سپ گُرَ ڄاڻي پيو جنهن سان مزدورن ڪان تيزيءَ سان ڪم وٺي سگهي. جون مهيني جي لڳ ساڙيندڙ اُس ۾ ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ مزدور منهنجي گهر جي ٻي ماڙ جوڙڻ ۾ مسترن جي حڪمن تي مشيني انداز ۾ پورهيو ڪري رهيا هئا. اڌڙوت عمر جو سائينداد مَسالو ٺاهڻ تي مقرر هيو، ريتيءَ ۾ سيمينٽ ملائي پاڻي وجهي بيلچي سان ايئن گڏائي رهيو هو ڄڻ هو پنهنجي مقدر جي مڏي ميڙي رهيو هجي. سخت محنت مزدوري ڪرڻ هن جي مقدر جي ڪل مڏي ئي ته هئي، تن تي ميري ڦاٽل گنجي، گوڏن تائين انگوشو ٻڌل، سڪل پر مضبوط ٻانهون، منهن تي هلڪي ڏاڙهي، اندر پيهجي ويل اکيون ديد ۽ ڌيان رڳو ڪم ۾ منجهند جو مانيءَ جي وقفي مهل سوٽي ڪپڙي ۾ ويڙهيل ٻه ڊگڙيون ۽ بصر ڪڍي جڏهن سائينداد ٻين مزدورن جي پر ۾ ماني کائي رهيو هو ۽ مان پٽ جي ڇانوَ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي دل ئي دل ۾ اڄوڪي هن مهل تائين ٿيل ڪم جو حساب ڪتاب ڪري رهيو هيس ته سائينداد مانيءَ جو آخري ٽڪر هٿ ۾ جهليل منهنجي پر ۾ اچي ٻيٺو ۽ مون کي

چيائين،

”سائين هيٺ جيڪا ريتي پئي آهي اُها توهان مٿي ڪٽائيندئو؟“

مون ڪيس چيو، ”ها“

تہ وري اميد ڀريل اکيون منهنجي اکين سان ملائيندي مون کي چيائين

”سائين توهان مستري منظور کي چئو تہ اها ڊوئائي مون ڏي، مان ڪم ختم ڪرڻ ڪانپوءِ ڊوئيندس.“

مون ڪيس ها ڪئي ۽ مستري منظور جيڪو ڀريان چانوَ ۾ ڪٽ تي ويٺو ماچس جي تيليءَ سان ڏند ڪوٽيندي هوٽل جي بيري کي ڪٽي آيل چانهن ڪوپن ۾ وجهندي ڏسي رهيو هو تنهن کي مون چيو

”ٺيڪيدار صاحب! سائينداد کي ڊوئائي ڏيو تہ پلي اوور ٽائيم ڪري“

مستري منظور منهنجي جاءِ جي اوساري جو ٺيڪيدار بہ هيو، تنهن هلڪي منهن تي ناراضگي آڻيندي چانهن جو ڪوپ هٿ ۾ ڪڻندي چيو

”پلي سائين مالڪ آهيو“

شام جو سڀ مزدور پنهنجي مزدوري وٺي روانا ٿي ويا. سائينداد تغاري ۾ ريتي هيٺان ڪٽي مٿي ڇت تي رکي رهيو هو. مستري منظور ۽ مان جاءِ جي متعلق صلاح مشورا ڪري رهيا هئاسون سائينداد جنهن اڄ سڄو ڏينهن مزدوري ڪئي هئي سو ڀريل ريتيءَ جي تغاري مٿي تي کڻي ڏاڪڻ چڙهي لهي رهيو هو تنهنجي ڪم جي رفتار سست ڏسي مستري منظور کي جَڪَ اچي رهيا هئا. هڪ اڌ دفعو تہ منهنجي ڪري پنهنجي ڪاوڙ لڪائي ويو پر ڪانس رهيو نہ ٿيو ۽ غصي ۾ اچي چيائينس

”ڪُتي جا پٽ ساهہ نہ اٿئي تہ ڪم ڇو ڪنئُي“

مستري جو ايترو چوڻ سائينداد ڪاوڙ ۾ ٻاڙهو ٿي ويو تغاري کي جو لَمُ ڏنائين تغاري ڇت تي ڪلابازيون کائيندي وڃي پٽ سان لڳي، اکيون ڪڍندي مستري منظور کي چيائين

”مستري لفظ نہ ڪَڍُ، مان ماڻهو آهيان ۽ ماڻهوءَ جو پٽ آهيان“

ايئن چئي ڪم ڇڏي ڏاڪڻ تان هيٺ لٿو مشڪل سان بہ ٽي ڏاڪا هيٺ لٿو هوندو تہ وري انتهائي تيزيءَ سان مٿي آيو ۽ تڪڙو تڪڙو پٽ جي ڀرسان پيل تغاري کڻي هيٺ لهي ويو ۽ وري ريتيءَ کي ڍوئڻ شروع ڪيائين. اسان ٻئي سندس اهڙي متضاد رويي تي حيران ٿي وياسين مستري منظور چپ ڪري هليو ويو. مان سگريٽ دکائي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. رات جا ڪارا پاڇا ڌرتيءَ کي وڪوڙي چڪا هئا، سائينداد ڪم ختم ڪري مون وٽ پئسا گهرڻ آيو مان ڪيس ٻولاليل پئسا ڏنا ۽ پڇيو مانس

”سائينداد! مستري منظور جي گار تي غصو ڪَيُءِ ۽ ڪم ڇڏي روانو ٿئين، وري جلدي ۾ ڇو موٽئين؟“

اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيس، ڇت جي فرش تي ويهندي ڳالهائيندي آواز ڳورو ٿي ويس چيائين،

”سائين روز منهنجي ڌيءَ مون کي چوندي آهي بابا اسان انب ڪڏهن کائينداسين، روز رات جو رُڪا چانور هاڻي نڙي مان نہ ٿا لهن. تہ مان ڪيس چوندو هيس جيڪا مزدوري لڳي ٿي تنهن مان تہ رُڪا چانور ۽ رُکي ماني ئي کائي سگهون ٿا ڌيءَ، انبن جي عياشي اسان جي قسمت ۾ ڪاٿي، پر توسان واعدو آهي جڏهن بہ وڌيڪ مزدوري ملي تو کي انبَ ضرور کارائيندس. اڄ هيءَ مزدوري ڌيءَ

# دانشور...

شوڪت لوهار



”جهڙي طرح ٿورڙا پٿر گڏجي پاڻي جي وڏي وهڪري کي روڪي ڇڏيندا آهن، اهڙي طرح معاشري ۾ بہ تبديلي ائين آهستہ آهستہ ايندي آهي. دنيا جا سڀ مظلوم هڪ ئي جهڙا آهن، دنيا جا سڀ ئي غريب هِڪ ئي قطار ۾ بيٺا آهن. دنيا جا سڀ ئي بکيا ماڻهو ڄائي ڄماندو زندگي جي تار تي ايڪروبيٽ ٻڻجي هلي رهيا آهن. دنيا جا سڀ ئي پئسا ٻن ماڻهن جي قبضي ۾ آهن.“

هو پريس ڪلب ۾ ليڪچر ڏئي رهيو هو. ليڪچر ٻڌندڙن ۾ هاري، مزدور، ليکڪ ۽ قلمڪار شامل هئا. پوري ملڪ مان وڏا وڏا دانشور ان جي تقرير کي داد ڏئي رهيا هئا.

روسٽرم جي سامهون مائيڪرو فون سان گڏ بہ ڳاڙهي جلد وارا ڪتاب پيل هئا. پاڻي جو گلاس بہ ڀريل هو، جيڪو هو وقفي وقفي سان ڳالهائيندو ڍڪ ڍڪ ڪري پي رهيو هو. وڏو مجموعو هو، هن جي لفظن ۾ وڏو اتار چڙهاءُ هو، هرهِڪ ماڻهو بت ٻڻجي هن کي ٻڌي رهيو هو. يونيورسٽين جا نوجوان جهجهي تعداد ۾ شامل هئا.

”توهان ڏٺو ڪونہ تہ ڪيئن جتامڙن ويئنامين هيڏي اجگر آمريڪا کي شڪست ڏئي ڇڏي؟ توهان ڪيوبا جي بردباري مان ڇا ڪجهہ ڪونہ سکيو جو هنن جي گڏيل جدوجهد سامراج کي جهڪڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.

وينيز ويلا ۾ پڻ تبديلي ڪيئن آئي؟ اوهان سوچيو تہ سهي غور تہ ڪيو؟ فهم ۽ ادراڪ کي مجموعي طرح هِڪ ئي اينگل تي ٻيهاريو پوءِ ڏسو ڪيئن شيون پنهنجي شڪل مٽين ٿيون.“

پاڻي جو ڍڪ ڀري هو فلسفي جي سٽ جي ڊيري ۾ هٿ وجهي ٿو ”ڏسو! تبديلي ٻن قسمن جي ٿئي ٿي، هڪڙي اِها جيڪا نظر اچي ٿي Visible ۽ ٻي جيڪا نظر نٿي اچي Invisible مثال طور توهان پراڻي عمارت ڏٺي آهي، ان جون سرون ۽ ڇاپڙ لٽل هوندا آهن ۽ آهستي آهستي اها ڳرندي رهي ٿي، اِها ان جي اندراڻن ۾ تبديلي هجي ٿي، جيڪا بهرحال ظاهر ضرور ٿئي ٿي، سالن ڪانپوءِ اِهي سرون ڀڃي ڀري پون ٿيون، پرڪٽيون ٿي پون ٿيون، سماج بہ ائين آهن، نظام بہ ائين آهن، اسان کي هن جمود خلاف جنگ ڪرڻي آهي ۽ هِڪ ٿي بيهڻو آهي.“

پنڊال ۾ ويٺل جونيئر دانشور ۽ ايرندڙ نوجوان ان جي فلسفي تي اهڙي دسترس ڏسي پنڊ پهڻ ٿين ٿا ۽ دِل ئي دل ۾ پاڻ کي منفيت جو شڪار سمجهن ٿا تہ انهن تہ ائين ئي زندگي وڃائي ڇڏي!

”ڌيان ڪريو اسين هِڪ ٻج پوکيون ٿا، ان مان سَلو ٿئي ٿو. پوءِ ٻوٽو ٿئي ٿو، ساڳئي وقت اِهو ٻوٽو بہ نظر اچي ٿو ۽ اِهو وڻ ٿيڻ ڏانهن وڃي رهيو هجي ٿو ان ڪري دنيا ۾ تبديلي ئي مشعل آهي تبديلي ئي رهڻي“.

هِي دنيا ڦري ٿي پنهنجي محور تي، هي دنيا سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ اِها ڳالهہ بہ سچ آهي تہ سج بہ گردش ڪري ٿو، چاڪاڻ تہ ڪائنات ۾ سج پنهنجي پوري ڪهول سان زمين سميت خلاءِ ۾ ڪنهن اڻ ڏٺي منزل ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ هي سڀ گرهہ ان جي پنيان چوڌاري ان سان گڏ گهمي رهيا آهن. تنهن ڪري اسان کي بہ اڳواڻي جي ضرورت آهي، رهبري جي ضرورت آهي، مطالعو ڪريو جيترو ٿي سگهي ڪتاب پڙهو“.

”هو پنهنجي ليڪچر اتساس ۽ اميدن جي اسٽيشن تي بيهاري ٿو. سوال جواب سيشن شروع ٿئي ٿو. ننڍڙا نوجوان دانشور هن جي عقل کي داد ڏين ٿا ۽ پنهنجي وس آهر، ريڊي ميڊي معلومات جي بنياد تي سوال پڇن ٿا. سوالن کي هو پنهنجي دانشوري سان لاجواب ڪري ڇڏي ٿو. ويهہ منٽن تائين تاڙيون وڄنديون رهن ٿيون، فوٽو سيشن ٿئي ٿو. فوٽن جي چمڪائن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي تهائين وڌيڪ مضبوط دانشور سمجهي ٿو. اڻ ڳڻيا ماڻهو ان کان آٽوگراف وٺن ٿا، آءِ ڊي ۽ موبائيل نمبر جي لاءِ وينتيون ڪن ٿا. بعد ۾ هو ڪار ۾ ويهي روانو ٿئي ٿو. خيالن ۽ خيالن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي تمام وڏو ڄاڻو، مهان ۽ عقل جو اڪابر سمجهي ٿو.

”هيلو سائين ڊي سي او صاحب! آئون فلاڻو دانشور ڳالهايان پيو“.

”جي جي فرمايو“

”سائين اوهان جي ٽيبل تي هڪ فائيل پيو آهي، اسان غريبن جو ان تي اوهان جي مبارڪ هٿن جي هِڪ پتڪڙي صحيح جي ضرورت آهي.“

”ها پر اِهو پلاٽ تہ اڳئي ڪنهن وڏي جهڳڙي جو سبب رهيو آهي“. پريان آواز اچي ٿو.

سرڪاري طور اِهو پلاٽ مزدور ڪالوني ۾ اچي ٿو.

”سائين اسين بہ تہ مزدور آهيون ٻيو“

سائين آئون هِڪ دفعو وري انهيءَ فائيل تي ڳاڙهي ٽيپ هٽي ٿو موڪليان، بس پوءِ تہ ڪندا نہ صحيح!

اڙي ڊيئر ماري وِڌو ها بابا ڪرڻي پوندي ”ها، ها، ها، ٿينڪ يو سو مچ سَر“

هو فائيل کي ڳاڙهي ٽيپ لڳائي موڪلڻ جو چئي ٿو ۽ ڪامورو ڪافورجي وڃي ٿو.

ڪار هلندي اچي ضياءَ الدين روڊ وٽ پهچي ٿي، جتي دانشور جي نظر سامهون واري سئنيما پوسٽر تي پئي ٿي، جتي ڪنهن اڌ اگهاڙي عورت جو جسم هن جي ڌيان ۾ ڪندو وجهي ٿو. دانشور ان عورت جي سيني تي اکين کي ايلفي ڪري ڇڏي ٿو.

ٽڙ، ٽڙ ٽڙاڪ.

اڙي! انڌو آهين ڇا؟

”ڏسين ڪونہ ٿو؟“

”نظر ڪونہ ٿو اچئي“

”نشو پيتل اٿئي ڇا؟“

هن جي نئين ڪرولا گڏهہ گاڏي سان ٽڪرائجي ٿي ۽ هو هيٺ لهي ان گڏهہ گاڏي واري پوڙهي کي بہ ٽي ٺڦون وهائي ڪڍي ٿو.

”هِي نقصان ڪير ڀريندو؟“

”ڪِڍ پئسا!“

”سائين پر“

”پر جا پٽ“

هو پوڙهي جي ڦاٽل ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڪجهہ سڪن سميت سڀ پئسا ڦري وٺي ٿو.

”سائين ڪار توهان پاڻ هنئين آهي“

”منهنجو تہ گڏهہ بيمار آهي“ پوڙهو پنهنجي صفائي پيش ڪري ٿو.

# اوُ جهڙ ٻيڙ...



منظور ڪلهوڙو

”سر اوهان ڏاڍو شاندار ۽ جامع ليڪچر ڏنو. ريئلي آئون گهڻو متاثر ٿي آهيان. اوهان جو نالو، ڪم ۽ اچيومينٽس ته اڳ ئي ٻڌل هيم. پر اڄ هتي اوهان کي ٻڌي، ڏسي ۽ ڳالهائي سچ پچ پرائيڊ پئي فيل ڪيان ته سنڌ جي ان عظيم سماجي اڳواڻ سان آئون گفتگو ڪري رهي آهيان.“

”اوهان جو نالو...؟“

”اوهو سر، آءِ ايم سو سوري، دراصل آئون ڏاڍي ايڪسائيٽيڊ آهيان. ان ڪري آئون پنهنجو اوهان سان تعارف به نه ڪرائي سگهيم.“

”سر آءِ ايم تانيه.“ تانيه پنهنجو سڄو هٿ وڌائي نصير سان هينڊ شيڪ ڪيو.

”مس تانيه.“ نصير وري ورجايو.

”جي سر، تانيه. مون سنڌ يونيورسٽي جي سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ مان گذريل سال فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ ڊگري ورتي آهي. ڊپارٽمينٽ طرفان اوهان جي ليڪچر جي انويٽيشن ملي هئي. ان ڪري خوشيءَ سان هلي آيس.“

”Thank You مس تانيه.“

“You are Welcome Sir”

”مس تانيه، اوهان ڪنهن جاب، پراجيڪٽ سان هن وقت منسلڪ آهيو يا Higher Studies جو ارادو رکو ٿا؟“

”سر، ڊگري ملڻ ڪانپوءِ هڪ ٻن جاين تي ٽراءِ ته ڪيو. پر ڪاميابي نه ملي سگهي. فلحال ته Higher Studies جو به ڪو ارادو نه آهي. بس ڪوشش آهي ته ڊپارٽمينٽ ۾ ئي. آر.اي جي جاب ملي پوي. مئڊم چيئرپرسن گذريل ڇهن مهينن کان وٺي يقين پئي ڏياري ته هن نه هُن مهيني آر.اي جو آرڊر ملي ويندو.“

”اوهان وٽ آر.اي جو ماهوار سيلري پئڪيج ڪيترو آهي؟“

”سر پئڪيج وري ڪهڙو... بس پيٽ گذر لاءِ ٻارنهن، پندرنهن هزار ماهوار ملي پوندا آهن.“

”بس ٻارنهن، پندرهن هزار.“ نصير حيران ٿيندي پڇيو.

”جي سر ٻارنهن کان پندرنهن هزار.“

”مس تانيه، اچي هي وٺو. هي منهنجو وزيٽنگ ڪارڊ آهي. جڏهن به اوهان جي دل چوي منهنجي آفيس هليا اچجو. چانهه به گڏجي پيئنداسين. ۽ اوهان جي جاب جي سلسلي ۾ گفتگو ڪنداسين. دراصل اسان جي آرگنائيزيشن کي ڪئنبا گورنمينٽ پاران هڪ به پراجيڪٽ مليا آهن. منهنجي خواهش آهي ته آئون ينگ، انرجيٽڪ، نيو آئيڊياز ۽ Creative minds تي مشتمل هڪ ٽيم جوڙيان. آئون ٽيم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اوهان کي دل جي گهرائين سان آفر ڏيان ٿو.“

“Thank You so much Sir” تانيه ڪارڊ وٺي پنهنجي ڪاپي ڪلهي ۾ لڙڪندڙ پرس ۾ وجهي ڇڏيو.

”پر سر، مون وٽ ته ڪنهن به NGO جو Experience نه آهي.“

”مس تانيه، جڏهن جاب ملندي تڏهن ئي ته Experience حاصل ٿيندو نه؟“

”جي سر، اوهان بلڪل صحيح پيا چئو.“

نصير تانيه کان موڪلائي هال ۾ ريفريشمينٽ واري سائيڊ طرف هليو ويو.

”ڪهڙا پئي حوال ڪيائين؟“

”هان!!“ تانيه حسن جي سوال تي ڇرڪ ڀريندي چيو.

”ڪهڙن خيالن ۾ گم آهيو مئڊم هيڏي وڏي هجوم ۾ هوندي به اڪيلا اڪيلا ڪٿي وڃايل آهيو؟“

”بس ائين ئي حسن.“ تانيه وارن ۾ هٿ ڦيرائيندي چيو.

”ڪهڙا حوال پئي ڪيا نصير صاحب؟“

”حسن، سر نصير چيو ته اسان جي آرگنائيزيشن کي ڪئنڊين گورنمينٽ پاران ٻه نوان پراجيڪٽ مليا آهن. انهن پراجيڪٽس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ هن مون کي جاب جي آفر ڪئي آهي.“

”ها سائين، اوهان کي جاب آفر نه ڪندو ته باقي اسان کي ڪندو ڇا؟“

”او هو حسن پليز، مون کي تنگ نه ڪر.“

”سچ ٿو چوان تاني، اهو نصير ڄرڪو ٿي. ان کان بچي رهجانءِ. ان نصير سمنڊ پار وارن کي نه بخشيو آهي، باقي تون ۽ اسان جي ڪهڙي حيثيت آهي؟“

”چڱو هاڻي بس ڪر حسن، هل هن هنگامي مان ٻاهر ڪٿي هلي مون کي سٺي چانهه پيئار. ليڪچرس ٻڌي ٻڌي دماغ ۾ ئي سُور پئجي ويو آهي.“

”بس ڙي ماسي سڪينه، ڪهڙا ٿي حال پڇين اسان غريبن جا. منهنجي زندگي ته، جهنگ جي هيسيل هرڻيءَ جيان ٿي گذري. شادي ٿي ته مارون موچڙا. ٽيئي گلن جهڙا ٻارڙا ٿيا تڏهن به هن جي مون سان نه پئي. پرائي اختيار سمجهي ڪنڌ ۾ ڦٽو ڪري وڃي ٻي شادي ڪري شهر ڇڏي جو هليو ويو ته اڄ تائين وري ڪڏهن مُڙي به نه ڏٺو اٿس.“

”بس الله سائين اها پرائمري ماستريءَ جي نوڪريءَ جي ٿاري نوائي ڏني هئي. رب جي سهاري، نوڪريءَ جي آڌار ۽ ان معصومن جي خاطر مون ڇڻ انسانن جي جنگ ۾ جهاڳيو آهي ماسي سڪينه. ڪڏهن اڪيلائيءَ جو خوف، ڪڏهن جوانيءَ جو ڀؤُ.“

”سچ ٿي چوين ڙي امڙ.“ سڪينه تانيه جي امڙ جون ڳالهيون ٻڌندي وڏو ٿڌو ساهه ڀريندي چيو.

”هان ماسي، چانهه وٺ.“ تانيه جي امڙ سڪينه کي چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ ڏيندي چيو.

”امڙ تو وڏا ڪشالا ڪڍيا آهن. تون نيڪ دل، نيڪ سيرت ۽ نيت واري آهين. اجهو تنهنجي آزمائش پوري ٿيڻ واري آهي. تنهنجي اولاد جوان ٿي آهي. ماشاء الله تانيه ته يونيورسٽي ۾ تعليم پڙهي پوري ڪئي. باقي آمنه ۽ سرفراز به ڄاڻ يونيورسٽي مان پڙهي نوڪرين وارا ٿيا. پوءِ تو کي ڪهڙي کَمي آ منهنجي امڙ؟“

”بس ماسي سڪينه، دعا ڪر هاڻي ته رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ پينشن ۽ قومي بچت جي آمدنيءَ مان ته گهر جو گاڏو به نه ٿو هلي. دعا ڪر ته تانيه کي نوڪري ملي پوي. ۽ ان جو سٺي هنڌ رشتو ٿي پوي.“

”اڙي امڙ، مان ته هر وقت تنهنجي گهر لاءِ دعاگو رهندي آهيان. الله سائين تنهنجون سڀ مشڪلون آسان ڪري.“ ڪراڙي سڪينه جي اکين ۾ ڳوڙها ترِي آيا.

”منهنجي امڙ تو جهڙيون عورتون نصيبن وارن کي ملنديون آهن. هُن ظالم تنهنجو قدر نه ڪيو. ۽ تو کي اڪيلو ڇڏي ڀڄي هليو ويو. تون به يقين ڪر ان جو به ڪنهن قدر نه ڪيو هوندو. تنهنجي جاءِ تي ڪا ٻي عورت هجي ها ته ڪڏهن جو يا ته ڪنهن سان شادي ڪري ڇڏي ها يا ’اوُ جهڙ ٻيڙ‘ ٿي وڃي ها.“ سڪينه پنهنجي ڳالهه پوري ڪندي تانيه جي امڙ جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي چيو، ”نه رئو منهنجي امڙ نه رئو.“

”بس ماسي، اهو روئڻ ته منهنجي نصيب جو لکيو آهي نه، پر ماسي مون کي پنهنجن ٻچن جو قسم آهي. نه ته ڪڏهن مون ٻي شاديءَ جي متعلق سوچيو آهي. نه ڪڏهن هُن کي پٽيو آهي ۽ نه وري ڪڏهن ’اوُ جهڙ ٻيَڙ‘ ٿي آهيان.“

تانيه جي امڙ سڏڪن ۾ پئجي وئي. سڪينه هن کي سيني سان لائي پاڻ به سڏڪن ۾ پئجي وئي.

تانيه ڪمري ۾ ويٺي امڙ ۽ ماسي سڪينه جون ڳالهيون ٻڌي پاڻ به سڏڪن ۾ پئجي وئي. ورانڊو ڳوڙهن ۽ سڏڪن جي گونجار سان ڀري پيو هو.

”تو کي خوشي نه ٿي حسن؟“ تانيه المنظر جي ڪناري وڻن جي ڇانوَ ۾ پيل ڪرسين تي ويٺي چانهه پيئندي حسن کان نماڻائي ۾ سوال ڪيو.

”تاني، مون کي خوشي آهي ته تو کي جاب ملي آهي. پر...“

”پر ڇا حسن...؟“

”تاني، تون نه ٿي سمجهين نصير ڏاڍو خطرناڪ ماڻهو آهي. هن جو ٽريڪ رڪارڊ ڏاڍو ڀيانڪ آهي. هُو پنهنجي فيلڊ ۾ جيترو وڏو نالو آهي. ۽ وڏو ماڻهو آهي. اوترو ئي اخلاقي حوالي سان بدنام آهي. آئون سمجهان ٿو... ڄاڻان ٿو ته هو توتي ايترو مهربان ڇو آهي جو شروعات ۾ ئي تو کي پنجاهه هزار ماهوار جو پئڪيج ڏنو اٿائين.“

”پر حسن، تون اهو ڇو ٿو وسارين ته اهي پراجيڪٽ ڪئنيڊا گورنمينٽ جا آهن. ۽ سموري فنڊنگ انهن جي آهي. تون ته ڄاڻين ٿو فارين فنڊنگ ڊالرس ۾ ٿيندي آهي ۽ ڊالرس جي حساب سان پنجاهه هزارن روپين جي اڄ جي دور ۾ ڪيتري اهميت آهي.“ تانيه حسن کي مفصل جواب ڏيندي ان کي وڏيڪ قائل

ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
”تاني، اهو سڀ ٺيڪ آهي. پر توتي اها خاص مهرباني ڇو؟ بنا سفارش، بغير واسطي، without interview ۽ بغير تجربي جي؟“
”ڇو حسن...؟“ تانيه حسن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي ڳالهايو، ”مان پنهنجي فيلڊ ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ ڊگري رکندڙ آهيان. منهنجي ريسرچ پيپرس نااليواري جنرلس ۾ پبلش ٿيل آهن. مان ينگ، انرجيٽڪ ۽ نيو آئڊياز رکان ٿي. اهي ڪئاليفڪيشنس ۽ ميرٽ Points نه آهن؟“
”ٺيڪ آ تاني. اٽس اوڪي... تون خوش آهين، اهوئي ڪافي آهي. مون ته صرف خدشات جو پئي اظهار ڪيو. ۽ منهنجي خواهش هئي ته تون ۽ مان گڏجي يونيورسٽي ۾ آر. اي جي حيثيت ۾ پڙهايون.“
”ڇڏ حسن، آر. اي جي جاب. پندرنهن هزار ماهوار پگهار، ڊيلي چار ڪلاس انجيسگ پيرڊس جدا. ان جاب جا ڀرڳو آسرا آهن. ڪا به جاب سيڪيورٽي نه، تون ته چاهين ٿو ته تون ۽ مون گڏجي ڪيتري ڪوشش ڪئي ته اها آر. اي جي جاب به ملي پوي، پر ملي؟“
”تاني هاڻي پڪو آسرو هو.“
”ڇڏ حسن، اهو ڇهن مهينن کان ٻڌندي پئي اچان.“
هن چانهه ختم ڪري ڪوپ ٽيبل تي رکي ڇڏيو. حسن جي خاموشي تانيه کي بيقرار ڪري رهي هئي. اڄ خاموشي هن ۾ بيزارگي واري ڪيفيت پيدا ڪري رهي هئي. هن چاهيو پئي ته حسن سان خوب ڳالهائي ۽ هن کي ٻڌائي ته نوڪري ملڻ ۽ پنجاهه هزار ماهوار پگهار جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ هن جي امڙ، پيءُ ۽ ڀاءُ ڪيڏو نه خوش ٿيا هئا. تانيه زندگيءَ ۾ پهريون دفعو پنهنجي امڙ جي چهري تي اهڙو سڪون ۽ اطمينان بخش تاثر اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هئا. هن کي ائين فيل ٿيو هو جڻ ورهين کان بيمار پيل اڄ مڪمل طور تي صحتياب ٿيو هو. هن جي امڙ جي چهري جي رنگت نکري پئي هئي. ۽ هوءَ هر هر دعائن لاءِ هٿ فضائن ۾ بلند ڪري رهي هئي. تانيه لاءِ ان کان وڌيڪ بس بي ڪا به خوشي نه هئي، چاڪاڻ ته هن جي امڙ خوش هئي. پر حسن جي دماغ ۾ ڪجهه بيو هو جيڪو هو تانيه سان شيئر ڪرڻ جي باوجود شيئر نه پئي ڪري سگهيو. ڇو ته تانيه پنهنجي ڪاميابيءَ ۽ ان جي خوشيءَ ۾ محو ۽ مگن هئي.
”تاني، هاڻي هلڻ گهرجي.“ نيٺ حسن ڳالهايو.
”پوائنٽ به اچڻ واري هوندي.“
”ٺيڪ آ...“
حسن چانهه جو بل Pay ڪري تانيه سان پل تي وٽن جي ڇانوَ ۾ بيٺو رهيو. پر ٻنهي مان ڪنهن به ڪنهن سان نه ڳالهايو. خاموشي اڄ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ديوار بڻجي پئي. ۽ انهن نه ڳالهائي نه ڳالهايو. پوائنٽ اچڻ تي حسن آخري سائيڊ جي سيڪنڊ لاسٽ سيٽ تي وڃي ويٺو. ۽ تانيه ليڊيز سيڪشن جي سيٽ تي وڃي ويٺي.

حيدرآباد باءِ پاس وٽ نصير جي ٻڌايل اسپاٽ تي تانيه بيٺي ان جو انتظار پئي ڪيو. اڄ ان کي هفتي لاءِ نصير سان گڏ ڪراچي وڃڻو هو. جتي نصير جا ليڪچرس رکيل هئا. ۽ هڪ سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻي هئي. نصير ان کي ڪپڙن ۽ بيو ضروري سامان ڪٽڻ کان اڳواٽ ئي روڪي ڇڏيو هو. بس هو هڪ وڳي ۾، گهر وارن کي هفتو ڪراچي ورڪشاپ اٽينڊ ڪرڻ جو ٻڌائي هلي آئي هئي.
تانيه اڃان ان سوچن ۾ ئي گم هئي ته پيچ براؤن ڪلر واري پيجيرو اچي ان جي سائيڊ ۾ بريڪ ڏني. نصير سائيڊ وارو دروازو کولي تانيه کي اڳين سيٽ تي اچي ويهڻ جو اشارو ڪيو.
”دير ته نه ٿي؟“ نصير ويهندي ئي تانيه کان سوال ڪيو.
”نه سر، مان ته اڃان هاڻي ئي رڪشا مان لهي بيٺي هيس ته اوهان به اچي ويا.“
”متان نه مجو ته اسان ٽائيم جا پابند نه آهيون.“ نصير فخريه ۽ فريٽيڻ واري انداز ۾ چيو.
”نه سر، مان گذريل ڇهن مهينن کان وٺي اوهان کي آبزرو ڪيو آهي. اوهان گورن کان به وڌيڪ وقت جا پابند آهيو.“
”متان نه مجو مس تانيه؟“ نصير هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيو.
”هيءَ گاڏي، ان کان اڳ ته مون اوهان وٽ نه ڏٺي هئي. جڏهن اوهان گاڏي منهنجي پرسان بيهاري ته مان سڃاڻي ئي نه سگهيس.“
”ها واقعي ئي هيءَ گاڏي اوهان اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي آهي. هيءَ گاڏي ’اسپيشل ٽرپس‘ ۽ ’گارجيس‘ ماڻهن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪڍبي آهي.“ نصير شرارتي انداز سان تانيه جي چهري ڏانهن نهاريو.
”Oh, I see.“ تانيه به حاضر جوابيءَ جو مظاهرو ڪيو.
”ڪيئن وڻي نه اوهان کي گاڏي؟“
”جي سر، بلڪل وڻي.“
نصير ائير فريشنر جو اسپري ڪري LED، پليئرس تي انڊين اداڪار عمران هاشمي جي سپر هٽ ۽ هاٽ سانگس جي DVD پلي ڪري گاڏي جي تور رفتار تيز ڪري ڇڏي.
پيجيرو جي اندر ڊور ڊيڪوريشن، سيٽنگ ، ماحول، سپر ايئر ڪنڊيشن، ايئر فريشنر جي معطر ڪندڙ خوشبو، شاندار ونڊ اسڪرين مان سپر هاءِ وي جا منظر، پاپ ميوزڪ، ڊانس ۽ وقفي وقفي سان فلمايل ڪسنگ سين تانيه جي جسم ۾ جلترنگ پيدا ڪري ڇڏيا. هن جي اکين ۽ چهري جي رنگت بدلجڻ لڳي. هن پنهنجي جسم ۾ عجيب قسم جي سرساهٽ ۽ منفرد قسم جي بيقراري محسوس ڪئي ۽ جيڪا ان کي سڪون به بخشي رهي هئي.
تانيه ٽڏو ساهه پري پاڻ سان پنهنجي اندر ئي اندر ۾ خود ڪلامي ڪئي،
”ڪيڏي نه هنن اميرن جي شاندار زندگي آهي. ڇا ته مزو آهي ان زندگيءَ جو... رڳو انجواءِ ئي انجواءِ... سهولتون ته ڏس. دماغ ڪيرو ٿيون ڪري ڇڏين. نه ڪا معاشي پريشاني، نه ڪا فرسٽريشن. بس رڳو موجون ئي موجون.“
”ڪهڙن خيالن ۾ گم آهيو محترمه.“ نصير ڊنهل جو سگريٽ دکائي تانيه سان ڳالهايو.
”جي، جي سر...“
”اُو هو، ڇڏيو ان سر ور کي تانيه.“
”جي.“
”سگريٽ پيئندؤ؟ سفر ۾ مزو ڏيندؤ... ۽ ٻه ٽي ڪش هڻي ڏسو. جي مزو نه ڏيوَ ته ڦٽو ڪري ڇڏجو.“ نصير پاڪيٽ ۽ لائيٽر تانيه جي طرف وڌائيندي چيو.
”جي ڏيو اڄ اهو به ٽيسٽ ڪري ڏسجي.“ تانيه پاڪيٽ وٺي ان مان سگريٽ ڪڍي ان کي لائيٽر وسيلي دکائي پنهنجي چپن تي رکي اونهي ساهه سان سُٽ ڪري پن آگرين ۾ اهڙيءَ ريت سگريٽ کي جهليو جڻ هوءَ اڳ ۾ ئي سگريٽ پيئندڙ هجي. تانيه جي سگريٽ پيئڻ جي ادا نصير کي گهائي وڌو.
”واهه تانيه واهه. ڇا ته ڪش هنيوَ. اوهان جون اهي ادائون ته موهي وجهن ٿيون. سچ پڇ تانيه، هڪ ته تون بلا جي سمجهدار آهين. ٻيو ته ضد توهان ۾ اصل نه آهي. تون عام رواجي ڇوڪرين کان بلڪل مختلف آهين. گهٽ ۾ گهٽ منهنجو تجربو ته اهوئي ٿو ٻڌائي.“
”جي...“ تانيه ڏاڍي اتالوي انداز سان سگريٽ جا هلڪا هلڪا ۽ رکي رکي ڊگها ڪش هڻڻ لڳي.
تانيه پنهنجي دماغ ۾ خلا جهڙو خول محسوس ڪيو. اکيون ان جون ويتر نڪوٽين جي ڪري مدهوشيءَ سبب ٻوتجي ويون. بيقراري هن جي رڳ رڳ ۾ ڦهلجي وئي. ويتر ميوزڪ ان کي مست بڻائي ڇڏيو.
”زبردست... زبردست، اهوئي اسپرٽ کپي مون کي.“ نصير خوشيءَ وچان ٻهڪندي تانيه کي چيو.
”ها اڄ کان سر به ختم ۽ نصير صاحب به ختم. بس اڄ کان پوءِ تون مون کي خلوت ۾ نصير چوندي ڪر.“
”جي نصير...“ تانيه نصير جو ڀرپور ساٿ ڏيندي چيو.
”نصير ايڪسيليٽر تي ميوزڪ جي اسپيڊ سان پنهنجو پير ڪپائي تانيه جي سيٽ کي بٽڻ وسيلي رليڪس موڊ ۾ آڏي ڇڏيو.
تانيه سگريٽ پورو ڪري ايش ٽري ۾ وجهي باڪس بند ڪري ڇڏيو. نصير جو هٿ تانيه جي ساڄي سٿر طرف وڌيو. تانيه ڪا به مزاحمت نه ڪئي.
نصير سائونڊ جو واليوم وڌائي ايل اي ڊي اسڪرين جو رُخ تانيه طرف وڌيڪ موڙي ڇڏيو. ۽ پنهنجو هٿ ان جي جسم طرف ائين وڌائيندو، ڊوڙائيندو ۽ ڦيرائيندو رهيو جهڙيءَ ريت سپر هاءِ وي تي گاڏي ڊرائيو ڪري رهيو هو.
تانيه کي سگريٽ جي طلب ٿي. هن نصير کان سگريٽ گهري ورتو.
”ڪوڙ سگريٽ، هي وٺو. پاڻ به پيئو ۽ مون کي به دکائي ڏيو.“
اوچتو نصير جي موبائيل فون ۾ وائبريشن پيدا ٿي. هن تانيه جي جسم تان هٿ هٽائي سيل فون ڪڍي ڳالهايو.
”سائين، آئون ڪراچي پهچي ويو آهيان.“
”ٺيڪ آ خدا بخش آئون به پهچڻ وارو آهيان. تون ٽيڪسي ڪري پرل ڪانٽيننٽل هوٽل پهچي اتي منهنجو انتظار ڪر.“
”ڪير هو؟“ تانيه ڳالهايو.
”ڊرائيور هو خدا بخش، ڪراچي پهچي ويو آهي.“
”ڇو؟“ تانيه سوال ڪيو.
”ان کي اڳ ئي ڪراچي موڪلي ڇڏيو هو.“
”پر ڇو؟“ تانيه وري سوال ورجايو.
”ان ڪري ته هنن لمحن کي به ته انجواءِ ڪرڻو هو نه.

تون ٻڌاءِ انهن لمحن جو ڪو نعم البدل آهي. يا ڪو ملهه آهي؟“

”تہ پوءِ خدا بخش ڪي ڇو گهرايو اٿئہ ڪراچي؟“

”ان ڪري تہ منهنجي جان، مان سيمينار ۾ بزي هوندس. هو تو ڪي پهريان شاپنگ تي وٺي ويندو. پوءِ تو ڪي بيوٽي سيلون تي وٺي ويندو. جتي اوهان جي فل سروس ٿيندي.“

”I mean، هيئر ڪٽنگ، فيشل، بليچ، اسٽريڪنگ... ايڪسٽرا ايڪسٽرا... جنهن ۾ ذري گهٽ سڄو ڏينهن لڳي ويندو. ۽ ان وقت تائين مان بہ فري ٿي ويندس. پوءِ رات گڏجي ڊنر ڪري خوب گروپ ورڪ ڪنداسين.“ ها... ها... ها... ها.. ها.. ها.. نصير وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا.

تانيہ ان ۾ نصير جو ساٿ ڏنو.

نصير جو هٿ وري عادي ڏوهاريءَ جيان تانيہ جي جسم طرف هليو ويو. گاڏي ايڪسيليٽر جي زور سان ڊوڙڻ لڳي. ڪراچي جي عمارتن جا آثار ونڊ اسڪرين مان نمودار ٿيڻ لڳا.

بيوٽي سيلون مان فل سروس ڪرائي، بوتيڪ تان خريد ڪيل لان جي فڪس فٽيڊ ڊريس پائي جڏهن تانيہ هوٽل جي ڪمري ۾ لڳل آرسيءَ ۾ پاڻ ڪي ڏٺو تہ هوءَ پاڻ ڪي سڃاڻي نہ سگهي.

”هيءَ آئون آهيان؟“ هن پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

”ها آئون ئي آهيان.“ هن ڪي پاڻ تي رشڪ اچڻ لڳو. پنهنجي ئي سونهن هن جي دل ۽ دماغ ڪي ڪيرو ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي نرم نرم ملائم وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ شروع ڪيون. پنهنجي ڳلن ڪي بار بار پئي ڇُهيو. چپن تي لڳل سُرخي ۽ لپ لائينر هن ڪي ڏاڍو وڻيا.

روم جو دروازو کليو. نصير تانيہ ڪي ڏسندي ڇرڪي پيو. يڪ ساهيءَ سان هن جي انگ انگ ڪي ڏسندي پراجيڪٽ رپورٽ جيان عنوان ڏيندو پئي ويو.

هن تانيہ ڪي پاڪر ۾ پري رپورٽ مڪمل ڪرڻ لاءِ Submit note هڻڻ جو ارادو ڪري ورتو. پر هڪ دفعو وري رپورٽ جو پنو پنو اٿلائي جاچڻ شروع ڪيو تہ هن ڪي خيال آيو تہ زندگي ۾ هن انيڪ سونهن جون سرڪيون پريون آهن. پر تانيہ جي سونهن انهن سڀني تي ڀاري هئي ۽ نصير پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ايڏي تيز رفتاريءَ سان نہ تہ رپورٽ تيار ڪئي هئي ۽ نہ جمع ڪرائي هئي. پر اڄ هن سڀ، ’ڪوڊل فارملٽيز‘ پوريون ڪري ورتيون. ۽ تانيہ جي اڳيان عمر ڪا ڍل شخص، ٻي ڊول بت، ۽ ڍهل جيڏو پيٽ رکندڙ عجيب غريب جسم نمودار ٿيو. جنهن جي فاشست هٿن، ڏندن، ٽنگ ۽ ٻانهن هن ڪي پوري ٿيل پراجيڪٽ رپورٽ جيان ڦاڙي ڦاڙي چيهيون چيهيون ڪري. اپ ساهي ۾ پئجي بيڊ تي ائين بي ست ٿي ڪري پيو جيئن گيس واري ڦوڪڻي مان هوا نڪري ويندي آهي.

تانيہ جي تڙپ ڪنهن نئين اين جي او جي پراجيڪٽ جي طلب جيان اجان وڌي وئي. پر نصير جي ’نو ريسپانس‘ هن کي چيڙائي وڌو. هن نصير جي جسم تي ڪرپ پري نظر وجهي تڪڙي تڪڙي وارڊ روب اندر هلي وڃي آرسيءَ اڳيان بيٺي. تانيہ کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ڇا هيءَ مان آهيان؟“ هن روئڻ جهڙو منهن ڪري پاڻ سان ڳالهايو. ڪاوڙ وچان هن مُنيون پڪوڙي ڇڏيون. گهڙي ڪن اڳ هوءَ پاڻ کي ڪيڏو نہ وڻي هئي. پر هاڻي وڪريل وار، اکين جو اجڙيل ڪجل، ڇهري جو ميڪ اپ ۽ چپن تي لڳل سُرخي پنهنجن واچن ۽ ڪاڏي تائين ڦهليل ڏسي، پنهنجي جسم ڪي ڪپڙن کان بي نياز ڏسي هن ڪي بہ نصير جي بي ڊول بت جيان پنهنجي جسم مان بہ ڪرپ اچڻ لڳي. ۽ جلدي باٿ روم جو دروازو کولي شاور آن ڪري ان جي هيٺان بيهجي وئي. ان ويل تانيہ ڪي حسن ڏاڍو ياد آيو.

”نصير اين جي او سيڪٽر ڪي تو جهڙن ڪردارن ڏاڍو نقصان پهچايو آهي.“ شيرٽن هوٽل جي لابي ۾ ويٺي نصير جي دوست راحت بنا رڪ رڪاءَ جي وڏي هجت سان ان ڪي چئي ڏنو،

”وري ڇا ٿيو راحت صاحب؟“

”هيءَ وري ڪير هئي؟“

”ڪير؟ اُو... نسيم، اها تہ منهنجي نئين پراجيڪٽ جي ڪوآرڊينيٽر آهي.“

”اها وري ڪٿان ۽ ڪڏهن هٿ ڪيئي؟“ راحت وري سوال ڪيو.

”راحت صاحب اسان آهيون حقيقي سماج سڌارڪ، اسان جي ڪوجنا پنهنجي سماج مان ئي هوندي. اسان جنهن ڪي سماج جي اڏاوت سمجهون ٿا اوهان جهڙا ۽ ڪجھ ٻيا دوست وري ان ڪي سماج جي ’ڊسٽرڪشن‘ سمجهن ٿا.“ نصير هلڪو ٽهڪ ڏئي سگريٽ ڪي پنهنجن چپن تي آندو.

”خوب ٿا سماج جي اڏاوت ڪيو. جيڪڏهن نہ اهڙيءَ ريت سماج جي اڏاوت ٿي تہ پوءِ...“

”تہ پوءِ ڇا راحت صاحب؟“ نصير سگريٽ جو ڪش هڻي سواليہ انداز ۾ راحت ڏانهن نهاريو.

”تہ پوءِ اوهان جهڙن سماجي ٺيڪيدارن ۽ رکوالن جا نٽ ئي نٽ آهن.“

”well said راحت... يار ڏس زندگي مختصر آهي. پيئسو، شهرت، وسيلا ۽ موقعا قدرت هٿ وس ڪيا آهن تہ پوءِ ڇونہ موقعن مان فائدو وٺي زندگيءَ ۾ انجواءِ ڪجي.“

”چوين تہ سچ ٿو نصير، پر اسان ڪي ڪٿي ان ڪم ۾ مهارت. تون يار ان حوالي سان ڏاڍو لڪي آهين. اسان ڪي بہ ڪي گُرَ سيکار.“

”ها ها ها...“ نصير دل سان ٽهڪ ڏئي سگريٽ جو ڦلو ايش ٽري ۾ ڦِٽو ڪيو.

”يعني تہ محرومي بہ آ، حسرت بہ آ تہ چاهنا بہ آ راحت بہ.“

”ها يار نصير، هن عمر ۾ نہ. جيڪڏهن اهي لذتون ماڻجن تہ پوءِ باقي ڇا ڪجي؟ اسان تہ يار رپورٽن، فائيلن، ورڪشاپن ۽ سيمينارن ۾ مٿا ڪٽ ڪري ڪري پاڻ ڪي ذهني ۽ جسماني طور 80 سالن جو پوڙهو بڻائي ڇڏيو آهي. تون تہ پاڻ ڪي ڏس ستر سالن ڪي اچي رسيو آهين پوءِ بہ ڏندو مٿو لڳو پيو آهين.“

”...“

”جڏهن بہ مهيني ٻن کان پوءِ ڪراچي، اسلام آباد تو اچين تہ ساڻ وٺيو تو اچين.“ راحت لفظن مان لست وٺندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکي.

”تڏهن تہ چوانءِ ٿو نصير ڪجھ هنٽس اسان ڪي بہ ڏي تہ اسان جو ڪو جهان ٿهي پوي. اسان بہ رليڪس ٿيون.“

”گُرَ وري ڪهڙا راحت، اڄ ڪلهہ غربت ’ڪموڊٽي‘ آهي. بس غربت ڪي نسليءَ طرح ’ايڪسپلين‘ ڪر ۽ ان ’ايڪسپلينيشن‘ ۾ شاندار زندگي، ’سِڪيؤرفيؤچر‘ ’لگزري ماحول‘ ’اٽرئڪٽو سيلري پئڪيج‘ ’Close Proxmity‘... بس پوءِ ويهي ڏس.“

”واقعي.“

”راحت، ٻڌ غربت ۽ بيروزگاريءَ جو پُوتُ ڏاڍو پوائٽو آهي. اهو سڀ خواهشون، آسون، اميدون، چاهتون نہ جڏهن ڇٽ ڪري ٿو تڏهن زندگي ڏاڍي پيانڪ لڳڻ لڳي ٿي. ان ويل نہ جڏهن A/C آفيس ۾ ريوالونگ چيئر تي وهجي ٿو. ڊبل ڊور گاڏين ۾ سفر ڪجي ٿو. ۽ 30 ڏينهن کان پوءِ پرڪشش سيلري اڪائونٽ ۾ شفٽ ٿيڻ کانپوءِ جڏهن ڪيش ٿي هٿن ۾ اچي گهر وارن تائين پهچي ٿي تہ ان وقت دنيا ئي بدلجي وڃي ٿي. پوءِ اهو مهربان سهارو بہ ڏاڍو عزت پريو ۽ وڻندڙ لڳي ٿو. هاڻي اهو مهربان آهي تہ اهو عزت جي انا ۾ مري ٿو يا خفت جي تسڪين جو ٿورو ڪرڻ ڪي ترجيح ڏئي ’روٽين ورڪ‘ ۾ لڳو رهي ٿو.“

”يعني اٽس روٽين ورڪ؟“

”ها راحت، ائبسوليؤٽلي، روٽين ورڪ. جيڪڏهن روٽين ورڪ ترڪ ڪري Report submit note فائيل ڪندين تہ آءِ ايم ايف سربراهہ جهڙو حشر ٿيڻ يقيني آهي.“

”اٽس ويري ڊيفيڪلٽ نصير.“

”اهو تہ اوهان تي ڊپينڊ ٿو ڪري، پر جڏهن نہ روٽين ورڪ جي پوري ٿيڻ کانپوءِ ٽوئرسيٽ ٿو ڪجي تہ اصل سڀ ٽڪ لهي ٿا پون.“

نصير پراسرار انداز ۾ ڳالهائيندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو،

”راحت، غربت ۽ بيروزگاري جي خاتمي کانپوءِ نہ اندر ۾ جيڪي آشائون جنم وٺن ٿيون انهن سان کيڏڻ ۽ انهن جي چيرڦاڙ ڪرڻ ۾ نہ جيڪو لطف رکيل آهي. اهو لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي. بس يار منهنجي تہ دل ان لذتن جي آبشارن جي آبيحات پيئڻ لاءِ هر دم آتي رهي ٿي.“

”...“

”راحت، جيتري غربت، بک، افلاس ۽ بيروزگاري جي شوق هوندي اوترو ئي انجواءِ ڪندين بس نہ ڪا روڪ نہ ڪا ٽوڪ.“ نصير ڳالهائيندي ڳالهائيندي سگريٽ ڪي ايش ٽري ۾ ائين مروڙي ڇڏيو جيئن ڪالهہ رات هن نسيم ڪي پنهنجي جنسي بک جي دهشت ۾ مهٽيو ۽ مروڙيو هو.

”پر ٻڌ نصير، تانيہ تو کان ڪيئن آزاد ٿي؟ نہ صرف آزاد ٿي پر تو کان بہ گوءِ ڪٽي تو ڪي پٺتي ڇڏي وئي؟“ راحت ڪچهريءَ جو رُخ موڙيندي چيو.

”سچ چيئہ راحت، هوءَ ڇوري نہ هئي ڪا بلا هئي. منهنجي بہ استاد نڪتي. دير ئي نہ ڪيائين وڃي ’ايرڪ‘ سان واسطا وڌائين. ۽ هو نارويجين خبر نہ آهي الائي ڇڪي ڇريو ٿيو الائي زلفن جو اسير بڻجي ويو. جهٽ پٽ ۾ ڪٽي ’آڪسفيم‘ ۾ گهرائي ورتائين. هاڻي تہ سائين ڪنٽري پراجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. اسان ڪي بہ پراجيڪٽ وٺڻ لاءِ ايلاز ڪرڻا پون ٿا.“

# ڍ...



حيسب ڪانهيو

”آئي امان، ڳالھ ٻُڌي اٿئي ڪا؟“ مائي دادل ڪٽ تي ويهندي چيو.

”ڪهڙي ڳالھ چاچي؟“ جنان ڪُني جو ولوڙو روڪي پڇيو.

”آئي امان تون تہ صفا ڪا ابوجھ آهين ٻيو!“ مائي دادل هٿ جي اشارن سان منهن چٻو ڪندي چيو.

”چاچي منهنجو سڄو ڏينهن هتي ئي ٻارن ۾ ۽ مال متاع جي هڻ وٺ ۾ گذريو وڃي باقي...“ جنان وراڻيو، ”گهر ڪان ٻاهر نڪران، ڪنهن وٽ اچان وڃان تہ ڪا خبر چار بہ پوي تہ ڇا پيو وهي واپري؟“ چاچي دادل ڪان لسي جو لوٽو وٺندي جنان پڇيس، ”آئي چاچي، تون ئي ڪٿي ٻُڌاءِ ڀلا تہ ڇا ٿيو آهي؟ خير تہ آهي نہ!“

”امان قيامت ٿي وئي آهي قيامت.“

”چاچي ٻُڌاءِ، اهڙو وري ڇا ٿي ويو؟“ جنان جي اُٽڪڻ ويتر وڌي وئي.

”آئي امان هُوءَ ناهي رانجهوءَ واري رن سُڪان؟“

”ها ها چاچي.“ جنان وراڻيو، ”ڇا ٿيو آهي سُڪان کي؟“

”امان رن جو اچي اچي مٿي ۾ اٿو خراب ٿيو آهي.“ مائي دادل چيو.

”چو چو، ڇا ڪيو اٿس چاچي؟“

”امان رن شوق ٿي ڪري ٻيو.“

”هان هان چاچي، اهو وري ڇا پئي چئين؟“

”ها ٻيو وري ڇا،“ مائي دادل وراڻيو، ”ٻاهر سڄي ڳوٺ ۾ هُل لڳو پيو آهي، ننڍي وڏي جي وات تي اها ئي ڳالھ لڳي پئي آهي. ۽ تو کي تہ ڪا خبر ئي ڪانهي ڪا؟“

”آئي مٺي هِن نور جو قسم.“ جنان پنهنجي اکين تي هٿ رکندي چيو، ”مون کي تہ ڪا بہ سُڌ ئي ڪانهي ڪا.“

”بس ڙي امان، قيامت جون نشانيون آهن. ٻيو وري ڇا؟“ مائي دادل چيو.

”ها پر ڳالھ پيرائتي ڪري ٻُڌاءِ تہ ڪا خبر تہ پوي سولي؟.“

”امان الائجي مون کي تہ ڪا خبر ناهي بس مون بہ ماڻهن واتان اهو ٻُڌو آهي تہ اهو ڪونهي ڳوٺ وارو مُلان قمرالدين.“

”ها ها، اهو جيڪو مسيت ۾ ڳوٺ جا ٻار ٿو پڙهائي؟“

”آئي ها ها اهو ئي.“ چاچي دادل چيو، ”انهي تي اچي نيت بد ٿي آ رن جي.“

”آئي چاچي، اهو وري ڇا ٿي چوين؟“ جنان کي اصل ڳالھ مجڻ ۾ ئي نہ پئي اچي. هن چيو، ”آئي چاچي، اهو تہ نيڪ نمازي آهي. ڳوٺ سڄي جي ٻارن کي نماز ۽ قرآن ٿو پڙهائي.“

”آئي امان تون بہ صفا ڪا درويش آهين.“ چاچي دادل وراڻيو، ”آئي ماڻهو ڪريي جي بہ مُند ٿيندي آ ڇا؟“

”ها اهو تہ برابر آهي پر... “ جنان ڪجھ چوندي چوندي سوچ ۾ پئجي ماٺ ٿي ويئي.

”آئي رانجهو هو مُڙس ماڻهو پر مرڻ پُڄاڻان پُنيان مائي سندس پت نہ رکي ادي.“ چاچي جنان افسوس منجهان وراڻيو.

”الائي جي ڇا آهي چاچي، مون کي تہ ڪجھ مڃڻ ۾ ئي نٿي اچي ڳالھ.“ جنان اُٽڪڻ وچان چيو.

”آئي امان، توکي اها تہ خبر آهي تہ مُلان جي ماني تہ سُڪان ئي اُماڻيندي آهي نہ؟“ چاچي دادل چيو.

”اي چاچي، اهو تہ هُو رانجهو جي حياتي بہ اُماڻيندي رهندي هئي، رانجهو پاڻ ئي تہ ڏئي ايندو هو مُلان کي ماني.“ جنان چيو.

”ها پر امان، ان پُڄاڻان تہ رن جو ڏاڪو ئي لهي ويو ٻيو؟“ چاچي دادل چيس، ”الائي تہ ڇا موٽائيندو هئس ٿانون ۾ مُلان، جو بس اکيون ئي انڌيون ٿي پيون زال جون.“

جنان ڪجھ چوڻ چاهيو پر ڪجھ بہ چئي نہ سگهي. هُوءَ ماٺ رهي.

چاچي دادل لسي جو لوٽو ڪڇ ۾ ڪري جنان جي گهران ٻاهر نڪري وئي.

جنان لسي جو ولوڙو ڪري، مکڻ جو چاٽو چونري ۾ وجهي جائتو ڪري اچي چلھ تي ماني پچائڻ جي لاءِ ويٺي. هُوءَ دل ئي دل ۾ سُڪان جي باري ۾ سوچي سوچي حيران پريشان ٿي رهي هئي.

جنان اڃان پهرين ماني تئي تي مس رکي تہ سندس مُڙس مولابخش مُڇون وٺيندو پهتو، ”ڏينهن جا ٻارنهن اچي ٿيا آهن. ۽ تو اڃا ماني بہ ناهي پچائي؟“

”ماني تيار آهي، تون هٿ منهن تہ ڌوئي اچ.“ جنان چيس.

مولابخش مُڇون وٺيندو گهر جي پُنيان نلڪي تي ويو ۽ مُنهن کي بہ چندبا پاڻي جا هڻي اچي جنان جي پوتي جي پلاند سان پنهنجو مُنهن اگهيائين.

”جلدي ماني ڏي. مون کي تڪڙ آهي.“ مولابخش ڇڳل ڪٽ تي ويهندي چيو.

”توکي تہ سدائين تڪڙ هوندي آهي؟“ جنان چيس، ”پر اڄ وري اهڙي ڪهڙي تڪڙ اٿئي جو ٻاهريان ئي تتو آيو آهين؟“

”اي اڄ رئيس جي بنگلي تي فيصلو آهي.“ مولو ٻُڌايس، ”مون کي اتي وڃڻو آهي، سڄو راڄ اتي گڏ ٿي ويو هوندو.“

”خير تہ آهي مولو؟“ جنان جي دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو.

مولابخش هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٻارن جي نہ هجڻ جي پڪ ڪئي ۽ پوءِ جوڻس کي ٻُڌايائين، ”مُلان قمرالدين ۽ رانجهو واري رن جي اڄ هڪ هڪاٽي پئي ٿئي.“

”آئي، سچي هينئر هينئر چاچي دادل بہ اها ئي ڳالھ ڪري وئي آهي!“ جنان چيو، ”ٻُڌاءِ مولو، اهو سڀ سچ آهي ڇا؟“

”تون ماٺ ڪري ماني پچاءِ ۽ ويهي پنهنجو گهر سنڀال سمجهيئي.“ مولو مڇرجندي ڪڙڪو ڪيس، ”سچ ۽ ڪوڙ جو فيصلو رئيس وٽ ٿيندو!“

جنان ماني ڏنس. مولو تڙ تڪڙ ۾ مکڻ سان ماني جا بہ چار گرهہ هنيا. ۽ لسي جو وٽو پي ٽُوال ڇنڊي ڪهاڙي ڪلهي تي ڪري ٻاهر هليو ويو.

سُڪان پنهنجي گهر جي اندر قيد ٿي پئي هئي. هن جو سڄو جسم ٿڙڪي رهيو هو. هُوءَ سُڏڪي رهي هئي، ڦٿڪي رهي هئي. سُڪان جي گهر کي رئيس جا حلالي ڪُتا گهيرو ڪيو بيٺا هئا ۽ رئيس جي اوطاق تي سڄو راڄ سچ ۽ ڪوڙ جي سُڌ وٺڻ لاءِ ڳاهٽ ٿيو پيو هو. رئيس جي اچڻ جو انتظار ٿي رهيو هو. هر ڪنهن جي وات تي اها ئي وائي هئي. اوطاق ۾ جيترا هئا وات، اوتريون هيون ڳالهيون.

”ادا توبہ جي جاءِ آهي بس.“ ڪنهن پوڙهي پيرسن پنهنجو نڪ مهٽيندي چيو.

”چوندا ڪونہ آهن تہ گهوڙو ۽ چورو، رن ۽ تلوار، ڪنهنجا بہ ڪونہ ٿين.“ ڪنهن چيو، ”اهي تہ بس جنهن جي هٿ ۾ تنهن جي وس ۾.“

”رن جا لڇڻ تہ ڏسو. پُٽ جيڏي سان ٿي پيچ پائي!!“ ڪنهن ٻيءَ جيڏي ڳالهايو.

”ادا انڌ جي بہ ڪا عمر ٿيندي آهي؟“ڪنهن ٻئي پٽڪي جو پلاند سنواريندي چيو، ”هي تہ نسورو نياڳ آهي.“

”اها ڳالھ راڄ جي ننڍي وڏيءَ جي ڪن تي پئي هوندي تہ هنن ڇا سوچيو هوندو؟“ ڪنهن جي ڳالھ ڪٽيندي ڪنهن چيو، ”وري ٻي ڪا بہ ٻڌندي سندرو!“

ڪنهن ٻئي چيو، ”رن کي اهڙي تہ سيڪت ڏجي جو راڄ ۾ ٻي ڪا وري اهڙو ڪارو منهن ڪرڻ جو سوچي ئي نہ.“

”رن تہ رن پر ادا مُلان جا بہ تہ پرڪار ڏسو؟“ ڪنهن ٻئي مُڙسن جو ڌيان، مُلان ڏانهن ڇڪائيندي چيو.

”مار سڄو ڏينهن ڪن الله رسول جون ڳالهيون ۽ ڪم تہ ڏسو مُلن جا!!“ هڪ ٻئي چيو،

”اسلام کي انهن مُلن ئي تہ بدنام ڪيو آهي.“ ڪنهن چيو، ”منهن ۾ موسيٰ اندر ۾ ابليس!!“

”ادا، مُلان تہ حق تي پٽائي سڳوري جا پٽيل آهن ٻيو؟“ ڪنهن پٽائي جي مُريد وراڻيو.

”مون کي تہ اڄ پڪ ٿي وئي تہ مُلان تہ هوندا ئي لعنتي آهن.“ ڪنهن وراڻيو، ”مُلن ڪان مولا شل پناھ ڏئي.“

”ڳالهائڻ جو تہ گهٽو ئي ڀلو هو، اخلاق بہ ڏاڍو نيڪ هئس. راڄ ڀاڳ جون نياڻيون بہ وٽس پڙهنديون هيون. پر مار ڪا پويس پڇاڙي چڱي نہ ڪيائين.“ ڪنهن شخص چيو.

”ادا، هاڻي ڪير پنهنجا ٻار ڇڏيندو مُلان وٽ؟“

”هاڻي مُلان هوندو تہ ٻار بہ ڪير ڇڏيندو نہ سانوڻ.“ سانوڻ نالي شخص کي ڪنهن ورندي ڏني.

”ها ادا.“ سانوڻ وراڻيو، ”انصاف جي تہ ڳالھ ئي اها آهي تہ هِن رن توڙي مُلان کي اصل گوليون ئي سڌيون هڻجن تہ خبر پوين.“

”بس بس صبر ڪريو رئيس وڏو حق ئي ڪندو! ائين ئي ٿيندو انهن ٻُڇڙن سان.“ اهو وات، جنهن مان اها وراڻي نڪتي، سو رئيس جو ڪمدار ٿي لڳو.

رئيس آيو تہ سڄي اوطاق اٿي بيٺي. رئيس ويٺو تہ سيئي ويهي رهيا. رئيس آيلن سان حالي احوالي ٿي بس

ئي ٿيو تہ ڪي بہ همراھ، نوجوان ڳيرو مُلان، قمرالدين ڪي ڳنڊ منجهان جهلي گهلي سندس سامهون وٺي آيا.

”اڙي مُلان، توکي شرم نٿو اچي جو اسان توکي پنهنجو ٻچو سمجهي نندي هوندي کان ئي پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ اچي ويهاريو ۽ توکي پنهنجي ٻچن وانگي ئي سمجهيوسين. تو تي اعتبار ڪيوسين. نينگر تہ ٺهيو پر اسان تو وٽ پنهنجيون نياڻيون بہ قرآن شريف پڙهڻ جي لاءِ ڇڏيون.“ رئيس جو پيڪدار آواز گونجيو، ”اڙي نيمڪ حرامي توکي نيمڪ جي بہ مار نہ پئي جو تو هُن پوڙهي رن سان مُنهن ڪارو ڪيو.“

رئيس جڻ تہ اوطاق تي ويٺل سيني ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪئي. سيئي اهو ٻُڌي مُلان تي ڦند ڪرڻ لڳا.

”سائين وڏا،“ مُلان ڏڪندي ڪنبندي پنهنجا هٿ ٻڌا ۽ چوڻ لڳو، ”مون ڪجھ بہ ناهي ڪيو.“

”تو اسان جي ڳوٺ تي دانگي ڦيري ڇڏي آهي ۽ چوين ٿو تہ تو اڃا ڪجھ بہ ناهي ڪيو؟“

”نہ سائين نہ، مون اهڙو ڪجھ بہ ناهي ڪيو.“ مُلان ٿڙڪندي وراڻيو.

”تہ پوءِ ڇا اسان سيني ڪوڙ ٻُڌو آهي؟“ رئيس وڄ وانگر ڪڙڪي رهيو هو.

”سائين هُن مائي رڳو مون کي شادي جو پيغام موڪليو ۽ مون موٽ ۾ ’ها‘ ڪئي. بس اهو ئي ٿيو آهي، ٻيو ڪجھ بہ ناهي ٿيو سائين.“

”ڏوڙ آهي تنهنجي منهن ۾ جو ماءُ جيڏي سان شادي ٿو ڪرين. ۽ ڇائي آهي رن جي ٻوٿ ۾، جو پُٽ جيڏي سان ٿي لائون لهي. هُون!!“ رئيس سڙي ٻري ويو. ۽ سخت ڪاوڙ ڪندي ڪمدار کي حڪم ڏنائين، ”هِنن ٻنهي جا ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڪتن ٻلن جي حوالي ڪري ڇڏيو“

اهو حڪم ڏئي رئيس ڪرسي تان اٿيو. ۽ تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪرڻ لڳو. رئيس جي اٿڻ تي سيئي ڳوٺ وارا اٿي بيٺا. رئيس جڏهن پٽ تي پيل مُلان قمرالدين جي پر منجهان گذريو تہ مُلان قمرالدين رئيس جي شلوار جي پائنچي مان پڪڙي ڪيس ايلاز ڪرڻ لڳو، ”سائين وڏا، مون تي رحم ڪريو. مون کي معاف ڪريو. يقين ڪريو تہ اهڙي ڪا بہ ڳالھ ناهي.“ پر رئيس تي مُلان جي آزي نيزاري جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو. ۽ هُو نفرت ۽ ڪروڌ منجهان مُلان قمرالدين کي ليلائيندي ڏسڻ لڳو.

ڪافي ليلائڻ جي باوجود بہ جڏهن رئيس تي مُلان جي منٿ ميڙ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو تہ مُلان روئيندي ٽڙپندي لُڇندي ڦٿڪندي رئيس کي چيو، ”سائين، آئون اوهان کي ٻُڌايان تہ شادي جي وقت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي ڄمار بہ پنجويھ سال هئي ۽ بيبي سڳوري جي عمر بہ ان کان گهڻي وڏي يعني چاليھ سال هئي. ۽ بيبي سڳوري بہ بيوھ هئي. ۽ بيبي سڳوري بہ خود پاڻ سڳورن ڏي شادي جو پيغام موڪليو هو، سائين.“

مُلان ائين ٿي سمجهيو تہ شايد اها ڳالھ ٻُڌي رئيس ڪيس ڇڏي ڏيندو. پر ائين نہ ٿيو. رئيس جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اڃا بہ وڌي ويو. ۽ هُو پهرين کان بہ وڌيڪ تلخ لهجي ۾ وراڻيو، ”تون وري پاڻ کي رسول جهڙو ٿو سمجهين. ۽ هُن رن کي بيبي سان ٿو ڀيٽين ٻُڇڙا ڪنهن جاءِ جا!!“ رئيس سٽ ڏئي پنهنجي شلوار جو پائنچو مُلان قمرالدين جي هٿن مان ڇڏايو ۽ تڪڙو تڪڙو اوطاق مان ٻاهر نڪري هليو ويو. ■

## ساٿي محبوب جون وايون



ڪنيي جهڙي رات
مان چاهيان تو آءُ
تنهنجا رستا ٿي ڏسي
منهنجي ذات
مان چاهيان تو آءُ
ويئي سرنهن ڦلارجي
ڀاڪر ۾ پرڀات
مان چاهيان تو آءُ
ڏيئا ڏيئا ڏيھ ۾
آيو جڻ سقراط
مان چاهيان تو آءُ

ڪوني تان ڪٻري
ڀڙڪو ڏيئي اڏري
منهنجي سيني جي اندر
سڪ ٻٽي سَٻري
تنهنجي ياد رهي شاداب
ٽانيڪي ٽنيري
ويراني دل جي مٿان
ڏائڻ ٿي ڏمري
ڪوني تان ڪٻري
ڀڙڪو ڏيئي اڏري

سوَر جو نيرو جلوو
آءُ سُتل ڪٽ تي
ڀاڳل ڀرت ڀري
سارا منظر ٿا لهن
نيٽن جي پٽ تي
ڀاڳل ڀرت ڀري
هن جي ڇاتي جڻ ڪي
دلا پنگهٽ تي
ڀاڳل ڀرت ڀري
ساٿي پاتا جي ليئا
ليئن جي گهٽ تي
ڀاڳل ڀرت ڀري

ماڪ ڀنيءَ چوندن
ڦلواڙي ۾ گُل
ٽٻڪا ٽٻڪا چوڪريون
ڳاڙها ڳاڙها ڳل پسي
ڳيروءَ ڳيروءَ هُل
ٽٻڪا ٽٻڪا چوڪريون
چوٽا سندن چيلھ تي
نانگن وارا ٻُل
ٽٻڪا ٽٻڪا چوڪريون
ڪويل جي آلاپ ۾
منهنجا گيت اَمُل
ٽٻڪا ٽٻڪا چوڪريون.

## اداسي جڪراٽي

واءُ جي جهونڪي جيان گذري وئين اڌ چري، ڪيڏو پري نڪري وئين ننڊ تي ٿا روز راتاها لڳن ڪير چئي ٿو تون مٺي، وسري وئين بي ڪسيءَ جي رات جيون ۾ هئي آٿتن جي ٻاڪ تي اُڀري وئين تون تہ رابيلي گُلن جي مهڪ جيئن رُت بسنتيءَ ۾ مگر وِڪري وئين جهول ۾ ويساھ گهاتيونَ کي وجهي امن جي پنڇي جيان اڏري وئين هاڻ خوابن ۾ بہ گهٽ، گهٽ ٿي اچين بيرخيءَ جون سرحدون اُڪري وئين ڀاڳ وڪريل ۽ ’اداسي‘ دربدر تون تہ پنهنجي سينڌ جان سنوري وئين. ■

## مصطفيٰ انڙ

ڪنهن ڪنهن مهل اڪين جي آڏو سوئي جلوو آيو جنهن جلوي ۾ جلوا ڪيئي، جلون پئي ڳالهايو چٽنگ چپن ۾، هيل ٻُتن ۾ باھ لڳائي ويندي ڪنهن بہ نہ ڄاتو، ڪين سڃاتو، تو جو تاءُ لڳايو مُنهنجي مَن جي مڪڙي مڪڙي، خوب ڪڙي پئي آھ ڪنهن تہ رڳن ۾ راڳ ڀريو آ، ڪنهن تہ اچي جُهومايو اوجاڳن جي هيم ڏئي وئين، ڪاري ڇڳ اٽڪائي درد سهڻ جي ڳنڍ ڪلي وئي، رات وري تڙپايو مون تہ پتنگن کان بہ پُڇيو هو، پر ڪوهڻ جو درد پير نٿا چو رڪجن منهنجا، کهڙيءَ اُڄ ڊُڪايو انگ انگ ۾ انگور ڦٽن ٿا، ساڳيو من ترسي ٿو پياسو پياسو مئخاني ڏي، رات وري ڪو آيو. ■

# دوها



سعيد ميمڻ

رؤ نَہ مهاڻا ٻالڪ، ايڏو پيءُ لئہ، سياڻو ٿيءُ
ڇولي ڇولي پيڻ آ تنهنجي، دريا تنهنجو پيءُ

ڪاري پاڻيءَ منجھ ڪنول ۽ پر ۾ لُڏَندڙُ چنڊ
ننڊ ۾ آهي سڀ نظارا، جاڳي ٿو هي منڊ

هر منظر معنيٰ پريو، جڳ ۾ پاتو ديد
ڪارا لفظ ڪتاب جا سڀ ڪجھ ناهي سعيد

ڇو نہ ڇني ڪا هُن اماڻي، ڇونہ لکيو ڪو خط
ڇا پرديس ۾ وسري وئي ٿس، سنڌي رسم الخط

ياد اچن ٿا نيڻ پرينءَ جا، ڪارا پؤنرا، شام
ڪجلن نيڻن جو اُڄ تائين من ۾ آهہ قيام

ياد اچن ٿا جڳ مڳ جھُڳٽا، پورنماسي رات
ٻهراڙي جي خاموشيءَ ۾، سُڙٻاٽن ۾ بات

ياد اچن ٿا اُرڏا جذبا مقصد عزم اڏول
ناڪاميءَ ڪان پوءِ ڪري ٿو پنهنجو جيءُ ٽٽول

ياد اچن ٿا گھنڊڙي گھنڊڙي، ڪنهن جا ڪارا وار
سانوڻ جي برسات، گھٽائون ڪارا ڪارونڀار

ياد اچن ٿا جوين ڏينهڙا، جيڏا ۽ جهمپير
اڄ ڪو ڪاٽي آ ڪو ڪاٽي، مجبوريون زنجير

نيڻ ڪڪوريل، هالا جو گَجُ، پورا ناسي وار
سعيد اڇي ٿي حور انهيءَ مان، جنت جي مهڪار

هڪ دفعو جي ڪيس ڏسين تون اکيون ڇنڀنديئءَ ڪين
سچ پچ منهنجو ساجن سرتي اهڙو آهہ حسين

يا تہ هليو وڃ لاڙ ڏي، يا گھر ساجن سار
گھٽيءَ گھٽيءَ ۾ هينئڙا، مون کي ڪين روئار

اڄ تئين آسار ۾، فورٽ وارو واهہ
انبن جي خوشبوءِ ۾ واسيل سنتر گاهہ

اڄ تائين آ سار ۾، ٻهراڙيءَ جي شام
ڳاڙهو سج ٻڏو پئي، وڻ وڻ پکي هشام

جيڪو تون ماڻي سگھين، سوئي اي دل چاهہ
ٻن ٻانهن ۾ جڳ سڄو، ڪنهن نہ سنڀاليو آهہ

هوريان هوريان رات جو، هل ساجن ڏي نار
ڇوري، ڪوئي ٻڌءِ متان پايل جي جهنڪار

پپل هيٺان پينگھہ تي، لوڏ تہ آنءُ لڏان
لوڏي سان ڏرتيءَ تان، امبر ڏانهن اُڏان

شهر خموشان ۾ هُئو، اگر بَتين جو واس
وڃ مان سعيد ويو پئي، ڪنهن لئہ هو اُداس

ڪولي دريون حال جون، ڪيسين ڏسان آنءَ
آئيندي جا اولڙا ۽ ماضيءَ جي ڇانءَ

هينئڙو ڇڻ تہ حڪيم آ، ڦڪين وانگر فن
زخم ڇُٽايون ٿا پيا، مان ۽ منهنجو من

بيهي بند متان ڏس جلوو، گھر ۾ رلهي نہ تاڻ
سعيد اُفق جي اُترين ڪنڊ مان نڪري ٿي لالاڻ

باقي چار ڏهاڙا جيون، هر پل مرڪي ماڻ
ڪنهن سان ڪهڙا جهيڙا جيئڙا ڇڏ تون هر ڇڪتاڻ

سمنڊ ڪناري سُمهي پوان مان، تاريان انگڙا هاڻءُ
سپني جي حسناڪ فضا ۾ تو سان گڏ جان آنءُ

جر ڦوٽي جان ڪي پل آهي سعيد، اسان جو ساهہ
دائم وهندو رهندو موجن ساڻ مگر درياهہ

موت، مهاٽي ماريءَ جهڙو، جنهن آ وڇايو ڄار
خلق ڪندين ۾ ڦسائي ٿو، سمنڊ آ، هيءُ سنسار

چار گھڙيون آ جيون گل جو، پوءِ بہ ڏئي سرهاڻ
جا بہ حياتي آهي جيئڙا رهہ تون خوشبوءَ ساڻ

اي دل آنءُ اياڻو اهڙو، سي نہ سُڃاتم نيڻ
جن نيڻن ۾ پياس ازل جي، ڏور رهڻ جا ويڻ

اي دل آنءُ اباڻو اهڙو، من ۾ سانڍيو جن
تن سان جهيڙا جيءُ ڪيا ۽ صبر ڪيو پئي تن

اي دل! آنءُ اياڻو اهڙو، مرڻو ئي هيس نيٺ
جنهن وڻ ۾ ها نانگ وڪوڙيل وينس اُن جي هيٺ.

اي دل آنءُ اياڻو اهڙو، مون کي سڌ ئي ناهہ
حد ۽ لا محدود جي وچ ۾ هڪڙو پردو آهہ

اي دل آنءُ اياڻو اهڙو، سپني سان آ چاهہُ
جنهن جي آ تعبير جُدائي، موهہ ۾ تہ بہ ويساهہ

اي دل آنءُ اياڻو اهڙو، دشمن ڄاتو دوس (دوست)
نيٺ هٽي ويو ڪاٽي ڪک ۾، پوءِ ڪيم افسوس

اي دل آنءُ اياڻو اهڙو موت ڏني فڪرات
فنا تہ صرف انا جي لئہ هُئي، زندهہ آهي ذات

مون سمجهيو تہ وسي آ ويئي برهہ سندي سا باهہ
سالن ڪان پوءِ جهلڪ ڏسڻ سان، ساڳي ڀڙڪي آهہ

صبر ڪي ڪمزوري ٿو سمجهي، ڪيس وڃي سمجهاءِ
رڳ رڳ ۾ نہ بغاوت ڀڙڪي، ايڏو ڪين ستاءِ

پرهہ هيا گل سڀ ننڊاڪا مالهي ڪين سُڌير
باغ سڄي مان خوشبو ميڙي، ڇورائي وئي هير

سوين محافظ غنده ڪڻ تون پيجاري ۾ ويهہ
تو ڪي دل ۾ جاءِ نہ ڏيندو، هيءُ ڏڪايل ڏيهہ. ■

# محبت ۽ انسانيت جو شاعر



زيد پيرزادو

جيترو ڏُکيو عشق کي سمجهائڻ آهي،اوترو ئي ڏکيو شاعريءَ کي. نہ اڄ تائين عشق جي ڪا قابلِ قبول وصف ملي آهي نہ ئي شاعري مڪمل طور تي سمجهہ ۾ اچي سگهي آهي. فيض احمد فيض چواڻي عشق شاعريءَ جو محبوب ترين موضوع آهي.

شاعري ۾ ماڻهو مختلف شين جا شائق ٿيندا آهن. مان شاعري ۾ هميشہ خيال ۽ فڪر جو عاشق رهيو آهيان. منهنجي نظر ۾ بهترين ۽ اعلي شاعري اُها آهي جنهن جو فڪر مضبوط هُجي. فن ۽ فارم جي بنيادي ضرورتن کان پوءِ شاعري جو معيار ان جي فڪري سگهہ طي ڪندي آهي. ڀٽائي، سچل، بلهي شاهہ ،غالب جي وڏائپ جو اهم سبب انهن جو انتهائي گهرو فلسفو آهي.

جيئن مُئا ئي جياس جي مڙهہ وجي ملير ڏي (ڀٽائي)
هندو مومن ناهيان يار ! جوئي آهيان سو ئي آهيان. (سچل)
علمون بس ڪرين او يار (بلهي شاهہ)
محبت مين نهين هي فرق جيني اور مرني ڪا (غالب)

شايد اهو ئي سبب آهي جو شاعرن کي Messenger يا پيغامبر چيو ويندو آهي. شاعر نون ، اڇوتن، ۽ انوکن خيالن جا تقسيم ڪار ٿين ٿا. اعلي شاعري سوچ جي بيئنل پاڻيءَ کي وهڪرو ڏيندي آهي.سوچ جي سفر جي ساٿي هوندي آهي. شاعري ۾ Creativityسان گڏ Originalityبہ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. شاعري پاڻ سان مڪالمو آهي. امر جي لفظن ۾ پنهنجي اندر جهاتي پائڻ آهي. جا ڳالهہ دل مان نڪري ٿي، دل تائين ضرور رسي ٿي. جيڪو اوهان تي گزريو ناهي ان جو لکڻ بي اثر ئي رهندو. اڄ جي شاعريءَ جو خاص الميو ان originalityجي کوٽ آهي. ڪيتري ئي شاعري جيڪا رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ عام رواجي طور تي پڙهجي ٿي اها لڳي ٿو ڄڻ فقط قافين رديفن جي پورائي يا وري رُڳو شاعري جو انگ وڌائڻ لاءِ ڪيل آهي. نتيجي ۾ شاعري ۾ بي جا ورجاءُ ۽ هڪ عجيب قسم جي بي مقصديت ملي ٿي.

محنت جهڙو وسيع موضوع بہ اسان وٽ محدوديت جو شڪار ٿي ويو آهي. ساڳيا ساڳيا گهسيل پٽيل خيال ۽ تشبيهون ! ڪيڏي عجيب ڳالہ آهي جو اڪثر ڪلاسيڪل شاعري نئين نڪور لڳندي آهي ۽ نئين نڪور شاعري صديون پراڻي آهي.

پڙهندڙ کي ذهن ۾ رکي ڪيل شاعري پنهنجو درجو ڪيرائي وجهندي آهي. شاعري کي بي خوف ۽ بهادر هُجڻ گهرجي. School of thoughtجي شاعري ۾ خاص اهميت آهي. توهان جي فڪر جو قبلو توهان جو طرف طي ڪندو آهي. توهان جنهن طرح جي شاعري ، ادب ۽ فلسفي جا پيروڪار هوندا. اوهان جي شاعري ازخود ان پنڌ،جي مسافر هوندي. درست قبلو ئي درست سمت طرف سفر ڪرائيندو آهي.

Direction is more important than speed. امر پيرزادي جي معياري ۽ ڀرپور قوت سان ڪيل شاعري جا اهي ئي محرڪ آهن. امر جي شاعري ۾ فڪري نواڻ ملي ٿي. سندس School of thought مضبوط ۽ تخيل صاف محسوس ٿيندو آهي.

ڇا ديس جي سُکن جو امڪان ڪونہ آ
ان خوف کان وڏو ڪو نقصان ڪونہ آ
آزاد ديس ۾ هن آزاد هٿڪڙيون
سپ قيد ٿا لڳن ۽ زندان ڪونہ آ

امر جي شاعري original شاعري آهي. امداد حسيني چواڻي، ’امر جا رند، پنڌ، پيچرا پنهنجا آهن.‘

ڪري عشق سهڻيون ۽ ميهار ٿي ويا
هزارين زماني کان انڪار ٿي ويا

اهوئي سبب آهي جو امر جي اها شاعري جيڪا هن پنهنجي وڏي ياءَ ۽ پيءُ تي لکي آهي سيسراٽيون ڪڍي ڇڏيندڙ آهي.

مان تہ توسان مري چُڪو آهيان
ساهُ هي ڪير ٿو ڪٽي هاڻي
درد مان چو نہ ڏرتي ٿي ڦاٽي پوي
ٿو جڏهن ڪو پرين جي ڪٽي ڪٽ ڪي

يا وري ڏاڏي ۽ پوٽي جي جوڙي وارو سندس انتهائي نجي پر شاهڪار نثري نظم جنهن کي پڙهڻ کان پو لڙڪ سنڀالڻ واري جستجو ناڪام ٿي ٿي پوي.

شيخ اياز چيو هر شاعر انقلاب شاعر محبت نہ هوندو آهي پر هر شاعر محبت شاعر انقلاب ٿيندو آهي. سو امر بہ هڪ اهڙو ئي شاعر محبت آهي، شاعر انسانيت آهي. امر جي شاعري ۾ عشق جو مزاج بہ ڏاڍو Matureءِ Soberآهي، چسو بلڪل بہ ناهي.

نہ ساٿ جون ڪي حسرتون نہ منزلن جون خوهشون
اسان تہ بس گهريون هيون اوهان جون مسڪراهٽون
دعائون تہ ڏاڍيون امر ڀي گهريون
مگر ٻي اڱڻ تي لٿي چاندني

امر جا شاعري ۾ موجود مزاحمتي عنصر ، انور پيرزادي جي شاعراڻي وراثت جي جهلڪ آهي. جيئن انورپيرزادي جي شاعري ان دور جي Trend setter هُئي ايئن امر جي مزاحمتي شاعري هن دور جي وارتا جي سچي پچي تصوير آهي. سندس نظم اُهي جي بنا ڏوهہ ماريا ويا، ڪراچي، جتي خوشخبرين جي موسم نہ اچي وقت جي عدالت ۾ هن دور جي شاعراڻي فرياد آهن.

ڪجهہ ساهن جي مهلت آهي
ٻم اسان تي ڪرندو هوندو

امر شاعري ۾ هڪ معيار جو قائل آهي، جيڪو هڪ شاعر جي اندر ۾ خودساختہ طي ٿيل هوندو آهي، هن پنهنجي گهڻي شاعري رد ڪئي آهي جيڪا ڪيس پنهنجي معيار تي پوري محسوس نہ ٿي. امر جي شعري مجموعي، ’عشق‘ پڙهڻ کان پوءِ ڪيترائي شعر ۽ سٽون جهجهي تعداد ۾ پڙهندڙن جي ذهن ۾ Register ٿي وڃن ٿا. ڪنهن شاعري جي ڪتاب جي اصل حاصلات اهائي هُجي ٿي تہ ان جي پڙهڻ کان پوءِ ڪيترا شعر آهن جيڪي دل جي ڦرهي تي نقش ٿي وڃن ٿا.

وقت اڳتي سوچ پٺتي ٿي وڃي
ڪيئن گزري هاءِ اهڙي دور سان
ها تون روايتن سان ناتو نہ ٽوڙجان پر
ڪي معجزن کان اڳتي جون ڳالهڙيون بہ ڇئجان
وقت ايندو قافلا ڏسندين اُتي
مان اڪيلو ٿو وڃان جنهن راهہَ سان



نوٽ ؛17 مارچ تي انور پيرزادو اڪيڊمي ۽ آرٽسن ڪائونسل ڪراچي پاران ڪرايل امر پيرزادي جي ڪتاب عشق جي مهورتي تقريب ۾ پڙهيل.




## رضا لانگاهه، مورو.

پنهنجي سوچ ۾ هر عقلمند، ڏاهو، سياڻو، دانشور، مفڪر پاڻ کي ئي عقل ڪُل سمجهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ نصير مرزا جو پنهنجو پاڻ تي لکيل سيلف پورٽريٽ ۾ جيڪا نهٺائي يا نماڻائي پيش ڪئي آهي اها ساراهڻ جوڳي آهي.

جڻ ته پاڻ سيني جو ياءُ دوست يا گهر ڀاتي هجي. اهڙي قسم جو اشارو (ٽچ مي پليز) ۾ ڀيڻ ج. ع منگهاڻي صاحب پڻ ڏنو آهي. نصير مرزا سنڌي ادب جو اهو سگهارو ليکڪ آهي. جنهنجي لکڻين ۾ سدائين سرنهن جي ڦولار جهڙو هڳاءُ محسوس ٿيندو آهي. سندس لکڻين ۾ جيڪو پازيٽيو ڪردار سمايل آهي يا سماج لاءِ جيڪو اُتساهه ملي ٿو. اهو يقينن وڏي اهميت رکي ٿو. پاڻ پاسائتي شخصيت هوندي به خود کي ڪجهه به سمجهڻ واري عمل کي ساراهڻو پوندو.

’چوٽاٽيل چنبيليا‘ جي عنوان سان تنقيدي تجزيي ۾ نئين ٿهيءَ جي شاعرن جي شاعريءَ جو تنقيدي تجزئي ڪافي متاثر ڪيو. پر مارو جماليءَ جي سرائڪي واين کي حمل فقير جو ترنم ۽ نئون ساهس سڏيندي اوهان جيڪي ساراهه جا ڏُڪ ڀريا آهن. سي اوهان جهڙن سينئر شاعرن کي سونهن ڪو نه ٿا. سنڌ جي اندر اهڙي قسم جي خيالن کي حمل فقير ساڻ گڏ طالب لغاري، احمد خان مدهوش، ميهر فقير لُنڊ ۽ انور قمبراڻي کان علاوه الائي ڪيترن شاعر لکيو آهي. فرق صرف اهو آهي ته انهن شاعرن انهيءَ کي ڪافين، ڪلامن ۽ بيتن ۾ سمايو آهي. پر ماروءَ انهيءَ کي واين جي گهاڙيٽي ۾ لکيو آهي. حمل کان سواءِ باقي مٿي ڄاڻايل شاعرن کي توهان جهڙن ترقي پسند ۽ روشن خيال شاعرن روايتي وائڙپ ۽ روايتي سوچ ۽ ورجاءُ جهڙا لفظ ڪتب آڻي هميشه رد پئي ڪيو آهي. انهيءَ روايتي ۽ ورجاءَ واري شاعريءَ کي توهان اجايا دليل ڏئي، هڪڙي راهه هموار ڪئي آهي ته اهڙي قسم جي شاعري ڪرڻ ڪو عيب ڪونهي.

اوهان سينئر شاعر ۽ اديب هن ملڪ جي سياستدانن وانگر قانون ٺاهيو به پاڻ ٿا ته ڊاهيو به پاڻ ٿا. جيڪو ڪنهن به طرح درست ناهي.

سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ جڏهن ڪو دوست شاعر اهڙي قسم جي شاعري ڪٿي ايندو هو ته ان تي چٽي تنقيد ڪئي ويندي هئي. ۽ سينئر شاعر طرفان انهيءَ شاعريءَ کي روايتي ۽ ورجاءَ جهڙا لفظ استعمال ڪري اهڙي قسم جي شاعري ڪرڻ ۽ آڻڻ کان روڪيندا هئا. ۽ جديد شاعري پڙهڻ ۽ ڪرڻ جو ڏس ڏيندا هئا. اهو ڏس هن وقت چوري ٻار وانگي چو روئي رڙي رهيو آهي؟ ان کان علاوه سنگت جي گڏجاڻين ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويندو هو ته اصل اهميت خيال کي آهي نڪي فعولن يا فعولن جي فعلن فعلن کي. توهان شاعريءَ جي ڪتابن کي ايترو پڙهيو يا ايترو مطالعو ڪيو جو ردم اوهان جي رڳ رڳ ۾ سمائجي وڃي. باقي فاعلاتن مفاعيلاتن جي چڪر ۾ ڦاسڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. اهڙي قسم جا ليڪچر پڻ اوهان جهڙن سينئر شاعرن کان ملندا هئا. پوءِ علي زاهد جي سٽن تي فاعلن، فعلاتن، فعلن يا فاعلاتن، مفاعلن، فعلن جو ڪهڙو مقصد آهي؟ آئون بنيادي طور تي ان ڳالهه جو قائل آهيان ته شاعريءَ ۾ فڪر سان گڏ فن پڻ هئڻ گهرجي. يعني ڪا به صنف جڏهن بحر وزن ۾ پوري هوندي ۽ ان ۾ فڪر سمايل هوندو ته اها شاعري ابديت ماڻي سگهي ٿي. ان کان علاوه توهان ذوالفقار گاڏهيءَ جي غزل جو مطلع ڏنو آهي جيڪو هن طرح آهي.

ڦڳڻ ۾ ڦُولا ڦُلاريا هِن،
سڄڻ اڄ نيڻ اُلاريا هِن.

هنن سٽن ۾ اوهان هن جي رديف کي گونگو لهجو سڏيو آهي ۽ رد پڻ ڪيو آهي جيڪو درست ناهي. ڇو ته جهڙيءَ طرح آفيسن ۾ ڊرافٽنگ جي ٻولي ۽ لهجو پنهنجو هوندو آهي. اهڙي طرح شاعريءَ جي ٻولي ۽ لهجو پڻ پنهنجو هجي ٿو. بحر وزن کي برقرار رکڻ لاءِ اهڙي قسمن جي رديفن کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو. ان کان علاوه توهان ڦولاياريا ۽ اولاريا قافين کي غير فصيح سڏيو آهي جڏهن ته اهي فصاحت جي زمري ۾ اچن ٿا. جيڪڏهن اهي قافيا بقول اوهان جي غير فصيح آهن ته پوءِ پٺاڻيءَ جي هنن قافين کي توهان ڪهڙي زمري ۾ آڻيندا؟

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ هوت،
مَن اندر جي لوچ، ملڻ سان ماني ٿئي.

يا

ٻئي وينا رُونُ، ڏکي زونگر پاڙ ۾،
ڪنهن کي ڪين چون، منجهن جو پريٽڻو

پهرين دوهي ۾ سورٺي ۾ (هوت) سان گڏ (لوچ) قافيو ڪتب آندل آهي اهڙي طرح سورٺي ۾ (رُونُ) ۽ (چُون) قافيو استعمال ڪيو ويو آهي. پٺائي ائين چو ڪيو آهي جو (روئن) کي (رُونُ) ۽ (چُون) کي (چُون) لکيو آهي. انهيءَ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته شاعريءَ جي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جي قافين يا رديفن کي استعمال ۾ آڻي سگهجي ٿو؟

ڪهاڻين ۾ منظور ڪلهوڙي جي ڪهاڻي (ڪاڌڙ) ۽ انور شيخ جي ڪهاڻي (سنڌ ۽ سياست) ۾ جهڙي طرح رئيسن جي گندي سوچ ۽ ڌرتيءَ سان غداريءَ کي اگهاڙو ڪيو ويو آهي ان جي هر باشعور شخص ضرور آجيان ڪندو. شاعري ۾ محترمه ج. ع منگهاڻي صاحبه تمام گهڻو متاثر ڪيو. مضمونن ۾ قربان بگٽي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي تنقيد ۽ ٽچ مي پليز پڻ وڻندڙ لڳي.

*(پيارا ياءُ، تنقيدي تجزيي جي معنيٰ ئي اها آهي ته ڪنهن به تخليق جا هاڪاري ۽ ناڪاري رخ ڏيکاريا وڃن. سوجهرو جولائي 2013 جي صفحي 13 جي ٻئي ڪالم جي آخري ٻن پئرا گرافن ۾ مون جو ڪجهه لکيو آهي، اوهان جو خط ان سان اڻ لاڳاپيل آهي مضمون غور سان پڙهو ها ته ٻاتاڙجي نه وڃو ها. ۽ تضادن جو شڪار پڻ نه ٿيو ها. موزون ۽ قياسي شاعري جو جهان ڌار آهي البته صوتي آهنگ وارا قافيا ٻنهي ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. ڪن رس ڏانهن ڌيان وڏي اهميت رکي ٿو. ترقي پسندي؟ ڪهڙا ترقي پسندي؟ جن قوم کي فريب ڏنو؟ ذاتي فائدا ورتا؟ آمرن کان انعام ۽ اڪرام ورتا؟ ۽ اڄ به ترقي پسنديءَ جي نالي ۾ قومي ادارن تي جونئر جيان چنبڙيا وينا آهن. بي صلاحيت ۽ ذاتي مفاد لاءِ مرندڙ ترقي پسند؟*

*اصلي ترقي پسندن هميشه روايت جي تائيد ڪئي آهي. روايت جو تعلق گهاڙيٽي سميت ٻولي ۽ تخليقي اثاث ۽ ڪلچر سان آهي. مارو جمالي، حمل سائين جي فڪر جي وارثي ڪئي آهي. اتي لطيف بادشاهه ڪٿان آيو؟ اسان کي جمعي فقير ۽ پيران پير ۾ فرق روا رکڻ گهرجي. هر ڳالهه ۾ هر شاعر کي لطيف سرڪار جي حوالي سان تجزيو ڪرڻ گناهه بلڪ جرم سمجهڻ گهرجي. اوهان ٽي ايس ايليٽ جو مضمون، ”ٽريڊيشن اينڊ انڊويڊيوئل ٽئلنٽ“ پڙهو ها ته ائين نه ڳالهايو ها. اهو مضمون هن 1917ع ڌاري لکيو، جيڪو اڄ به ادبيات بابت تنقيد تي نهڪندي نظر اچي ٿو. جذباتيت جيڪا تخليقي ۽ تنقيدي جنون ۽ شعور کي آبياري اها ساراهڻ جوڳي آهي. باقي... اوهان جن شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي اهي منهنجي مضمون جو موضوع ئي نه ها. اوهان پنهنجي اختلاف جو پاڻ جواب ڏنو آهي. اول اڌمو پوءِ اڌمي کي مليل لفظيات ۽ لفظيات کي رسندڙ خيال. ۽ پوءِ خيال کي ڇهندڙ وجدان، جيڪو انهن سمورين ڪيفيتن کي امرتا بخشي ٿو. ”فعول فعلن“ خارجي شيءِ آهي اها متشاعر لاءِ آهي.*

*اوهان جي راءِ گهڙي ڪن لاءِ قبول به ڪيون ته، ڪٿي نه ڪٿي ’نيڻ اولاريا‘ ويندا هجن. پر ميٽافور طور ’لٽ اولاربي‘ آهي، ’هٽ اولاربو‘ آهي. جيڪو وحشت جي زمري ۾ اچيو وڃي. ۽ شاعر، لفظ ’اولار‘ مان ’واءُ‘ حذف ڪيو آهي، جيڪو ’الف‘ ۽ ’لام‘ جي وچ مان حذف نه ٿيندو. ۽ لفظ ’اُلار‘ تي پوندو جيئن گاڏهي صاحب واهپي ۾ آندو آهي، جنهنجو اشتقاق ’اُلر‘ منجهان ئي نڪرندو. ۽ ’اُلر‘ ڪو سهڻو ماڻهو نه، ٻيو ڪو خوفناڪ جانور ڪندو آهي. مثال، ’وارو ڪيو.*



## سالگره مبارڪ

سنڌ جي نوجوان غزل جي اڀرندڙ شاعر امر ساحل کي دل جي گهرائين سان جنم ڏڻ جون واڌايون هجن.

*- ادارو*

*همراه جي مدد ڪيو. ڪٿي الر ڪئي اٿس.' هاڻي ڪيڏانهن ڦڳڻ جي ڦولهار ۽ ڪيڏانهن، 'سڄڻ جي نيڻن جي اُلار؟' موزون ۽ قياسي شاعري جي لفظيات جي ترتيب ۽ اُن کي نفيس انداز ۾ برتڻ لاءِ شائشگي، شستگي ۽ معنويت ڏانهن يا ڪن- رس ڏانهن نهاربو آهي. ڀلا 'آهن' کي 'هن' ڪرڻ گونگو لهجو ئي ته چئبو. مطلع ۾ 'ڦُولار' جو 'واءُ' ۽ 'اوليارا' جو 'واءَ' حذف ڪري رڳو وزن ته بيهاريو ويو آهي. پر 'مطلع' جو فونيٽڪ ردم مجروح ٿي ويو آهي. ٻيو ته لفظ 'اڄ' اضافي آهي، جيڪو محض وزن جي پورائي لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. ڀلا جي اهڙي ڳالهه آهي ته پوءِ شاعري ڇو ڪجي؟ 'ڪوڙا' به 'ڳائي' سگهجن ٿا.*

*ڀلا ڦڳڻ ۾ ئي نيڻ ڇو اولا رجن؟ نيڻن جي 'اولار' جون ٻيون منڊون به ته هونديون. مستي رڳو، ڦڳڻ جي ڪارين راتين ۾ ئي ڇو؟ اهڙي رعايت، سنڌي فوڪلور ۾ 'سگهڙ' کي حاصل آهي، جنهن جا ٻول ۽ دهقاني لفظيات، عام مخلوق جي روايت ۽ عادت ۾ شامل آهن. جڏهن ته شعوري شاعري لاءِ وجداني سطحن تي، نئين عادت پيدا ڪرڻي پوندي. مختصر عرصي جي لاءِ نه پر مستقل ۽ معياري قدرن جي نشاني ۽ مثال بنجڻ لاءِ. جنهن جو مدار گهڻ معنائي تي هوندو، جنهن کي فصيح ۽ بليغ سمجهيو ويندو. ٽي. ايس. ايلٽ جي استاد ۽ وڏي نقاد، ايذرا پائونڊ جو چوڻ آهي، 'تخليق پاڻ سان گهاڙيتو کڻي ايندي آهي، گهاڙيتو، معنيٰ دڪشن، معنويت ۽ ڪن. رسُ ۽ پڙهندڙ لاءِ نئين عادت. ت.ب)*

## عنايت لغاري، ڏڳاڻو بوزدار

"ٽچ مي پليز" پڙهندي، مائيڪل بولٽن جو سريلو گيت Con I touch you ڪنن ۾ ٻرڻ لڳندو آهي. هن ڀيري ج. ع مگهاڻي صاحب جي حاضري وٽندڙ لڳي. ۽ اوهان جي غير موجودگي کُڪي. ڏکين لفظن تي جو هيرايو اٿو. منگهاڻي صاحب، ادبي ڪٽر قبيلي جو تصور شدت سان ياد ڏيکاريو آهي. ساٿ ضروري آهي.

اوهان جي 'چوٿا تيل چنبيليا' تي تنقيدي تجزيي حيرت انگيز سرهائي بخشي. ايڏيون مصروفيتون ۽ ڇمار جو ڪٿ بيٺل سچ! پر نوجوانن کي به مات ڏيو بيٺا آهيو. مضمون غير جانبداري ۽ ڄاڻ جو اهڃاڻ آهي. نصير مرزا کي ياد ڪيو اٿو سٺو پر نصير ان کان وڏيڪ لهڻي. الانا صاحب، اياز جي مسلماني واري مامري بابت، جيڪو اظهار ڪيو آهي، اها ادبي روايت جي نفي آهي.

## سعيد ميمڻ، عاقل

سوجهرو پابنديءَ سان ملندو رهي ٿو. اوهان جون محنتون سدائين ياد رهنديون.

سوجهرو سمورو ته نه پڙهي سگهيو آهيان. شاعر هجڻ ڪري اول ته هر رسالي ۾ موجود شاعري پڙهندو آهيان. لطف اندوز به ٿيندو آهيان ۽ اهو به پتو پوندو آهي ته اسان جي دؤر جا شاعر ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهن؟ شاعرن جو تعداد تمام گهڻو وڌي ويو آهي. پر معياري شيون پڙهڻ لاءِ ڪي چند ئي ملن ٿيون نه ته رڳو لفاظي پئي هلي.

شاعريءَ ۾ مئدمر ج. ع منگهاڻيءَ جا ٽيئي غزل ڏاڍو وڻيا، غزلن ۾ موسقيت ۽ معنيٰ خيزيءَ جو دل کي ڇهندڙ رچاءُ موجود آهي. اديءَ کي جس هجي.

ساڻي محبوب زنگيجو اسان جو سٺو شاعر آهي. هن جي شاعري بهترين هوندي آهي. سوجهري ۾ شامل سندس به وايون ته سٺيون لڳيون، پر ٽين وائي (جيڪا شروع ۾ ڇپيل آ) اُن مزو نه ڏنو. ان وائيءَ مان مصنوعيت جهلڪي ٿي.

تون جي منهنجو ساٿ ڏين
دنيا جو مان ڪنگ
موبائيل جي رنگ ڏک سک آڻي پاڻ سان
ساڻي تنهنجي هوند ڪٿان مان
نيڻن جي پولنگ
موبائيل جي رنگ
ڏس سک...

بلوچ صحبت، نماڻي صديق مهيسر، اداسي جکراڻي، امر ساحل ۽ عنايت لغاريءَ جي شاعري پڻ وڻي.

حنيف عاطر جي غزل جي مطلع،

کهڙي جهوني مڪان ۾ آهيان
ڄڻ عجب ڪنهن جهان ۾ آهيان

جي باري ۾ راءِ محفوظ رکان ٿو. چوته سڄو غزل ئي ڪنهن جي رنگ ۾ رڱيل آهي.

باقي سندس ٻه شعر

ٿي هن ساڻ گفتگو آهي
دل اسان جي لهُو لهُو آهي
۽ سندس ٽيون غزل به چڱو لڳو،
ڇا بدن شاداب آهي رقص ۾
عرش تي مهتاب آهي رقص ۾ .

نثر واري ڀاڱي ۾ اول ته مون اوهان جو مضمون پڙهيو. 'چوٿا تيل چنبيليا' ڪتاب جي حوالي سان اوهان نئين ٽهيءَ جي شاعرن جي شاعريءَ جو ڀرپور نمونيِ ڇيد ڪيو آهي. جيترا سٺا شاعر آهيو، ايترا ئي سُٺا نقاد پڻ. بدقسمتيءَ سان اسان وٽ نقادن جي کوٽ آهي جنهن ڪري معياري شاعرن کي به اهو مانُ نه ملي سگهيو آهي. يا سندن الڳ سڃاڻپ قائم نه ٿي سگهي آهي. اوهان هر شاعر جي روح تائين رسائي پائي ٿا وڃو. پنهنجي تجزئي ۾. ۽ سندس شاعراڻي حاصلتا کي نروار ڪريو ٿا ۽ اهو کولي سمجهايو ٿا هن جي فن جي Treatment ڪهڙي قسم جي آهي؟ اوهان مجموعي طور به نئين ٽهيءَ جي خامين عيبن کي نروار ڪيو آهي ته انفرادي طور هر شاعر جي فن جي حسناڪيءَ جي تحسين جو پڻ حق ادا ڪيو آهي. هونئن به اوهان جهڙو نقاد ئي سٺي تنقيد لکي سگهي ٿو جيڪو ٽي ايس ايليٽ جيان خود شعري لوازمات کان واقف هجي.

'شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار' ڪتاب جو تنقيدي جائزي جي قسط ٻي ڏاڍي سگهاري لڳي ۽ قربان ٻگٽيءَ جو اياز جي شاعري ۽ شخصيت پڙهندڙن کي گهڻو ڪجهه اياز ۽ ان شاعريءَ جي متعلق سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. "ادب ۽ جماليات، نصير سومري جو فرضي ادبي مذاڪرو ڏاڍو دلچسپ به لڳو ته فهم ڀريو به.

نصير مرزا جو نثر ڏاڍو دلڪش هوندو آهي. هن جو پنهنجو انداز آهي. ۽ اُن ئي انداز ۾ لکيل سندس سليف پورٽيٽ به ڏاڍو وڻيو. ۽ پاءُ امين چانڊئي خوشبو خوشبو ماٺهو جي عنوان سان ڪيس سٺي ڀيٽا ڏني آهي. باقي ٿورڙو ڪجهه رسالي ۾ موادرهيو آهي جيڪو نه پڙهي سگهيو آهيان. منهنجي اها عادت رهي آهي ته مان ڪوبه رسالو سڄو نه پڙهندو آهيان. فهرست ڏسي پنهنجي مزاج جون شيون پڙهندو آهيان باقي ايندڙ جنم ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏي ڏيندو آهيان.. ■

# غزل

## فراخ جانوري

اسانجي شاهه جي ٻولي
وڏي ويساهه جي ٻولي
سڃاڻن ٿيون اکيون ئي بس
اکين جي چاهه جي ٻولي
هلي اڄ ڪلهه پئي جڳ ۾
رڳو ڀيچ ڏاهه جي ٻولي
سوا تو ساهه ساڙي ٿي
ورهه جي باهه جي ٻولي
اسان وٽ گهٽ ئي سمجهن ٿا
سُپت ساڃاهه جي ٻولي

## بيتاب ناپر

چيلهه تي هَٿُ رکي در ۾ بيٺي هُئي
ڄڻ ته ڪنهن فلمي منظر ۾ بيٺي هُئي
خون ڪنهن جو الئه جي ڪندي ظالمڻ
هٿ وجهيون هُوءَ خنجر ۾ بيٺي هئي
'ڏير، توکي نه وڪڻڻ نياڻيون ڏينديس'
جنگ جهڳڙو ڪيون گهر ۾ بيٺي هُئي
مڙس جي مُئي ڪانپوءِ پيٽ پالڻ جي لاءِ
ڏاند جو ٿيون بيواهه هَرَ ۾ بيٺي هُئي
سينڌ سُرمو ڪري ڏڻ رُڏن جو ڪڏي
لٽ ڪنيون هيڪلي ٻَرَ ۾ بيٺي هُئي
ڪين بارش وُٺي ۽ نه ڏڪڙا لٿا
هوءَ ڪشتو جهليون ٿَرَ ۾ بيٺي هُئي.

## امين چانڊيو

توکي جو ڏسي وٺون ٿا
ڪجهه شعر لکي وٺون ٿا
مرکي ڪٽي تي نگاهون
سُرهاڻ پسي وٺون ٿا
تون خواب ۾ ٿي اچين
ماڻي ڪا خوشي وٺون ٿا
ڪا حسن مان تُنتنهنجي فڪري
ڄڻ ڪا روشني وٺون ٿا
پرڇائي تو يا نه، ٿورو
اڄ پاڻ رُسي وٺون ٿا.